# سينيما ڪهاڻي

ناظر محمود

ترجمو: اسلم خواجا

پروگريسو ڪتاب پبلشرس، ڪراچي

ڪتاب جو نالو : سينيما ڪهاڻي

ليکڪ : ناظر محمود

ترجمو : اسلم خواجا

حق ۽ واسطا : ناظر محمود

ٽائيٽل : سجاد اڪبر

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ : نور محمد سميجو

پبلشر : پروگريسو ڪتاب پبلشرس، ڪراچي

قيمت : رپيا

:

# فهرست


1. ايگوانا جي ملڪ ۾ ........ 5
2. هتان ڪان ابد تائين ڏڪاريل ........ 11
3. فرينڪ سناترا، ايوا گارڊنر ۽ سندن فلمون ........ 17
4. اودغان جي دعوت (Audran's Feats) ........ 22
5. ٽام، جنهن سمورا تصور بدلائي ڇڏيا ........ 26
6. هندستان جون هدائتڪار عورتون ........ 30
7. مزاحمتي سينيما ........ 36
8. اڙدو ۽ هنديءَ جو شاندار شاعر گوپال داس نيرج ........ 42
9. فرانڪو زيفيريليءَ جون فلمون ۽ اوپيرا ........ 50
10. گريش ڪرناڊ، ٽيپو ۽ تغلق ........ 55
11. رشي ڪپور ۽ عرفان خان ........ 60
12. "جيڪو ٿيڻو هوندو سو ٿيندو" ڪي سراسرا ........ 70
13. انور ڪانگو ۽ قتل غارت ........ 75
14. فرانسيسي هدائتڪار گوداغ ........ 81
15. ناميارِي فرانسيسي اداڪارا جين مورو ........ 86
16. انبوهه هٿان قتل تي ٺهيل فلمون ........ 90
17. چاليهه ورهيه پراڻي فلم "بڻ بڻياد" (Roots) ........ 97
18. هڪ شاهڪار جا سئو ورهيه ........ 101
19. ... ويل جو ڪو ڏس پتو! ........ 107
20. ناول تي ٻڌل فلمون ........ 113
21. سرد جنگ تي فلمون ........ 118
22. باڪسر سلور اسڪرين تي ........ 123
23. سرڪشيءَ جو حوصلو ........ 128
24. واچوڙن سان ٽڪرائجندڙ عورتون ........ 133
25. لڏپلاڻ جي موضوع تي فلمون ........ 139
26. موهيندڙ ذهنن جون رانديون ........ 147
27. سائنسدانن تي سوانحي فلمون ........ 153
28. PK جي منطق ........ 158
29. هيرو، جيڪو سئو ورهين جو ٿي ويو ........ 164
30. پولينڊ جي سينيما جو عظيم ستارو ........ 168
31. عباس ڪيا رُستمي ........ 172
32. فطرت ۽ سينيما ........ 176
33. پهرين مهاڀاري لڙائي، سينيما جي پڙدي تي ........ 181

# ايگوانا جي ملڪ ۾

فن ۽ شاعري اهڙيون سگهاريون قوتون آهن جيڪي نراسائيءَ واري صورتحال ۾ به اُميد جو ڏيئو ڏکائي ٿيون رکن.

جهڙي ريت چارلس ڊڪنز کي پڙهڻ بنان ايڪويهين صديءَ جي برطانيا کي سمجهڻ ڏکيو آهي، ساڳي ريت جيڪڏهن اوهين ويهين صديءَ جي امريڪا کي سمجهڻ چاهيو ٿا ته انجي ٽن عظيم ترين ناٽڪ نويسن آرٿر ملر، يوجين ۽ ٽيني سي وليز کي پڙهڻ کانسواءِ اِهو ممڪن نه ٿيندو.

اِها ڳالهه بحث جوڳي آهي ته ٽنهي مان وڌيڪ بهتر ڪير آهي، پر هت اسين رڳو ٽيني سي وليز بابت ئي ڳالهه ٻولهه ڪنداسين. جيتوڻيڪ سندس ناٽڪ "اي اسٽريٽ ڪار نيمڊ ڊزائر" (A street car named Desire)، ۽ "ڪيٽ آن اي هاٽ ٽن روف" (Cat on a Hot Tin Roof) کي وڏي مڃتا ملي پر سندس ناٽڪ "دي نائيٽ آف دي ايگوانا" (The Night of Iguana) تي ناقدن گاڏڙساڏڙ ردعمل جو اظهار ڪيو. اِهي ٽئي ناٽڪ جڏهن فلم جي صورت ۾ پيش ڪيا ويا ته بهترين نتيجا سامهون آيا ۽ فلم ڏسندڙن انهن کي انتهائي ساراهيو. منهنجي خيال ۾ فلم Cat on a Hot Tin سڀ کان وڌيڪ ڀلي فلم هئي جنهن ۾ ايلزبيٿ ٽيلر ۽ پال نيومين مرڪزي ڪردار ادا ڪيا. انڪانپوءِ A street car named Desire جو نمبر ٿو اچي، جنهن ۾ مارلن براندو ۽ ديوين لي اعليٰ اداڪاري ڪئي آهي، ان کانپوءِ فلم The Night of Iguana رکندس جنهن ۾ ايوا گارڊنر ۽ رچرڊ برٽن اداڪاري ڪئي آهي.



اعليٰ ادب ۽ تخليقي فن زمان مڪان جون حدون اورانگهي ويندا آهن. ٽيني سي وليمز اهڙوئي هڪ ذات ڏٺي هو جنهن جا ڪردار ۽ موضوع پنهنجي ملڪ جي سرحدن ۽ پنهنجي دور جي ڪيفيتن کان اڳتي نڪري چڪا آهن. هو ويهين صديءَ جي وچ واري امريڪا يا ميڪسيڪو ۾ به اهڙو ئي رهيو آهي جهڙو اڄوڪي پاڪستان يا ڀارت ۾.

انهن کي ايگوانا جا ديس سڏي سگهجي ٿو. ايگوانا اصل ۾ ڪرڙي جهڙو هڪ جانور آهي جيڪو جهنگ ۾ آزاداڻي طور تي گهمي ڦري ٿو پر ان سان مختلف قصا لاڳاپيل آهن انڪري ماڻهو ان کي پڪڙي ٿا رکن ۽ ڪجهه ملڪن ۾ ان کي رڌي کاڌو پڻ وڃي ٿو.

ٽيني سي وليمز ايگوانا کي هڪ علامت طور ڪتب ٿو آڻي جنهن جون ڪيترين ئي معنائون ڪڍي سگهجن ٿيون، پر گهڻي ڀاڱي نقاد ان ڳالهه تي سهمت آهن ته هت ايگوانا انساني جوش ۽ جذبي جي علامت آهي. هن ناٽڪ ۽ فلم ۾ اسين ايگوانا کي ٻڌل ٿا ڏسون، جنهن تي سماجي قوتن روڪ لڳائي آهي يعني انساني جوش ۽ جذبو جيڪي آزاد هئڻ گهرجن، سي ٻانڌي آهن.

ناٽڪ ۽ فلم جي اسڪرين پلي ۾ يقيني طور ڪجهه فرق آهي. ناٽڪ ۾ هڪ پراڻي هوٽل ڏيکاريل آهي. جيڪا ميڪسيڪو جي ساحلي علائقي ۾ آهي جڏهن ته فلم ڏسندڙن کي هڪ مختلف ماڳ تي نيو تي وڃي.چاڪاڻ جو هدائتڪار جان هوسٽن ڪئميرا سان مختلف ماڳن تي

شوٽنگ ڪري فلم کي سگهارو تو بڻائي.

ناٽڪ جي مُنڍ ۾ هڪ اڳوڻو پادري ڪجهه وهي چڙهيل عورتن سان ساحلي هوٽل تو اچي. اِهي عورتون امريڪي آهن ۽ وندر ۾ گهڻي دلچسپي نٿيون رکن. هوٽل ۾ هڪ ايگوانا ٻڌل آهي ۽ لاڳيتو پنهنجي رسي ڇڪي رهي آهي.

جڏهن تہ فلم جو شروعاتي ڏيک ناٽڪ کان بنهہ مختلف آهي. ان ۾ رچرڊ برٽن هڪ پادري آهي جيڪو هڪ چرچ ۾ خطبو پيو ڏئي. ايئن ٿو لڳي تہ جڻ پادري سموري مذهبي قيادت جي نمائندگي ٿو ڪري جيڪا حواس وڃايل آهي. هو اِهو ڪجهہ ٿو چوي جيڪو پاڻ بہ نٿو سمجهي، يعني خطبن جو ڪو سر پير ئي نہ هوندو آهي پر پوءِ بہ مذهبي پيشوا تقريرون ڪندا رهندا آهن. فلم جو پادري پنهنجي عقيدن تي پاڻ ئي مڪمل ايمان نٿو رکي پر خوداعتماديءَ وارو ماحول برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪندو ٿو رهي.

خطبو اڳتي وڌڻ تي پادري پنهنجو پاڻ تي شديد دٻاءُ ٿو محسوس ڪري ۽ وقلڻ ٿو لڳي. پنهنجي ئي خطبي تي ڪيس شڪ شبهو ٿو پيدا ٿئي ۽ هو ڏيان نہ پيو ڏري سگهي. سنڌس ٻڌندڙ حيران پريشان ٿا ٿين تہ پادري دانهون ڪوڪون ڪندي اهڙيون ڳالهيون ٿو ڪري جيڪي ڪنهن پادريءَ جو وڙ ناهن. هو چوي ٿو:

”اُئون ڪنهن اهڙي جبار ۽ قهار پوڙهي مڙس جي شان ۾ قصيدا نٿو پڙهي سگهان جنهن تي توهين ايمان ٿا آڻيو.توهان محبتن جي خدا کان پاسو ڪري ڇڏيو آهي ۽ پنهنجي لاءِ اهڙا ظالم، جابر ۽ اڏ ڇريا خدا تخليق ڪيا آهن جيڪي دنيا تي ئي ٿا الزام ڌرين اِءِ انهن ماڻهن تي جن کي هنن پاڻ تخليق ڪيو آهي، جن کي ٺاهڻ ۾ خود خدا جي غلطي شامل آهي.“

”پنهنجون دريون بند ڪريو، دروازا بند ڪري ڇڏيو ۽ دلين کي ڪلف چاڙهي ڇڏيو.“

ظاهر آهي ان ڪانپوءِ پادريءَ کان سنڌس نوڪري کسجي ٿي وڃي پر هو ڪليسا هٽان پنهنجي برطرفيءَ کي مڃڻ کان انڪار ڪندي دعوا ٿو ڪري تہ هو اڃان تائين پادري آهي ۽ پنهنجي اُڏمن کي ڇيڻياٽيندو ٿو رهي.پوءِ ڪيس سياحن جي گائيڊ واري نوڪري ٿي ملي جنهن لاءِ ميڪسيڪو ايندو ويندو ٿو



رهي. سياحن جي سونهين ٿيڻ ۾ ڪيس هڪ خاص قسم جي تسڪين ٿي ملي جيڪا ان ڳالهہ جي علامت آهي تہ مذهبي پيشوا هر حالت ۾ پنهنجو پاڻ کي ٻين جي اڳواڻ يا سونهين طور برقرار رکڻ ٿو چاهي.

ٽيني سي وليمز پنهنجو ڪردار اهڙي ريت جوڙيو آهي جو هو لاڳيتو ٻڙ ٻڙ ڪندو ٿو رهي ۽ مونجهاري ۾ پيل دماغ جو مالڪ آهي. انهيءَ ناٽڪ ۾ هڪ ڪانسواءِ سموريون عورتون وڏي ڄمار واريون آهن. فقط هڪ نوجوان ڇوڪري آهي جيڪا پادريءَ جي پريت ۾ ٿي ڦاسي. انهن سياحن ۾ هڪ عورت انهيءَ ڇوڪريءَ جي سرپرست آهي ۽ سنڌس نگراني ڪندي ٿي رهي. گڏوگڏ هوءَ سمورن سياحن جي اڳواڻي بہ ڪرڻ ٿي چاهي. ۽ پادريءَ کي بہ هيسائيندي ٿي رهي.

هيءَ وڏي ڄمار واري عورت هڪ اهڙي اسٽيبلشمنٽ آهي جيڪا هر فرد ۽ شئي تي نظر رکڻ ٿي چاهي. ظاهري طور تي هوءَ مائٽن جهڙو ڪردار ٿي ادا ڪري پر اصل ۾ هوءَ ولن آهي جنهن لاءِ ٻين جي آزادي اڻوڻندڙ آهي ۽ پاڻ کي ٻين جو محافظ ٿي ليکي. هوءَ تفريح جا رنگ ٿي ڦٽائي. هوءَ روائتن جي پاسبان آهي ۽ نام نهاد قدرن واسطي مرڻ مارڻ لاءِ تيار آهي. سنڌس دور گذري چڪو آهي پر پوءِ بہ ٻين جي سفر جي ڏسا طئي ڪرڻ لاءِ ٻُنڌ ڏيو ويٺل آهي.

فلم ۾ اسين ڏسون ٿا تہ ميڪسيڪو جي هڪ ڳوٺاڻي تاڪ ۾ هڪ ڪٽاري بس ۾ سفر ڪندي سياح وڃن پيا.ڪين نظر تو اچي تہ رستي سان لڳو لڳ مقامي ماڻهو ايگوانا جهليو بيٺا آهن. قطار پويان قطار ڪري ويٺل اِهي ماڻهو ايگوانا هٿن ۾ اُڀي ڪري پرڏيهين کي وڪرو ڪرڻ ٿا چاهين.

ايگوانا جيڪا انساني جوش ۽ جذبي جي علامت آهي، مقامي واپارين وٽ قيد آهي. واپاري ان کي جوڳي اگهہ تي وڪرو ڪرڻ لاءِ تيار آهن. هر پاسي ايگوانا نظر ٿي اچي جيڪا ڪاٿي بہ سگهجي ٿي. مقامي ماڻهو ايگوانا تي نظر پوندي ئي ان پويان ڊوڙ ٿا وجهن تہ جيئن پڪڙي سگهجي. ان لاءِ چار بہ پڪيڙيا ٿا وڃن ۽ ڪوڙڪيون بہ وڏيون ٿيون وڃن. ايگوانا جو ديس انساني جوش ۽ جذبي سان ٽمٽار آهي پر انهيءَ اُڏمي تي ڪنهن بہ وقت پنجوڙ وجهي سگهجي ٿي.

ڪتاري بس ۾ پادري ۽ وهي چڙهيل عورت وچ ۾ سرد جنگ جاري آهي، يعني مذهبي پيشوا ۽ اسٽيبلشمنٽ هلڪي ڦلڪي انداز ۾ هڪٻئي سان هٿين پيل آهن، جهڙي ريت پاڪستان جهڙن ڪيترن ئي ملڪن ۾ ٿيندي ٿو. انهن ملڪن ۾ انساني جذبو اتم آهي پر اِهو هرهنڌ جوکم جو شڪار آهي.

بس ۾ عورت جو حڪم ٽاريندي پادري بس پنهنجي هٿ وس ٿو ڪري ۽ تيز رفتاري سان هلائيندي اُها هڪ اهڙي رستي ڏانهن ٿو ڪاهي وڃي جنهن تي ڪوبه وڃڻ نٿو چاهي جيڪو هو فقط پراڻي هوٽل تي سڪون ماڻڻ لاءِ ٿو ڪري. هوٽل جي مالڪياڻي هڪ وڏي ڄمار واري عورت آهي جنهن جا ساٿي مقامي ڇوڪرا آهن. هوٽل جي مالڪياڻي به هڪ اهڙي واپاري طبقي جي نمائندگي ٿي ڪري جنهن پنهنجي گراهڪن جي وندر لاءِ ايگوانا ٻڌي رکي آهي.

ايگوانا کي ڪارايو پيارو ٿو وڃي جيتوڻيڪ ان کي ٻڌي ٿو رکجي. انهيءَ واپاري عورت پنهنجو ڪردار انتهائي شاندار انداز ۾ نڀايو آهي. هوءَ پادري يعني رڃرڍ برتن کي موهڻ ٿي چاهي. هاڻ وهي چڙهيل عورت يعني اسٽيبلشمنٽ، هوٽل جي مالڪياڻي يعني واپاري طبقو ۽ ڪنهن به معاشري جو نام نهاد مذهبي اڳواڻ هڪ قسم جي ڇڪتاڻ ۾ ڦاٿل آهن ۽ هرڪو ٻئي تي برتري حاصل ڪري پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ ٿو چاهي. انهيءَ قسم جي ڏند چڪ اسين اڪثر ملڪن ۾ پروڙيون ٿا جتي ايگوانا ٻڌل آهي ۽ انساني جوش ۽ جذبي کي انتهائي ننڍڙي رسيءَ سان ٻڌو ويو آهي يعني اُهو گهڻو پري/دير تائين وڃڻ کان قاصر آهي.

هاڻ ناٽڪ ۾ فلم ۾ به وڌيڪ دلچسپ ڪردار ٿا داخل ٿين. هڪ چترڪار ۽ ٻيو سندس شاعر ڏاڏو. چترڪار هڪ سهڻي عورت آهي جنهن جو ڪردار اداڪارا ڊيبراڪار نڀايو آهي جڏهن ته جهونو شاعر مرڻينگ حالت ۾ آهي. اهي ٻئي انهيءَ صورتحال ۾ ڪجهه تبديليءَ جو سبب بڻيا.

چترڪاري ۽ شاعري اهڙا فن آهن جيڪي نراسائي وارن ڏينهن ۾ اُميد جو ڪرڻو ٿا آڻين. اها چترڪار عورت ۽ سندس ڏاڏو هڪ طرح جا لاڏائو آهن ۽ جتي ڪٿي گهمي ڦري ماڻهن جو پنهنجي چترن ۽ شاعريءَ سان من وندرائي ڪجهه ڏوڪڙ ڪمائي گذرسفر ٿا ڪن.



هُو ٻئي کي ناميارا فنڪار ناهن پر منجهن اِها صلاحيت آهي جو ڏکن دولاون ۾ ڦاٿل ماڻهن کي وندرجا ڪي پل فراهم ڪن. وهي چڙهيل عورت يعني اسٽيبلشمنٽ آزاد صفت چترڪار ۽ شاعر کي پسند نٿي ڪري ڇاڪاڻ جو هوءَ سيني کي پنهنجي هٿ وس ٿي رکڻ چاهي ۽ پادريءَ کي به من ماني ڪرڻ نٿي ڏئي.

ساڳي ريت واپاري عورت يعني هوٽل جي مالڪياڻي به کين ناپسند ٿي ڪري ڇاڪاڻ جو سندس پنهنجا مفاد آهن جن کي چترڪاري ۽ شاعريءَ مان نقصان رسي سگهي ٿو.

وهي چڙهيل عورت جي هٿن مان راند نڪرڻ تي لڳي ته هوءَ پوئتي پير ڪري سياحن سان بس پري هوٽل مان نڪري ٿي وڃي. پادري ٻيهر وڦلڻ ٿو لڳي ته هوٽل جي مالڪياڻي پنهنجي ملازم ڇوڪرن جي مدد سان ڪيس ٻڌي ٿي ڇڏي. ٻڌل حالت ۾ پادريءَ جي ڳچيءَ ۾ لٽڪندڙ صليب سندس ڳچيءَ ۾ ڦاهو ٿي ٻڻجي جنهن وگهي هو مري پئي سگهيو پر آخرڪار چترڪار سندس واهر لاءِ ٿي پهچي ۽ صليب جو لاڪٽ ڪڍي پادريءَ کي آزاد ٿي ڪري. هڪ مرحلي تي پادري چوي ٿو:

"ماڻهو وٽ ٿورڙي ئي جذباتي پاڇي هوندي آهي ۽ منهنجي اِها پاڇي ختم ٿي چڪي آهي. اِها بلڪل خالي ٿي چڪي آهي. هاڻ آءٌ پنهنجي جذباتي پاڇيءَ مان ڪجهه به نٿو ڪري سگهان.هاڻ آءٌ اڏمن ڪان بلڪل وانجهيل آهيان." اهوئي اوهان جو مذهبي پرت آهي. چترڪار پادريءَ کي مچرائي ٿي ته هو ايگوانا کي آزاد ڪري جيڪا ٻاڪاريندي رسي چڪي رهي آهي ۽ آزاد ٿيڻ ٿي چاهي. ان کي آزاد ڪري پادري چوي ٿو، "مون هينئر خدا جي هڪ مخلوق کي آزاد ڪيو آهي ته جيئن اُها قيد کان آجي ٿئي ۽ ڊوڙندي ڪڏندي پنهنجي گهر وڃي ۽ آزاديءَ سان گهاري."

چترڪار کي پنهنجي ڏاڏي جي روپ ۾ ماضيءَ سان ڳانڍاپو ٿو ملي پر جهونو شاعر پنهنجو آخري نظم پڙهائي گذاري ٿو وڃي ۽ آخر ۾ چترڪار پنهنجي سفر تي رواني ٿي ٿئي.

# هتان کان ابد تائين ڏکاريل

جيڪڏهن اوهان جيمز جونز جو ڪتاب From Here to Eternity پڙهيو آهي يا ان تي ٺهيل فلم ڏٺي آهي ته اوهان کي انهيءَ ڪتاب ۾ اڄوڪي پاڪستان ۾ تمام گهڻيون هڪجهڙايون نظر اينديون. ڪڏهن ڪڏهن ته لڳندو آهي ته اسين به هتان کان ابد تائين ڏکاريل ٿي رهنداسين.

جيمز جونز پنهنجي ڪتاب جو سرورديارڊ ڪپلنگ جي 1892 ۾ لکيل هڪ نظم تان کنيو آهي. نظم جو سرو هو Gentlemen Rankers - ڪپلنگ اهو نظم هڪ گيت جي روپ ۾ لکيو هو جيڪو برطانوي شاهي فوج جا سپاهي مشق ڪندي يا محاذ تي ڳائيندا هئا. هنن پنهنجون حياتيون داءُ تي لڳايون ۽ کين پتو هو ته هو هتان کان ابد تائين ڏکاريل آهن يعني رد ڪيل آهن ۽ شايد هنن واسطي نجات جو ڪو ٻيو رستو ئي ناهي.

پر هو شڪايت نٿي ڪري سگهيا، فقط ڳائي ئي ٿي سگهيا. جيمز جونز نظم جي جنهن ٽڪري مان پنهنجو سرو چونڊيو آهي، سو هن ريت آهي:

Gentlemen- rankers out on the spree,
Damned from here to Eternity,
God have mercy on such as we,

اِهو سوال اُٿاري سگهون ٿا ته جيڪڏهن سپاهين کي پتو هو ته هو هتان کان ابد تائين ڏکاريل ئي رهندا ته پوءِ هو گيت ڇو پيا ڳائين؟ ڏکاريل هئڻ ڪا چڱي ڳالهه ته ڪونهي جو ان تي گيت ڳائجن. شايد هو پنهنجي



ڪارج ڏانهن اشارو ڪري رهيا هجن جيڪو وطن لاءِ موت يا "شهادت" جي عيوضي ۾ کين ملڻ جو وعدو ڪيو ويو آهي جيڪو اصل ۾ رڳ به ٿي سگهي ٿو پر ڇا اِها گيت ڳائڻ جي ڳالهه آهي يا روئڻ جي.

جيڪڏهن اسين اِها ڳالهه سمنڊ پار کان ننڍي ڪنڌ آڻيون ۽ پاڪستان جهڙي ملڪ تي لاڳو ڪريون ته هت ڪا مثبت ڳالهه حاصل ڪري سگهجي ٿي؟ پر هتي به جيڪڏهن ڪجهه عرصي ۾ اوهان کي وساري ڇڏجي ته پوءِ انهن سپاهين جي محاذ تي وڃڻ، گيت ڳائڻ ۽ وڙهندي پنهنجي زندگي گهورڻ جو ڪهڙو ڪارج ٿو بڻجي؟

شايد ان جو دارومدار انهيءَ ڳالهه تي هوندو ته اوهان ڪهڙي ڳالهه، مقصد يا آدرش لاءِ وڙهي رهيا آهيو ۽ ڪهڙن اڳواڻن اوهان کي انهيءَ صورتحال ۾ ڌڪيو آهي.

هتان کان ابد تائين ڏڪاريل هئڻ هڪ اڻکٽ ڪهاڻي ٿي لڳي. انهيءَ ڪهاڻيءَ جي شروعات ۽ انت ٻئي ايذائيندڙ آهن، جنهن دوران ڪڏهن ڪڏهن روشنيءَ جو ڪو ترورو نظر ٿو اچي.

جيمز جونز ٻين مهاڀاري لڙائيءَ دوران امريڪي فوج ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون هيون ۽ پوءِ 1951 ۾ فقط ٽيهن سالن جي ڄمار ۾ اِهو ناول لکيائين. ڪتاب جو مرڪز اُهي واقعا آهن جيڪي پرل هاربر تي جاپاني حملي کان هڪدم پوءِ سامهون آيا.

اهڙي ئي صورتحال ڏکهي عرصي کان پاڪستان ۾ پيش اچي رهي آهي. ڪتاب جو هڪ مرڪزي ڪردار رابرٽ پريوٽ (Robert Prewitt) جيڪو تازو ئي پرل هاربر پهتو آهي ۽ جنهن جو ڪردار فلم ۾ منٽگمري ڪلفٽ ادا ڪيو آهي، جنهن پنهنجي باڪسنگ وارو پيشو اوڏي مهل ڇڏي ڏنو جڏهن سندس مڪن سان سندس هڪ حريف اکين کان نابين ٿي ويو.

هڪ ٻيو ڪردار فرسٽ سارجنٽ واردين جو آهي جيڪو برٽ لنڪاسٽر ادا ڪيو آهي. انهن ٻنهي کي اسين ڪنهن به معاشري جو عام فرد ليکي سگهون ٿا ۽ اِهو معاشرو پاڪستاني به ٿي سگهي ٿو. ناول ۾ پريوٽ سڀ کان هيٺين درجي وارو رانديگر آهي جيڪو بگل وڄائڻ جو ماهر آهي ۽ سنگيت جو شوقين آهي. هو هڪ عام سپاهي آهي جيڪو بنان سبب جي لڙائي جهيڙو نٿو چاهي. هو عام ماڻهن جي نمائندگي ٿو ڪري جيڪي سادا سودا ۽ امن پسند هوندا آهن ۽ جن جون ڪي وڏيون شاهي خواهشون ناهن. ڪيس ٻين ماڻهن سان گڏجي سڏجي رهڻ پسند آهي. هو محبت جو ڳولائو آهي ۽ عزت احترام ڪرڻ ۽ ڪرائڻ چاهي ٿو. ظاهر آهي ته ڪيس عورتن سان ملڻ جلڻ به پسند آهي، مطلب ته هو هڪ اهڙو عام ماڻهو آهي جيڪو هتان ڪان ابد تائين ڏڪاريل نٿو رهڻ چاهي پر اِهو ئي سندس ڀاڳ آهي.

هو پنهنجي سارجنٽ جو ماتحت هو جيڪو ڪائنس هڪ درجو مٿاهون هو. سارجنٽ کي پنهنجي سپاهين مان ضابطي جي توقع آهي ۽ ان بابت فڪرمند ٿو رهي. سارجنٽ هيٺين وچولي درجي جي نمائندگي ٿو ڪري، جيڪو پاڪستان سميت هر معاشري ۾ موجود آهي. سندس طبقاتي ڪردار ڪيس پنهنجي اعليٰ آفيسر جي سيوا ڪرڻ تي مجبور ٿو ڪري جنهن جو نالو ڪيپٽن هومز آهي ۽ جيڪو پنهنجي ترقيءَ ۾ دلچسپيءَ ٿو رکي ۽ ڪيس پنهنجي ماتحت عملدارن جي ڇڱيلائي سان ڪو خاص سروڪار ناهي. هو چاهي ٿو ته پريوٽ ٻيهر باڪسنگ شروع ڪري ته جيئن سندس يونٽ جي ٽيم سگهاري ٿئي ۽ مقابلا کٽي ته جيئن سولائي سان سندس ترقي ٿي سگهي. ٻيا ٺونشي باز بدمعاشي تي ڪاهيو ٿا پون ۽ پريوٽ جي انڪار تي ڪيس وڙهڻ لاءِ مجرائين ٿا پر هو ڪنهن به ريت ٻيهر باڪسنگ رنگ ۾ وڃڻ لاءِ تيار ناهي ڇاڪاڻ جو هو ٺونشي بازيءَ جا نقصان پلي پت ڄاڻي ٿو.



ڪيس ٺونشي بازيءَ کان وڌيڪ دوستيءَ جي گهرج آهي ۽ ٻين کي ٺونشا هڻڻ سندس ترجيح ناهي پر هو جنهن سرشتي جو حصو آهي سو ڪيس پر امن رهڻ نٿو ڏئي. پريوٽ کي هڪ ڇوڪريءَ سان پيار آهي جنهن جو فلمي ڪردار ڊونارِيڊ ڪيو آهي جنهن تي ڪيس آسڪر ايوارڊ پڻ مليو.

ايلما هڪ عام ڇوڪري آهي جيڪا عام عورتن جي نمائندگي ڪري سگهي ٿي. گڏرسفر ڏکيو ٽيڻ سبب دنيا جي آڳاٽي ترين ڪرت ڏانهن هلي ٿي وڃي. ناول ۾ ته اهو ئي ڏيکاريل آهي پر فلم ۾ ڪيس هڪ ڪلب ۾ ماڻهن جو من وندرائيندڙ طور ڏيکاريو ويو آهي. سندس به سڌ آهي ته هو عزت ڀري زندگي گذاري ۽ هتان کان ابد تائين ڪيس ڏڪاريل نه ٻڌجڻو پوي پر سندس ڀاڳن ۾ اِهو ناهي.

هڪ ٻيو ڪردار ڪيپٽن جي زال جو آهي جنهن جو نالو ڪيرن آهي ۽ جيڪا پنهنجي مڙس جي نظراندازيءَ جو شڪار آهي. جيئن ته ڪيپٽن وچولي طبقي جو هڪ مرد آهي انڪري سندس حرڪتون به اهڙيون ئي آهن. هو پنهنجي يونٽ جي فردن کي پنهنجي مقصد واسطي استعمال ٿو ڪري ۽ مختلف عورتن سان ناتا رکڻ ٿو چاهي.

سندس زال جو ڪردار ناميارِي اداڪارا ڊيبرا ڪار ڪيو آهي جيڪا وچولي طبقي جي هڪ عورت آهي ۽ پنهنجي حالتن مان مطمئن ناهي. هوءَ ويچاري ٿي ته جيڪڏهن سندس ڪيپٽن مڙس ٻين عورتن سان لڳ لاڳاپو رکي سگهي ٿو ته هوءَ اِهو ڪجهه ڇو نٿي ڪري سگهي. ڪيپٽن ڪيس هڪ جنسي مرض ۾ وچڙائي ڇڏيو آهي جنهن سبب سندس حمل ضائع ٿي ويو. ناول ۾ اهوئي ڄاڻايل آهي پر فلم ۾ ڏيکاريو ٿو وڃي ته سندس حمل مڙس جي لاپرواهيءَ سبب ضائع ٿيو، جنهن جي نتيجي ۾ هوءَ سُنڍ ٿي وئي.

ڪيرن جو سُنڍپڻو اصل ۾ سندس ذهني سُنڍپڻي جي علامت آهي جنهن جو شڪار گهڻي ڀاڱي وچولي طبقي جي عورتن کي ٿيڻو ٿو پوي يا وري هو پاڻ شڪاري بڻجي ويندين آهن ۽ اِهو لڳ ڀڳ هر معاشري ۾ ٿيندو آهي جنهن ۾ پاڪستان پڻ شامل آهي.

ڪيپٽن جي زال سُنڍپڻي سان گهارڻ نٿي چاهي، هوءَ هڪ سارجنٽ سان لڳ لاڳاپو ٿي رکي جيڪو سندس مڙس جو ماتحت آهي، اهو سارجنٽ

هيٺين وچولي طبقي جو آهي، شايد ان ڪري منجهس وچولي طبقي وارا اوگڻ ناهن. وڏيڪ پيار ڪندڙ ۽ ٻاجهاري من جو مالڪ آهي. ڪيس حساس انساني دل آهي جنهن ڪان اڪثر وچولي طبقي وارا محروم هوندا آهن يا پنهنجو پاڻ کي ان ڪان محروم ڪري ڇڏيندا آهن. ڪيرن انهن لڳ لاڳاپن لاءِ هڪ طرح جي نجات هن ئي زندگيءَ ۾ حاصل ڪرڻ ٿي چاهي ۽ هوءَ هتان ڪان ابد تائين ڏڪاريل نٿي رهڻ چاهي پر اهو ئي سندس ڀاڳ آهي.

هن ناول ۾ ڏيڪاريل زندگي معاشي ۽ سماجي ناانصافين سان سٿيل آهي. ان ۾ ڪو تقدس ناهي. ان ۾ بيزاري آهي ۽ اڪيلائپ جنهن جو هرڪو شڪار آهي يا گهٽ ۾ گهٽ هر محسوس ڪندڙ فرد انهيءَ بيزاري ۽ اڪيلائپ جو شڪار آهي پوءِ پل ڪو مرد هجي يا عورت. جيڪي بيحس آهن سي پنهنجي ماتحتن کي ڏمر جو نشانو ٿا بڻائين. انهيءَ ڪهاڻي ۽ فلم ۾ روائتي تصورن کي للڪاريو ويو آهي ۽ ظاهري طور تي ٺيڪ ٺاڪ نظر ايندڙ عمارت ۾ سيرون پيل ڏيکاريل آهي.

اهو اهڙن ماڻهن جو داستان آهي جن کي ڏڪاريل نه هئڻ گهرجي يعني ڪين رد نه ڪيو وڃي پر سندن ڀاڳ ئي اهو آهي. انساني خرابيون هوندي به اهي ڪردار پيار ڪرڻ جوڳا آهن ۽ اُهي جن ۾ ڪا خرابي ناهي يا جيڪي ڪامل هئڻ جا دعويدار آهن، تن سان پيار نٿو ڪري سگهجي. ناول انتهائي ڏگهو آهي پر فلم ۾ ان سان مڪمل انصاف ڪيو ويو آهي پر ظاهر آهي ته ان ۾ 1950 واري ڏهاڪي جون رڪاوٽون پڻ آهن، جن هوندي فلم بيباڪيءَ وارا ڏيک ڇني نه پئي سگهي.

اصل ڪهاڻي انتهائي پيچيدي آهي پر فلم ڏسڻ وٽان آهي. فلم ۽ ادب جيڪڏهن بيباڪ ۽ بي ساختا هجن ته اوهان جي ڏاهپ ۽ ادراڪ ۾ واڌ ٿي اچي پر پاڪستان جهڙن معاشرن ۾ معاشرو ڪيترين ئي شيون پڙهندڙن ۽ ڏسندڙن واسطي پيش ڪرن ڪان قاصر هجي ٿو، نتيجي طور اسين ڍونڊ جهڙين تفريحي سرگرمين مان مزو ٿا ماڻيون جيڪي ڪنهن به ٻئي کليل معاشري ۾ قبولڻ جوڳيون نه هونديون آهن. اسانجن معاشرن ۾ قبوليت واسطي ڊبيل ۽ گهٽيل لفظن ۾ اظهار ڪرڻو پوندو آهي جنهن ڪري تخليقي صلاحيتن جو ته ڄڻ جنازو نڪري ويندو آهي. معاشرن ۾ اصل مزو بيرحم،



ظالم ۽ سگهارا ماڻيندا آهن. جنهن جو اظهار شاندار ريت From Here to Eternity ۾ ڪيو ويو آهي.

آخر ۾ ٻن وڏيڪ ڪردارن جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿيندو، سپاهي ميجيو جنهن جو ڪردار فرينڪ سناترا ادا ڪري آسڪر ايوارڊ حاصل ڪيو. هو پريوٽ جو دوست آهي ۽ ذهني ۽ جسماني تشدد جو نشانو ٿو بڻايو وڃي. سندس قاتل هڪ ٻيو ڪردار فيٽ سو آهي جيڪو پنهنجي سماجي برتري ظاهر ڪندو ٿو رهي ڇاڪاڻ جو هو ٿلهو متارو آهي. هو ئي ميجيو کي تشدد ڪري ماري ٿو ڇڏي، پوءِ آخر ۾ انهيءَ قاتل کي پريوٽ نڪاٽي ٿو لڳائي ۽ پنهنجي دوست جو پلاند ٿو ڪري.

انهيءَ ڪهاڻيءَ ۾ ميجيو ۽ پريوٽ انتهائي موهيندڙ ڪردار آهن ۽ عورتن ۾ ايلما ۽ ڪيرن به اهڙيون ئي آهن پر انهن سمورن کي طاقتور ماڻهن هٿان اڍنگو ورتاءُ ٿو سهڻو پوي. وٽن واٽون محدود آهن. ٻئي مرد پنهنجي حياتي وڃائي ٿا ڇڏين جڏهن ته ٻئي عورتون جيئريون ٿيون رهن.

هن ناول ۽ فلم ۾ ڪجهه انتهائي شاندار باب ۽ ڏيک آهن. جيڪڏهن اوهان اِهو ناول ناهي پڙهيو ته گهٽ ۾ گهٽ فلم ضرور ڏسو. پڪ اٿم ته اوهان جا ٻه ڪلاڪ زيان نه ٿيندا.

مون اهو ناول هڪ ڀيرو پڙهيو پر فلم ڪيترائي ڀيرا ڏٺي اٿم ۽ هر ڀيري زندگيءَ ڏانهن وڏيڪ حساس بڻجي ويندو آهيان ۽ اُميد ٿو ڪريان ته آءٌ هتان ڪان ابد تائين ڏڪاريلن ۾ نه ڳڻيو ويندس.

# فرينڪ سناترا، ايوا گارڊنر ۽ سندن فلمون

2018 ۾ هڪ سئو ورهين جي ڄمار ۾ نينسي سناترا جي گذاري وڃڻ سان سناترا گهراڻي ۾ هڪ وڏيڪ ڏکهو باب بند ٿي ويو. نينسي سناترا فرينڪ سناترا جي ٽئِن زالن مان پهرين هئي. هو ٻئي 1939 کان 1951 تائين زال مڙس رهيا پر سندن دوستي 1998 ۾ فرينڪ سناترا جي مرڻ تائين جاري رهي. فرينڪ سناترا جي ٻئي زال ايواگارڊنر هئي، جيڪا پڻ هڪ نامياري اداڪارا هئي.

هت فرينڪ سناترا ۽ سندس زالن جي ڪجهه بهترين فلمن جو ذڪر ڪنداسين جيڪي هنن گڏجي يا ڌار ڌار 1945 کان 1970 تائين ٺاهيون.

فرينڪ سناترا ته شايد ئي ڪنهن فلم ۾ پنهنجي ڪنهن زال سان گڏ آيو هجي پر سندس ٻن زالن يعني ايوا گارڊنر ۽ ميافيرو ڌار ڌار اهڙيون شاندار فلمون ڏنيون آهن جو اڄان تائين فلمن ۾ دلچسپي رکندڙ وڏي چاهه سان اِهي ڏسندا رهن ٿا.



نينسيءَ سان وهانءُ ڪرڻ مهل فرينڪ سناترا راڳيءَ طور پنهنجا پير ڄمائڻ ۾ رڌل هو جڏهن ته نينسي سيڪريٽريءَ طور ڪم ڪار ڪري رهي هئي. 1940 ۾ فرينڪ سناترا جي پيشيوراڻي جيوت ۾ وڏو ڇال آيو ۽ 1945 تائين هو تمام گهڻو اڳتي نڪري چڪو هو. انهيءَ دوران ڪيس نينسيءَ مان ٽي ٻار ٿيا.

فرينڪ سناترا 1945 ۾ جين ڪيليءَ سان گڏ "اينڪرز وي" (Anchers Way) نالي فلم ۾ ڪم ڪيو، جيڪا سندس ڪامياب ترين فلمن مان هڪ آهي.

1949 ۾ ٻيهر هنن گڏجي هڪ ٻئي ڪامياب فلم "آن دي ٽائون" (on the Town) ۾ ڪم ڪيو جيڪا ميوزيڪل (سنگيت ڀري) فلم هئي جنهن ۾ ڪجهه بهترين نرت ۽ گانا، جهڙوڪ "نيويارڪ - نيويارڪ" پڻ شامل هئا. انهيءَ گاني تي نرت ايترو ته شاندار آهي جو ان مان من ۾ اکيون ٽٽيون ڊاپجن ۽ سڌ ٿي رهي ته جيڪر اِهو گيت ختم ٿيڻ بدران هلندو ئي رهي.

انهن ٻن ڪامياب فلمن ڪانپوءِ فرينڪ سناترا ته ڄڻ هوائن ۾ اُڏرڻ لڳو هو ۽ ان دوران نينسي کي پوئتي ڇڏي ڏنائين. انهن ڏينهن ۾ هڪ نئين اداڪارا ايواگارڊنر سامهون آئي جنهن جي سونهن انتهائي موهيندڙ هئي. چوويهن ورهين جي ڄمار ۾ ايواگارڊنر کي "دي ڪلرز" (The Killers) نالي فلم ۾ پهريون ڀيرو ڪردار مليو. ارنيسٽ هيمنگوي جي ڪهاڻيءَ تي ٺهيل انهيءَ فلم ۾ برٽ لنڪاسٽر مرڪزي ڪردار ادا ڪيو.

انهيءَ فلم ۾ ايواگارڊنر جي اداڪاري شاندار هئي ۽ هن پاڻ کان گهڻو وڌيڪ تجربيڪار اداڪارن آڏو انتهائي اعتماد سان ڪم ڪيو جن ۾ ايڊمنورو برائن پڻ شامل هو، جنهن 1939 ۾ "هنچ بيڪ آف ناٽريڊم" فلم مان شهرت ماڻي هئي.

1950 تائين فرينڪ سناترا نه رڳو اداڪاري پر نرت ۽ ڳائڻ وسيلي فن جي دنيا ۾ پنهنجا پير کپائي چڪو هو، انڪري نوجوان ايواگارڊنر سان پريت جا پيچ اٽڪائڻ هن لاءِ ڪو ڏکيو معاملو نه هو.

نينسيءَ کي پڪ هئي ته فرينڪ جا اهڙا ڪيترائي لڳ لاڳاپا آهن. 1951 ۾ سندن طلاق ٿي وئي ۽ فرينڪ ايوا سان وهانءُ ڪيو . 1950 واري

ڏهاڪي جي شروعات ۾ ايواگارڊنر ۽ فرينڪ سناترا ٻئي هڪٻئي پويان ڪامياب فلمون ڏئي رهيا هئا. 1952 ۾ ايوا، هيمنگوي جي ڪهاڻيءَ تي ٺهيل هڪ ٻئي فلم "دي سنوز آف ڪليمنجارو" ۾ ڪم ڪيو جنهن ۾ گريگوري پيڪ ۽ سوزان هيو مرڪزي ڪردار ادا ڪيا هئا. اِها ڪهاڻي هڪ اهڙي ليکڪ بابت هئي جيڪو افريڪا ۾ شڪار ڪرڻ دوران گهائجي ٿو پوي ۽ پوءِ نيم بيهوشيءَ واري ڪيفيت ۾ پنهنجي شروعاتي حياتيءَ بابت ٿو ويچاري، انهيءَ ڪيفيت ۾ هو پنهنجي پيار جي ناڪامين ۽ لکڻين بابت ٿو ڳالهائي.

جيڪڏهن اوهين صحافي آهيو ته انهيءَ ڪهاڻيءَ ۾ ٿي سگهي ٿو ته اوهان کي پنهنجي زندگيءَ سان ڪا هڪجهڙائپ نظر اچي، ڇاڪاڻ جو چيو ويندو آهي ته هر صحافيءَ ۾ هڪ ناڪام ليکڪ هجي ٿو.

انهيءَ فلم ۾ ايواگارڊنر سنٿيا جو ڪردار ادا ڪيو آهي جيڪا انهيءَ ليکڪ جو پهريون پريم هئي، جنهن ساڻس شادي ڪرڻ ٿي چاهي پر ليکڪ صاحب کي گهمڻ ڦرڻ جو شوق وڌيڪ هو ۽ انهيءَ چڪر ۾ سنٿيا وڃائي وينو.

1953 ۾ ايواگارڊنر ۽ فرينڪ سناترا فلمي آڪاش تي پنهنجي اُڏام جاري رکي. هنن "فرام هيئر ٽو ايٽرنٽي"، "ينگ ايٽ هارٽ" ۽ "موگامبو" جهڙين فلمن ۾ ڏار ڏار ڪم ڪيو. انهن سمورين مان سڀ کان پهرين "فرام هيئر ٽو ايٽرنٽي" هئي جنهن جو هدائتڪار فريڊ زينيمان هو. انهيءَ فلم ۾ فرينڪ سناترا سان گڏ برٽ لينڪاسٽرا ۽ نوجوان منٽگمري ڪلفٽ ۽ هڪ موهيندڙ ناري ڊبيرا ڪار هئا. هيءَ انهن شروعاتي فلمن مان هڪ هئي جيڪي هوائي ۾ پرل هاربر تي 1941 ۾ جاپاني حملي جي پسمنظر ۾ ٺاهي وئي هئي. فرينڪ سناترا کي انهيءَ فلم ۾ ساٿي اداڪار جو آسڪر ايوارڊ پڻ مليو. انهيءَ فلم ۾ فرينڪ سناترا اينجلو ماجيو جو ڪردار ڪيو جيڪو گهڻ ڳالهائو پر چڱو ماڻهو هو ۽ هر هر ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسي ٿي پيو ڇاڪاڻ جو سندس سپاهه پرم دار هو.

فرينڪ سناترا ماجيو جو ڪردار اهڙي ريت نڀايو آهي جو مٿس پيار ٿو اچي ڇاڪاڻ جو هو پاڻ به هڪ محبتي ماڻهو آهي جنهن کي پنهنجي ڪٽنب ۽ دوستن سان پيار آهي ۽ هو انهن جو احترام ٿو ڪري ۽ اِهو ڪندي هڪپيرو چاقو بازيءَ ۾ ٿو ڦاسي پوي. فرينڪ ان ۾ پنهنجي ڪردار جي



خوبين ۽ خامين کي آڏو آڻدو آهي جنهن ڪري کيس ان تي آسڪر ايوارڊ پڻ مليو.

ڪل اٺ آسڪر ايوارڊ حاصل ڪندڙ اِها فلم اڄ به ڏسڻ جوڳي آهي. 1953 ۾ ٺهندڙ "موگامبو" جنهن ۾ ايوا گارڊنر سان گڏ ڪلارڪ گيبل ۽ گريس ڪيلي پڻ هئا، ڏسندڙن جا من ڪٽي ورتا. انهيءَ فلم ٺهڻ دوران ايواگارڊنر فرينڪ مان ڳورهاري هئي پر سندس حمل ضائع ٿي ويو، جنهن جو هڪ سبب افريڪي جهنگ جي گرمي هئي، جتي انهيءَ فلم جي شوٽنگ ٿي رهي هئي.

اصل ۾ موگامبو 1932 ۾ ٺهندڙ ڪلارڪ گيبل جي ئي فلم "ريڊ دسٽ" جو نقل هئي ۽ هاڻ ايواگارڊنر جي موجودگيءَ انهيءَ فلم کي چوڏهن چنڊ لڳائي ڇڏيا جنهن لاءِ ايواگارڊنر کي آسڪر ايوارڊ لاءِ پڻ نامزد ڪيو ويو.

1956 ۾ ايواگارڊنر ۽ فرينڪ سناترا ""ڀواني جنڪشن" ۽ "هاءِ سوسائٽي" نالي ٻن ڌار ڌار وڏين فلمن ۾ ڪم ڪيو. فرينڪ سناترا جي هاءِ سوسائٽي 1940 جي فلم "دي فلاڊلفيا اسٽوري" جو نقل هئي. انهيءَ نئين ميوزيڪل فلم ۾ مزاحيه اداڪار ينگ ڪروسي ۽ گريس ڪيلي پڻ هئا. اڳتي هلي ڪيليءَ موناڪو جي شهزادي سان وهانءُ ڪري اداڪاري ڇڏي ڏني ۽ شهزادي بڻجي وئي.

فرينڪ سناترا جو هاءِ سوسائٽيءَ ۾ مرڪزي ڪردار نه هو، پر ايواگارڊنر ڀواني جنڪشن ۾ اسٽيوارٽ گرينجر سان گڏ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو هو. اها فلم جان ماسٽرس جي ناول تي ٻڌل هئي. ڀواني جنڪشن هڪ اينگلو انڊين ڇوڪري وڪٽوريا جونز جي ڪهاڻي آهي جيڪا پنهنجي ملڪ هندستان سان محبت به ڪري ٿي پر چاهي ٿي ته برطانوي اقتدار به برقرا رهي.

1947 ۾ آزاديءَ واري موقعي تي اِها ڇوڪري حالتن هٿان مجبور ٿي ٿئي. جيڪڏهن آزاديءَ مهل جو حالتون ڏسڻ ٿا چاهيو ته هيءَ فلم ضرور ڏسو. نه رڳو اوهان کي اِها فلم پسند ايندي پر وڪٽوريا جي ڪردار ۾ ايواگارڊنر وٽ پنهنجي دل به ڦرائي ايندا.

ايوا ۽ فرينڪ جي شادي 1957 تائين هلي جڏهن هيمنگوي جي هڪ ٻئي ڪهاڻي "دي سن آلسو رائزز" تي هڪ فلم پيش ڪئي وئي. دلچسپ ڳالهه اِها آهي ته ايواگارڊنر آرنيسٽ هيمنگوي جي ڪهاڻين تي ٻڌل ٽن فلمن

۾ ڪم ڪيو. شادي ختم ٿيڻ کانپوءِ ٻه ٻنهي ڪيترين ئي فلمن ۾ پنهنجي شاندار اداڪاريءِ جا جوهر ڏيکاريا.

1960 واري ڏهاڪي ۾ فرينڪ سناترا جون ٻه شاندار فلمون ”دي منجورين ڪينڊيڊيٽ“ 1962 ۾ ۽ ”وان رائنز ايڪسپريس“ 1965 ۾ سينيما جي پڙدي تي آيون. جڏهن ته ايوا گارڊنر 55 days at peking (1963) ۽ ”دي نائيٽ آف دي ايگوانا“ (1964) ۾ ڪم ڪيو.

فرينڪ سناترا 1966 ۾ پاڻ کان ٽيهه ورهيه ننڍي اداڪارا ميافيرو سان وهان ڪيو. ميافيرو 1968 جي فلم ”روز ميريز بيبي“ ۾ شاندار اداڪاري ڪئي پر ساڳي سال ميافيرو ۽ فرينڪ سناترا ۾ طلاق ٿي وئي.

فرينڪ جي چوٿين زال باربرا مارڪس هئي جيڪا ٻاويهه سال سائنس گڏ رهي ۽ 1968 ۾ فرينڪ سناترا جي ٿهل ٽڪور ڪندي رهي.



# اودغان جي دعوت (Audran’s Feast)

اهو ورلي ئي ٿيندو جو ڪنهن فرانسيسي اداڪارا سان اوهان جو تعارف ڪنهن ڊينمارڪ جي فلم وسيلي ٿئي پر مون سان اهو ٿيو آهي جڏهن اتفاق سان ڊينمارڪ جي فلم Bebe He’s Feast ڏسڻ کانپوءِ استي فين اودغان (Stephane Audran) جون ڪيتريون ئي فلمون ڏٺم.

2018 ۾ 85 ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويل اودغان 1960 ۽ 1970 وارن ڏهاڪن ۾ پنهنجي عروج تي هئي. اِهو چئي سگهجي ٿو ته سندس بهترين اداڪاري 1987 ۾ پنجونجاهه ورهين جي ڄمار ۾ اوڏي مهل سامهون آئي جڏهن ڪيس ”بابيت جي دعوت“ فلم تي بهترين پرڏيهي فلم جو آسڪر انعام ڏنو ويو.

جهڙي ريت جين موررويا موغيو (Jeanne Moreau) جي شروعاتي ڪاميابي سندس هدائتڪار ۽ محبوب لوئي ميل (Louise Malle) جي ڪاتي ۾ ٿي اچي، ساڳي ريت اودغان کي شهرت ڏيارڻ ۾ ڪلوڊشيب غول (Claude Chabrol) اهم ڪردار ادا ڪيو جيڪو انهن هدائتڪارن مان هڪ هو جن فرانسيسي سينيما جي نئين لهر شروع ڪئي.

انهيءَ ٽولي جي ٻين هدائتڪارن ۾ گوداغ (Godrad)، تغوفو (Truffaut)

۽ غوميغ (Rohmer) شامل هئا. هو سمورا شروعات ۾ شيب غول (Chabrol) وانگر فرانس جي اهم فلمي رسالن ۾ فلمن تي تنقيدي تبصرا لکندا هئا. شيب غول جي مشهور فلمن ۾ "Le Cousins" (1958)، "Le Biches" (1968) ۽ "Le Boucher" (1970) شامل آهن جن ۾ فرانسيسي معاشري جي منافقت تي چوٽ چنڊيا ويا آهن.

انهن فلمن ۾ اودغان اهم ڪردار ادا ڪيا. شيب غول ڪُل ڇوويهہ فلمون اودغان سان گڏ ٺاهيون جن ڪري هوء فرانس جي چوٽيء جي اداڪارائن مان هڪ بڻجي وئي. Lescousing ۾ فرانس جي معاشري جو زوال ۽ بي حس پڻو ڏيکاريل آهي جيڪي محنت ڪندڙن کي پلئہ ئا پون. انهيء فلم ۾ هڪ نوجوان پنهنجي ڳوٺان نڪري پئرس ۾ تعليم پرائڻ ٿو چاهي، جتي هو پنهنجي بدڪردار ڪزن پال سان گڏ ٿو رهي. اودغان جي اهم ڪردار ۾ اِها پهرين فلم هئي.

1964 ۾ اودغان ۽ شيب غول وهان ڪيو ۽ مائي گهٽي پاڳي پنهنجي مڙس جي فلمن ۾ اچڻ شروع ڪيو جن مان ناماچاري مائيندڙ "لي پشي" (Le Biches) اهم آهي. انهيء فلم ۾ اودغان هڪ بالادست ۽ مالدار عورت جو ڪردار ادا ڪيو آهي جيڪا عورتن ۽ مردن ٻنهي مان لست ٿي ماڻي يعني Bi-sexual آهي.

ڪيس فٽ پاٿ تي هڪ غريب، نوجوان ۽ سهڻي ڇوڪري ٿي ملي. جيتوڻيڪ شاهوڪارن هٿان غريبن جو استحصال ڪا نئين ڳالهہ ناهي پر هڪ غريب ڇوڪريء جو هڪ شاهوڪار عورت هٿان استحصال سو بہ جنسي، سا ضرور نئين ڳالهہ آهي. اِهو سيڪجهہ معاشري ۾ ٿيندو هوندو پر فلم جي اسڪرين تي اِهو ڏيکارڻ هڪ انوکو تجربو ضرور هو. اِها فلم اهڙن پريمين جو دکدائڪ داستان آهي جيڪي پنهنجي طبقاتي ۽ جنسياتي ڪردار ۾ وچڙيل آهن. انهيء فلم ۾ اودغان انهيء غريب ۽ فن جي چاهت رکندڙ نوجوان ڇوڪريء جو ڪردار شاندار ريت نڀايو آهي.

1970 ۾ شيب غول "The Butcher" (ڪاسائي) نالي فلم ناهي جنهن ۾ اودغان پنهنجي شاندار فن جو مظاهرو ڪيو. انهيء فلم ۾ اهڙا جنگجو سورما ڏيکاريا ويا آهن جيڪي اخلاقي پستيء کي ڇُهن ٿا. اهي ماڻهو



جيڪي جنگين ۾ شاندار ڪارناما سرانجام ڏين ٿا پر جڏهن عام جيوت ۾ ٿا موٽن تہ سندن سياءُ تشدد پريو بڻجي چڪو هوندو آهي.

انهيء فلم کي ٻين مهاڀاري لڙائيء ڪانپوء جي بهترين فرانسيسي فلم ليکي سگهجي ٿو. اِها هڪ اهڙي ڪاسائيء جي ڪهاڻي آهي جيڪو هڪ اسڪول جي سربراهہ سان پيار ٿو ڪري جيڪا اودغان آهي. هوء انهيء ڪاسائيء جي بهترين دوست بڻجي ٿي پر ساڻس جنسي لڳ لاڳاپا رکڻ کان نابري ٿي واري.

جيتوڻيڪ اُن وقت اودغان چاليهن ورهين جي هئي پر فلم ۾ تمام گهٽي جوان ٿي لڳي جنهن ٽيهن ورهين جي ماستريائيء جو ڪردار شاندار ريت نڀايو آهي. سندس ايندڙ شاندار فلم لوئي بون ويل (Luis Bune) جي The Discreet charm of Bourgeosie (1972) هئي، جنهن جي ستر ورهين کان بہ وڏي ڄمار هوندي بہ اسپيني هدائتڪار بون ويل شاندار هدائتڪاري ڏني آهي، جيڪو خاموش فلمن واري دور کان هدائتڪاري ڪري رهيو هو ۽ سندس گهڻي ڀاڱي فلمون انقلابي نوعيت جون هيون جن لاڳو روائتن کي ٽوڙي ذرا پرزا ٿي ڪيو.

بون ويل جون شروعاتي فلمون جهڙوڪ Los Olvidados (1950) ۽ Belle De Jour (1967) تمام گهڻيون مشهور ٿيون. هاڻ هن اودغان سان گڏجي هڪ ٻئي شاندار فلم ناهي پر اوهين جيڪڏهن ڳنڀير مامرن ۽ متوازي بيانيي ۾ دلچسپي رکندڙ نہ آهيو تہ پوء اهي فلمون اوهان کي پسند نہ اينديون.

Belle De Jour هڪ انتهائي نئين نوعيت واري پريشان ڪندڙ فلم آهي جنهن کي بهترين پرڏيهي فلم جو آسڪر ايوارڊ مليو جڏهن تہ اودغان بهترين اداڪارا جو Bafta ايوارڊ پڻ حاصل ڪيو. پر اودغان جي بهترين اداڪاري Babette's Feast ۾ سامهون آئي جنهن جو هدائتڪار گبريل ايڪسيل هو. ڊينمارڪ جي انهيء فلم ۾ اودغان هڪ پراسرار باورچيء جو ڪردار ادا ڪيو آهي. جيڪا 1870 واري ڍاڪي ۾ ڊينمارڪ جي هڪ ڏورانهين ۽ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ڳوٺاڻن جي جهرمٽ ۾ شاندار ڪم ٿي ڪري. انهيء عورت باورچيء جا وات پاڻي ڪندڙ طعام ڏسڻ ۾ مزو اچي ٿو وڃي. انهيء ڪردار ۾ اودغان جي اندر جي عورت باورچي پنهنجي سموري نفاست

۽ شائستگيءَ سان آڏو تي اچي.

انهيءَ فلم ۾ بابيت نالي عورت باورچيءَ جنهن جو ڪردار اودغان ادا ڪيو آهي، اصل ۾ هڪ طرح جي ڏيهه نيڪاليءَ ۾ آهي جيڪا آخرڪار باورچي خاني ۾ پنهنجا ڳجها راز تي پڌرا ڪري. سندس گهٽي ڀاڳي مهمان اٽپڙهيل ڳوٺاڻا آهن جيڪي ان قسم جي دعوت کان اڻواقف ٿا هجن. هاڻ جو ڪين اهڙي شاندار دعوت جي نينڊ ملي آهي سو اچرج ۾ وڪوڙجي ويا آهن ۽ طعامن مان ايترو ته مزو ٿا ماڻين جو راڳائو جو ٿورو مچڻ به وساريو ٿا ڇڏين.

اودغان ڪجهه انگريزي فلمن ۾ پڻ ڪم ڪيو آهي جهڙوڪ Sam Fuller (سام فلر) جي 1980 ۾ نهندڙ فلم The Big Red One جنهن ۾ اودغان جو مختصر پر جاندار ڪردار هو.

2018 ۾ اودغان جي مرتئي سان دنيا يقيني طور تي هڪ شاندار اداڪارا کان محروم ٿي وئي جنهن گهٽي ڀاڳي شاهوڪار عورتن جا ڪردار ڪيا پر هوءَ ماسترياڻي ۽ باورچيءَ وارا ڪردار به شاندار ريت ڪري پئي سگهي. سندس ڪردار ڊرامي ڪانوني مزاحيا ڪردارن تائين پکڙيل هئا پر شايد هن سڀ کان وڏيڪ شاندار اداڪاري Bebette's Feast ۾ ئي ڪئي جيڪا سندس يادگار فلم رهندي. انهيءَ فلم جي ڪهاڻي Isak Dineson لکي جنهن ۾ هڪ فرانسيسي عورت کي پيش ڪيو ويو جيڪا ڊينمارڪ جي ڏورانهين ڳوٺ ۾ ڪمال ٿي ڏيکاري.



# ٽام جنهن سمورا تصور بدلائي ڇڏيا

هندستاني فلمن ۾ اچي چمڙيءَ وارا عام طور تي حرفتي، مڪار ۽ بيرحم ڏيکاريا ويندا آهن پر ٽام آلٽر اهو تصور بدلائي ڇڏيو. آلٽر 2019 ۾ بمبئي جي هڪ اسپتال ۾ 67 ورهين جي ڄمار ۾ دنيا کان موڪلائي ويو. جيڪڏهن هو وڌيڪ جيئرو رهي ها ته پڪ سان باليووڊ جي هڪ عظيم پرڏئي مڙس طور ڄاتو سڃاتو ۽ بزرگ ليکيو وڃي ها. بهرحال هُن پنهنجي چاليهن ورهين جي فلمي زندگيءَ ۾ اُهو ڪجهه حاصل ڪري ورتو هو جيڪو ڪيس هڪ شاندار اداڪار ۽ ٿيٽر جو بهترين فنڪار ليکڻ لاءِ ڪافي هو.

ٽام آلٽر جو پيءُ ۽ ڏاڏو ٻئي امريڪي پادري هئا جيڪي مسيحيت جي تبليغ واسطي هندستان ۾ ٽانيڪو ٿيا هئا پر ٽام اداڪار بڻجي ويو. هو

تمام گهڻين صلاحيت جو مالڪ هو ۽ اداڪاريءَ کانسواءِ قلمڪار، پروڊيوسر، ٽي وي ميزبان، ڪالم نگار ۽ ڪرڪيٽ جي ماهر طور پنهنجو مٽ پاڻ هو.

ٽام آلٽر ٽن سون کان وڌيڪ فلمن ۾ ڪم ڪيو جن ۾ عاشقي، رام تيري گنگا ميلي ۽ پرنده جهڙيون مشهور فلمون پڻ شامل آهن پر شايد سندس سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪندڙ اداڪاري تاريخي فلمن ۽ ناٽڪن ۾ هئي. ٿورڙو ويچار ته ڪريو ته ته ڇا اوهين اهڙو ڪو ناٽڪ ڏسڻ چاهيندا جيڪو اڍائي ڪلاڪن جو هجي، جنهن ۾ اسٽيج تي تمام ٿورڙيون شيون هجن ۽ جنهن ۾ فقط هڪ اداڪار هجي ۽ سو به ڪنهن مولويءَ جو ڪردار ادا ڪري رهيو هجي پر جيڪڏهن اُهو واحد اداڪار ٽام آلٽر هجي ۽ مولوي مولانا ابوالڪلام آزاد هجي، جيڪو يقيني طور ويهين صديءَ جي عظيم ترين هندستاني اڳواڻن مان هڪ هو ته پوءِ اوهان اهڙي ناٽڪ ۾ اک به نه ڇنڀيندا. اڙدو ناٽڪ "مولانا آزاد" ڊاڪٽر سعيد عالم لکيو ۽ پيش ڪيو جيڪو يوٽيوب تي موجود آهي ۽ سولائي سان ڏسي سگهجي ٿو. اِهو ناٽڪ پارٽي ناٽڪ جي دنيا جي اهم ترين ناٽڪن ۾ ڳڻيو ٿو وڃي. جنهن ۾ ٽام آلٽر نه رڳو مولانا آزاد جي شخصيت کي پر سندس علم ۽ شعور ۽ سندس دور کي انتهائي اثرائتي انداز سان پيش ڪيو آهي.

يقيناً انهيءَ ڪارنامي جا مهندار ڊاڪٽر سعيد عالم ۽ ٽام آلٽر آهن جن اهڙي شاندار تخليق پيش ڪئي. ڊاڪٽر سعيد عالم پهرين عليگڙهه مسلم يونيورسٽيءَ ۾ سياسيات جو پروفيسر هو پر منجهس لکڻ پڙهڻ جو شوق ۽ ناٽڪ جو جنون کيس اداڪاري ۽ هدائتڪاريءَ تائين وٺي آيو. هو هيل تائين چاليهن کان وڌيڪ اسٽيج ناٽڪ پيش ڪري چڪو آهي جيڪي مجموعي طور تي ڏيڍ هزار کان وڌيڪ ڀيرا اسٽيج ٿي چڪا آهن.

سندس ناٽڪن ۾ مولانا آزاد کانسواءِ اسانکي وڏن شاعرن جهڙوڪ داغ، غالب، حسرت، اقبال ۽ مير جهڙا ماڻهو پڻ ملن ٿا. ڊاڪٽر سعيد عالم کي ٽام آلٽر انتهائي پسند هو جيڪو سندس ڪيترن ئي ناٽڪن ۾ اداڪاري ڪري چڪو هو.

ناٽڪ مولانا آزاد ۾ ٽام آلٽر پنهنجي سيڪريٽري همايون ڪبير کي پنهنجو ڪتاب "انديا ونس فريڊم" ٿو لکرائي. انهيءَ ناٽڪ جا بهترين حصا



اُهي آهن جن ۾ مولانا آزاد پنهنجي عام سياسي بيانيي کان هٽي پنهنجي زندگيءَ جا ڀيا واقعا ٿو ٻڌائي، جهڙوڪ جيل ۾ قيد جا قصا ۽ مختلف شاعرن سان ملاقاتون ۽ نرت ۽ سنگيت جون ڳالهيون. انهيءَ ناٽڪ ۾ مولانا آزاد جو ڪردار ڪندي ٽام آلٽر ايڏي خوبصورتيءَ سان غالب، داغ ۽ جوش جا شعر پڙهيا جو اڙدو ڳالهائيندڙ به ڇڻ ته لڄي ٿي وڃن. سندس اڙدو، فارسي ۽ عربي لفظن جو اُچار ۽ اظهار ايترو ته موهيندڙ آهي جو ڄڻ هو ڳالهائيندو رهي ۽ وينو ڪيس ٻڌجي. ٽام آلٽر جي اڙدو ۽ هندي سان اُڪير بي مثل هئي جنهن جو مٽ هندي سينيما ۾ ملڻ ممڪن ناهي.

هونئن ته ڪيترن ئي امريڪي ۽ برطانوي دانشورن هتان جي ٻولين کي سمجهيو ۽ سکيو آهي پر ڪنهن اداڪار لاءِ ٻولين سان ايتري اُڪير ۽ پنهنجائپ غير معمولي ڳالهه آهي. چيو ٿو وڃي ته فلمن جي عڪسبنديءَ دوران ڪيترائي پارٽي اداڪار پنهنجي مڪالمن جي درستگي لاءِ ٽام آلٽر کان مدد پرائيندا هئا ۽ ڪانئس پنهنجا اُچار ٺيڪ ڪرائيندا هئا.

ٽام آلٽر اڙدودانيءَ جو پهريون فلمي مظاهرو 1977 ۾ اوڏي مهل ڪيو جڏهن بنگالي هدائتڪار ستيه جيت راءِ کيس پنهنجي واحد اڙدو فلم "شطرنج کي کلاڙي" ۾ ڪنيو. اِها فلم منشي پريم چند جي ڪهاڻيءَ تي ٻڌل هئي جنهن ۾ سنجيو ڪمار، سعيد جعفري ۽ شبانا عظمي پڻ ڪم ڪيو هو.

انهيءَ فلم ۾ ٽام آلٽر جو اڙدو شاعري اُچار ۽ انجو انگريزي ترجمو ڏيان جوڳا آهن. هڪ ڏيک ۾ ناميارو برطانوي اداڪار رچرڊ ايٽنبرا جيڪو فلم ۾ جنرل آئوٽرام جو ڪردار ادا ڪري رهيو هو، اوڌ تي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي قبضي بابت ويچاري رهيو آهي ۽ ان دوران پنهنجي نائب ٽام آلٽر کان اوڌ جي نواب واجد علي شاهه جي شاعري سمجهڻ ٿو چاهي ۽ ڪجهه اڙدو لفظن جهڙوڪ بلبل ۽ معاشري جي معنيٰ ٿو پڇي.

هاڻ ٽام آلٽرا پنهنجي اڙدودانيءَ جو مظاهرو ڪندي غزل جا شعر ٿو پڙهي:

صدمہ نہ پہنچے کوئی مرے جسم زار پر
آہستہ سے پھول ڈالنا میرے مزار پر

ٽام آلٽر جي بهتري اداڪاريءَ جو هڪ ٻيو نمونو اسان کي ڪيتن مهتا جي فلم "سردار" ۾ مليو جيڪا 1995ع ۾ ٺاهي وئي. اِها فلم سردار ولڀ ڀائي پٽيل جي زندگيءَ بابت هئي، جنهن ۾ ٽام آلٽر لارڊ مائونٽ بيٽن جو ڪردار ادا ڪيو جيڪو ڪانگريس ۽ مسلم ليگي اڳواڻن سان آزاديءَ لاءِ ڳالهيون ڪري رهيو آهي. ٽن ڪلاڪن جي انهيءَ فلم ۾ ٽام آلٽر ٻئي ڪلاڪ ۾ نمودار ٿو ٿئي ۽ ڇانئجي ٿو وڃي.

لارڊ مائونٽ بيٽن جي ڪردار ۾ ٽام آلٽرا حالتن ۽ واقعن کي پنهنجي ڏسا ڏيڻ ٿو چاهي، جنهن ۾ ڪامياب ٿو ٿئي. هڪ پاسي ته هو پنهنجو پاڻ کي هندن ۽ مسلمانن ٻنهي سان مخلص ۽ همدرد ثابت ڪرڻ ٿو چاهي ته ٻئي پاسي پوري ڪوشش ٿو ڪري ته هندستان هڪ متحد ملڪ طور آزادي نه ماڻي سگهي.

ٽام آلٽرا اداڪاريءَ ڪانسواءِ ٽيليويزن ۽ ناٽڪ جو پڻ بادشاهه هو، پر سندس بهترين ڪارڪردگي اسٽيج جي ناٽڪن ۾ ئي نکري نروار ٿئي ٿي. مولانا آزاد ڪانسواءِ ٻه سندس ڪيترائي ناٽڪ انٽرنيٽ تي موجود آهن، جيڪي ڏسي اچرج ٿو لڳي ته هڪ اهڙو شخص جنهن جي مادري ٻولي انگريزي آهي، مولانا آزاد جا لفظ ۽ غالب جا شعر ڪهڙي ريت اهڙي نستعليق اڙدو ۾ اُچاري ٿو سگهي پر اِهو ئي ٽام آلٽر جو ڪمال آهي جيڪو بمبئي آيو ته ان ڪري هو جو راجيش کنا جهڙو هيرو بڻجي سگهي. هو هيرو ته نه بڻجي سگهيو پر اهڙا ڪجهه ڪردار ضرور ڪري ويو جيڪي سندس همعصر اداڪارن مان شايد ڪنهن جي به وس ۾ نه هجن ها.



# هندستان جون هدائتڪار عورتون

جيڪڏهن هندستان ۽ پاڪستان جي عورت هدائتڪارن جي فهرست تيار ڪندا ته انجو ڏکيو هڻ ممڪن ناهي. ڪلپنا جمي جي مرتئي ڪانپوءِ ته اِها فهرست اڃائين وڌيڪ مختصر ٿي وئي.

ڪلپنا جمي جيڪا 2018 ۾ فقط چوهٺ ورهين جي ڄمار ۾ گذاري وئي، ڀارت جي فيمنسٽ فلمسازيءَ جو هڪ وڏو نالو هئي. هُن 2006 ۾ آسامي ٻوليءَ جي نامياري شاعر، راڳي ۽ سنگيتڪار مڙس ڀوپن هزاريڪا جي شديد بيمار ٿيڻ تي هدائتڪاري ڇڏي ڏني، جنهن ۾ هن پنهنجي زندگيءَ جا ويهه سال سرگرميءَ سان ڪم ڪيو هو.

هن وقت ڀارت جي عورت هدائتڪارن ۾ سڀ کان وڌيڪ سينئر سائي پرانج پي (Sai Paranjpye) آهي جيڪا 1938 ۾ بمبئي ۾ ڄائي. سائي جو پيءُ روسي ۽ ماءُ مرائي اداڪارا، سماجي ڪارڪن ۽ ليکڪا هئي. سئي شروعات ۾ دستاويزي فلمون ٺاهيون ۽ پوءِ 1980 ۾ پنهنجي پهرين فيچر فلم "اسپرش" (ڇهاءُ) ٺاهي داد وصول ڪيو. اسپرش اڪين کان

محروم هڪ شخص جي ڪهاڻي آهي جيڪو ڪردار نصيرالدين شاهه ڪيو آهي. انهيءَ فلم کي بهترين هدائتڪاري ۽ ڊائيلاگ جا فلم فيئر ايوارڊ مليا.

انڪانپوءِ سائيءَ 1983 ۾ فلم ”ڪتا“ ناهي جيڪا ڳوٺاڻن علائقن مان لڏپلاڻ ڪري ايندڙ پورهيتن بابت هئي. انهيءَ فلم ڪيس ڀارت جي سرواڻ هدائتڪارن ۾ شامل ڪري ڇڏيو.

جنهن وقت هوءَ دستاويزي فلمن جي هدائتڪار ۽ فلمساز طور پنهنجي حيثيت ٺاهي رهي هئي، انهيءَ دوران اپرناسين بنگالي فلمن جي هڪ وڏي اداڪارا طور سامهون اچي رهي هئي. اپرنا سين پندرهن ورهين جي ننڍڙي ڄمار ۾ ٺي وڏن وڏن هدائتڪارن سان گڏ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو جن ۾ ستيه جيت راءِ جي 1961 ۾ ٺهندڙ فلم ”تين ڪنيا“ ۽ ”آران هر دن راتڙي“ يعني جهنگ جا ڏينهن ۽ راتيون شامل هيون جيڪا 1971 ۾ ٺهي. انڪانسواءِ جيمز آئيوريءَ جي ”گرو“ ۽ ”بمبئي ٽاڪي“ 1970 ۾ سامهون آيون جن اپرناسين کي هڪ باصلاحيت اداڪارا طور مڃرايو.

اڳتي هلي هوءَ هدائتڪاري ڏانهن آئي ۽ 1980 ۾ پنجٽيهن ورهين جي انهيءَ اداڪارا فلم ”36 چورنگي لين“ لاءِ هدائتون ڏنيون. انجو جس فلمساز طور ششي ڪپور لهڻي جنهن هدائتڪار ۽ اداڪار ڪٽنب سان تعلق رکڻ جي باوجود پنهنجي انهيءَ فلم جي هدائتڪاري اپرناسين حوالي ڪئي، جنهن ۾ هُن ڪمال ڪري ڏيکاريو. انهيءَ فلم ۾ ششي ڪپور جي زال جينيفر ڪينڊل مرڪزي ڪردار ادا ڪيو. جينيفر پنهنجي مڙس کان چار سال وڏي هئي ۽ انهيءَ فلم ۾ شاندار اداڪاري ڪرڻ کان فقط چار سال پوءِ 1984 ۾ پنجاهه ورهين جي ڄمار ۾ ڪئنسر وگهي گذاري وئي. اپرناسين کي انهيءَ فلم جي هدائتڪاريءَ تي ڀارت جو فلم نيشنل ايوارڊ پڻ مليو.

انڪانپوءِ ديپا مهتا جو نالو ٿو اچي جيڪا 1950 ۾ امرتسر ۾ ڄائي پر اڄڪلهه ڪينيڊا ۾ ٽانيڪو آهي. سندس گهڻي ڀاڱي فلمون ڀارتي-ڪينيڊين فلمن جي زمري ۾ ٿيون اچن. ديپا مهتا جون فلمون ڀارتي تاريخ ۽ ادب سان ڀارتي پناهگيرن جو ناتو ٿيون جوڙين جيڪي هاڻ ڪينيڊا ۾ ٽانيڪو آهن.

سندس بهترين فلمن ۾ Elements (عنصر) شامل آهن. ٽن فلمن تي ٻڌل اِهو سلسلو ڀارتي سماج جي ڪجهه تڪراري مامرن کي سامهون ٿو آڻي.



پهرين فلم Fire (باهه) 1996 ۾ ٺهي ۽ ٻئي ڪيل سگابنديءَ وارين شادين بابت آهي جنهن ۾ عورتن جي هم جنس پرستي ۽ ڀارت جي پدرسري سماج جون جهلڪيون موجود آهن. ديپا مهتا جي ايندڙ فلم Earth (زمين) 1998 ۾ آئي ۽ ان ۾ آزاديءَ مهل ورهاڱي ۽ مذهبي ڏقير ۽ فساد ڏيکاريل آهن جيڪي هڪ پارسي نينگريءَ جي نظر سان ڏٺل آهن. اِها فلم بپسي ستوا جي ناول ”آئس مين ڪينڊي“ تي ٻڌل آهي. ان سلسلي جي آخري فلم Water (پاڻي) آهي جيڪا 2002 ۾ ٺهي، جنهن کي سڀ کان وڏيڪ مڃتا ملي. ان ۾ آپگهات جي لاڙن، عورت دشمن ورتاءُ ۽ ڀارت ۾ ودوائن سان ٿيندڙ اڻنگي سلوڪ کي وائکو ڪيو ويو آهي.

ديپا مهتا کانپوءِ ايندڙ وڏو نالو ميرا نائر جو آهي جيڪا 1957 ۾ اڙيسا ۾ ڄائي. هارورڊ يونيورسٽيءَ مان تعليم پرائڻ کانپوءِ هوءَ اڄڪلهه امريڪا ۾ ٽانيڪو آهي. جهڙي ريت ديپا مهتا ڀارتي-ڪينيڊين آهي ساڳي ريت ميرانائر کي ڀارتي-امريڪي ليکي سگهجي ٿو. سندس پهرين فلم ”سلام بمبئي“ 1988 ۾ پيش ڪئي وئي ۽ انتهائي ڪامياب ٿي. ان ۾ بمبئي جي جهونپڙ پٽيءَ ۾ رهندڙ ٻارن جي جيوت ڏيکاريل آهي. ان فلم ڪيترائي عالمي ايوارڊ کٽيا. نائر ٻين عورتن ليکڪن ۽ فلم سازن سان گڏ پڻ ڪم ڪيو آهي، جن ۾ سوني تاراپور والا پڻ شامل آهي. سوني پڻ هڪ دلچسپ شخصيت جي مالڪ آهي، هوءَ ميرانائر جي همعصر آهي ۽ اسڪرين رائٽر هئڻ سان گڏوگڏ فوٽوگرافر ۽ فلمساز طور مڃتا رکي ٿي. هن ميرانائر جي فلم ”سلام بمبئي“ کانسواءِ ”مسيپسي مسالا“ (1991) ۽ ”The Namesake“ لاءِ پڻ ڪهاڻي ۽ اسڪرين پلي لکيا. پر ميرانائر جي سڀ کان بهترين فلم ”مون سون ويڊنگ“ آهي جيڪا 2001 ۾ سامهون آئي، جنهن ۾ هندستاني شادين ۾ ٿيندڙ هُل هنگامي سان گڏوگڏ ٻارن سان ٿيندڙ بدسلوڪي جهڙا موضوع پڻ ڏيکاريا ويا آهن.

هاڻ اچون ٿا ڪلپنا لاجميءَ ڏانهن جنهن ڪان شروعات ڪئي هئي سين. جيتوڻيڪ ڪلپنا پهرين جوڙ جي هدائتڪار ته نه هئي پر سندس ڪجهه فلمون انتهائي شاندار آهن. جن ۾ 1986 ۾ ٺهندڙ "ايڪ پل" ۽ 1993 ۾ ٺهندڙ "رودالي" ۽ 1997 ۾ ٺهندڙ فلم "درميان" اهڙن موضوعن تي آهن جن بابت عام طور تي ڳالهه ٻولهه نه ڪئي ويندي آهي. ڪلپنا جو تعلق هڪ باصلاحيت گهراڻي سان هو. سندس ماءُ لليتا لاجمي چترڪار هئي، جنهن جا ڪيئي چتر انتهائي مشهور ٿيا. ڪلپنا جو مامو گرودت هڪ وڏو اداڪار ۽ هدائتڪار هو. مشهور هدائتڪار شيام بينيگل پڻ سندس ڪزن هو. شيام بينيگل ئي 1977 ۾ ڪلپنا کي پهريون ڀيرو پنهنجي فلم "ڀومڪا" لاءِ اسسٽنٽ هدائتڪار طور ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏنو جڏهن ڪلپنا فقط ٻاويهن ورهين جي مس هئي.

انڪانپوءِ ڪلپنا دستاويزي فلمون ٺاهڻ شروع ڪيون ۽ 1983 ۾ هڪڀيرو ٻيهر شيام بينيگل سان سندس فلم "منڊي" ۾ اسسٽنٽ هدائتڪار طور ڪم ڪيائين. ان فلم کانپوءِ ڪلپنا هدائتڪار، فلمساز ۽ اسڪرين رائٽر طور پنهنجو پاڻ مڃرايو. سندس گهڻي ڀاڱي فلمون حقيقت نگاريءَ تي ٻڌل ۽ انتهائي گهڻ ٻجيٽ واريون هيون ۽ سندس موضوع گهڻي ڀاڱي عورتن جي مسئلن سان لاڳاپيل هئا.

ڪلپنا جي ڪهاڻي اوستائين مڪمل نه ٿيندي جيستائين سندس ساٿي ڀوپن هزاريڪا بابت نه ڳالهائجي، جيڪو ڪائنس لڳ ڀڳ ٽيهارو ڪن ورهيه وڏو ۽ انتهائي دلچسپ شخصيت جو مالڪ هو. ڪولمبيا يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي ڪندڙ هزاريڪا ڪيترين ئي ٻولين جو ڄاڻو هو ۽ آسامي ڪانسواءِ بنگالي، هندي ۽ انگريزيءَ ۾ پڻ لکندو هو. هو گائڪ، گيتڪار ، سنگيتڪار ۽ ليکڪ به هو. ڪلپنا جي پهرين فيچر فلم "ايڪ پل" ۾ سنگيت هزاريڪا جي ئي هئي. ان وقت هزاريڪا سٺ ورهين کان وڌيڪ ۽ ڪلپنا ٽيهن ورهين جي ڄمار وارا هئا. "ايڪ پل" 1986 ۾ سامهون آئي جنهن ٻنهي کي مشهور ڪري ڇڏيو. انهيءَ فلم ۾ شبانا عظمي، نصيرالدين شاهه ۽ فاروق شيخ هئا. "ايڪ پل" جا ڊائلاگ گلزار لکيا جڏهن ته اسڪرين پلي خود ڪلپنا جو هو. انهيءَ فلم جو موضوع انتهائي تڪراري هو جنهن ۾ هڪ پرڻيل عورت پنهنجي مڙس مان مطمئن ناهي ۽ ڪنهن حد تائين نوجوان شخص



سان لڳ لاڳاپا ٿي رکي.

ڪلپنا لاجميءَ جي منهنجي نظر ۾ بهترين فلم "رودالي" هئي جنهن ۾ ٻن عورتن (ڊمپل ڪپاڊيا ۽ راکي) جا مرڪزي ڪردار آهن. 1993 ۾ ٺهندڙ انهيءَ فلم جي ڪهاڻي بنگالي ليکڪا مهاسويتا ديويءَ جي ڪهاڻي تان ورتل هئي. انهيءَ فلم جا ڊائيلاگ پڻ گلزار لکيا. راجستان جي هڪ ڳوٺ ۾ ٻن عورتن جي حالت انتهائي شاندار ريت انهيءَ فلم ۾ ڏيکاريل آهي. اِها هڪ اهڙي عورت جي ڪهاڻي آهي جنهن جا ڳوڙها سڪي ويا آهن ۽ وڏي ڪان وڏو هاڃو به کيس روئاڙي نٿو سگهي. مٿس ڏکن ڏولاون جون ڇپون به ڪري پون ته به کيس ڏوئڏاڙي نٿيون سگهن.

انهيءَ فلم جو گانو "دل ٻُم ٻُم ڪري" جنهن جي سنگيت ڀوپن هزاريڪا ڏني هئي، انتهائي مشهور ٿيو. ڪلپنا پنهنجو سفر جاري رکيو ۽ 1997 ۾ "درميان" نالي فلم ٺاهيائين جنهن ۾ هڪ وهي چڙهيل اداڪارا زينت آهي جيڪو ڪردار ڪرن کير ادا ڪيو. سندس هڪ پٽ آهي جيڪو کدڙو آهي پر هو کيس پنهنجو پاءُ ٿي ڄاڻائي. انهيءَ اداڪارا کي ڪم نٿو ملي ۽ هوءَ شديد مالي مسئلن جو شڪار آهي. اهڙي صورتحال ۾ سندس کدڙو پٽ سندس مدد ڪرڻ ٿو چاهي پر انجا ڏکوئيندڙ نتيجا ٿا نڪرن.

عورتن تي ٿيندڙ تشدد کي ڪلپنا 2001 واري پنهنجي فلم "دامن" جو موضوع بڻايو. انهيءَ فلم کي پارتي حڪومت جي امداد پڻ ملي. ان ۾ روينا ٽنڊن پنهنجي زندگيءَ جي لاجواب اداڪاري ڪئي آهي. بدقسمتيءَ سان ڪلپنا جي آخري فلم 2006 ۾ آئي جڏهن هوءَ فقط پنجاهه ورهين جي مس هئي. ان فلم جو نالو هو "چنگاري" جنهن ۾ سشميتاسين لاجواب اداڪاري ڪئي پر اِها فلم ڪاروباري لحاظ کان ناڪام رهي.

ان فلم ۾ ڪلپنا لاجميءَ جي هدائتڪاري ۽ ڊائلاگ ڪمل پٽل هئا. انجي ڪهاڻي ڀوپن هزاريڪا لکي هئي جنهن ۾ سشميتاسين ڳوٺ جي وئشيا جو ڪردار ڪيو هو جنهن کي هڪ پوڄاري (مٿن چڪرورتي) پنهنجي ڏاڍ جو نشانو ٿو بڻائي.

"دامن" ۽ "چنگاري" نالي ٻنهي فلمن ۾ عورتون ساڻن ڏاڍائي ڪندڙ مردن کي قتل ٿيون ڪن. دامن ۾ مڙس کي ۽ چنگاريءَ ۾ جنسي ڏاڍائي

ڪندڙ ڪي.

هڪ مايوس ڪندڙ ڳالهه اِها آهي ته اسان جن عورت هدائتڪارن جو هت ذڪر ڪيو آهي تن سڀني پنهنجي پوءِ واري پيشيوراڻي زندگيءَ ۾ انتهائي خراب فلمون ٺاهيون.

اپرناسين جي فلم ”عرشي نگر“ جيڪا 2015 ۾ سامهون آئي، شيڪسپيئر جي ناٽڪ ”روميو اينڊ جوليٽ“ تي ٻڌل هئي جنهن کي بنگال جي حالتن سان ٺهڪايو ويو هو. اِها هڪ ڪمزور فلم هئي.

ساڳي ريت ديپا مهتا جي فلم Anatomy of violence جيڪا 2016 ۽ Beeba Boys 2015 ۾ آيون، انتهائي ردي فلمون ثابت ٿيون.

ساڳي ريت ميرا نائر The Reluctant Fundamentalist ۾ ٽئين درجي واري هدائتڪاري ڪئي جيڪا 2012 ۾ آئي. ان کان وڌيڪ خراب فلم Amelia هئي جيڪا 2009 ۾ سامهون آئي.

ڪلپنا لاجميءَ جو پڻ ساڳيو حال ٿيو جو ”ايڪ پل“ ۽ ”رودالي“ جهڙيون شاندار فلمون ٺاهڻ ڪانپوءِ هوءَ فارمولا فلمن تي لهي پئي ۽ مردن جي ڪردار کي انتهائي گنڊل پنڊل انداز ۾ پيش ڪرڻ لڳي.



# مزاحمتي سينما

1950 ۽ 1960 وارن ڏهاڪن جو يورپ نراسائي ڀريو ڏيک پيش ڪري رهيو هو. ٻين مهاڀاري لڙائي جون تباهيءَ ڀريون ساروڻيون اڃان تازيون هيون جڏهن ته سرد جنگ جي شروعات انهن ساروڻين کي اڃائين وڌيڪ تلخ ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ ڏکوئيندڙ ماحول ۾ نه رڳو اطالوي ۽ فرانسيسي سينيما پريولش ۽ چيڪ فلمن پڻ يورپ جي انتهائي شاندار عڪاسي ڪئي. جنهن وقت فرانسيسي سينيما ۾ هڪ نئين لهر اُڀري رهي هئي، انهيءَ دوران چيڪوسلواڪيا جا هدائتڪار پڻ هڪ نئون لاڙو جوڙي رهيا هئا. انهيءَ لاڙي جون گهڻي ڀاڱي فلمون چيڪ ٻوليءَ ۾ هيون.

ميلوش فورمان انهيءَ نئين لهر ۽ لاڙي جي باني مان هو. 1960 واري ڏهاڪي ۾ فورمان ۽ ٻين هدائتڪارن جيڪي فلمون ٺاهيون تن سماجي شعور پکيڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جيڪو اوڀر يورپ جي گهٽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ ڪنهن معجزي کان گهٽ نه هو. هو پنهنجي رياست کي انتهائي مهارت سان للڪاري رهيا هئا جڏهن ته ان دوران معيار تي ڪو ٺاهه نٽي ڪيائون.

اوير يورپ جا گهڻي ڀاڱي ملڪ نازي جرمنيءَ جو ڏاڍ ڏمر ڀوڳي چڪا هئا جنهن ڪانپوءِ سوويت اڳواڻ اسٽالين اُتي پنهنجون وفادار حڪومتون جوڙي ورتيون هيون. چيڪوسلواڪيا ۾ پڻ ڪميونسٽن 1948 ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪري ورتي هئي ۽ 1960 تائين اتان جا رهواسي ان مان بيزار ٿي چڪا هئا. مخالف ڌر جي سموري سياست کي چيڀاٽيو ويو هو. اهڙي صورتحال ۾ چيڪوسلواڪيا جي راڄڌاني پراگ ۾ قائم اڪيڊمي آف پرفارمنگ آرٽس مزاحمت جو جهنڊو بلند ڪيو.

ان ڪري اسين پروڙيون ٿا ته پاڪستان جهڙن ملڪن ۾ اهڙيون اڪيڊميون قائم ٿي نه ڪيون وينديون آهن يا انهن کي بلڪل غير سياسي رنگ ڏنو ويندو آهي ته جيئن اتان ڪو سياسي شعور نسري نه سگهي. هلڪن ڦلڪن ذاتي مامرن وارا ناٽڪ پيش ڪيا وڃن ته جيئن ماڻهو خوش ته ٿين پر منجهن مزاحمت جو ڪو اڌمو پيدا نه ٿئي. جيتوڻيڪ پاڪستان جهڙن ملڪن ۾ ڪائونسلون ۽ بورڊ ته ناهيا ويندا آهن ۽ اڪيڊميون پڻ قائم ڪيون وينديون آهن پر اُتان بالادست نظرين جو ئي پرچار ڪيو ويندو آهي. پاڪستان ۾ اڄان تائين اهڙي ڪا اڪيڊمي نه ٺهي آهي جيڪا سينيما بابت علم ۽ فن جي واڌويجهه ڪري يا ماڻهن ۾ ڏاڍ ڏمر خلاف تخليقي ڪم ذريعي جدوجهد ڪرڻ جو ڏانءُ پيدا ڪري.

پر 1960 واري ڏهاڪي دوران چيڪوسلواڪيا جي فلم ناهيندڙن پنهنجي ماڻهن ۾ سياسي ۽ سماجي شعور پيدا ڪرڻ ۾ پاڻ ملهايو ۽ پنهنجي سر پنهنجي ئي رياست جي ڏاڍ ڏمر ۽ نااهليءَ کي وائکو ڪندا رهيا. جڏهن ڪنهن معاشري ۾ ڪا رياست ڏاڍ ڏمر کان ڪم وٺندي آهي جهڙي ريت پاڪستان سميت ڪيترن ئي ملڪن ۾ وهي واپري ٿو ته اُتي ڪنهن نه ڪنهن کي ته سوال اُٿارڻ جي سگهه سارڻي ئي پوندي. چيڪ هدايتڪارن به اهو ئي ڪندي اڻ لکيل ۽ اسڪرپٽ کان متيرو جملا استعمال ڪيا ۽ ڳڻوڳڻ طنز ۽ مزاح کي به پنهنجو طريقو بڻايائون. ان ڪانسواءِ هنن اهڙا اداڪار استعمال ڪيا جيڪي پيشيوراڻي مهارت رکندڙ نه هئا.

اسانکي اِهو پتو آهي ته اڪثر "پيشيور" فنڪار ۽ اداڪار پنهنجي ذاتي واڌويجهه ۾ وڌيڪ دلچسپي رکندا آهن نه کي عوام جو شعور وڌائڻ يا ڏاڍ خلاف آواز اُٿارڻ ۾. انڪري جڏهن 1970 ۽ 1980 وارن ڏهاڪن ۾ ڀارت ۾ آرٽ فلمون ٺهڻ شروع ٿيون ته انهن ۾ پڻ گهڻي ڀاڱي نوان ۽ غير پيشيور فنڪار شامل هئا جڏهن ته اميتاڀ بچن جهڙا وڏا فنڪار انهن فلمن تي اِهو چئي چوهه چنبيندا هئا ته اِهي ڀارت جو اونداهون چهرو ڏيکاري دنيا ۾ پنهنجي ملڪ کي بدنام ڪري رهيون آهن. ساڳي نوعيت جون ڳالهيون پاڪستان ۾ شرمين عبيد چنائي وغيره لاءِ پڻ ڪيون وينديون آهن.

ميلوش فورمان 1963 ۾ پنهنجي پهرين فلم Black Peter (ڪارو پيٽر) ناهي جنهن کي ڪنهن ريت سينسر بورڊ کان اجازت نامو پڻ ملي ويو. هيءَ فلم هڪ اهڙي نوجوان بابت آهي جنهن کي پنهنجي ڪم سان لڳاءُ ناهي. جيتوڻيڪ اِها فورمان جي پهرين فلم هئي پر ان کيس پهرين ڌڪ ۾ ئي سرواڻ هدايتڪارن جي قطار ۾ آڻي چڙهيو. فلم جي مرڪزي ڪردار پيٽر جو ڪم اِهو آهي ته دڪان ۾ ايندڙ گراهڪن جي جاسوسي ڪري ۽ چور پڪڙي.

انهيءَ فلم کي سينسر بورڊ وٽان اجازت شايد ان ڪري ملي وئي هئي جو ان ۾ ظاهري طور تي ڪميونسٽ اخلاقيات جو پرچار ڪيو ويو هو پر اصل ۾ فورمان انهيءَ فلم ذريعي ڪميونزم تي چوهه چنبيا آهن. پيٽر پنهنجي ڪم ڪار کي ڏڪاري ٿو يعني ٻين جي جاسوسي ڪرڻ کي خراب ٿو ليکي ۽ اِهو هڪ لحاظ کان سياسي پيغام ۾ پڻ هو.

فورمان جي ايندڙ فلم Lovers of a Blonde (گوريءَ جا محبوب) هئي. ان ۾ به سماجي طنز انتهائي واضح هو. اِها فلم هڪ اهڙي ڪارخاني بابت هئي جتي فقط ڇوڪريون ڪم ڪار ڪري رهيون هيون. اِهو ڪارخانو هڪ ڳوٺاڻي علائقي ۾ قائم آهي جنهن جو سربراهه هڪ وهي چڙهيل مرد هو. ڳوٺ جي سمورن نوجوان ڇوڪرن کي فوج ۾ ڀرتي ڪري سرحد تي اُماڻيو ويو آهي جيڪا اولهه جرمنيءَ سان لڳولڳ آهي.

ياد رهي ته تن ڏينهن ۾ اولهه جرمنيءَ کي اوير يورپ جي ڪميونسٽ حڪومتن جو مخالف ليکيو ٿي ويو. انهيءَ ڪارخاني جو مالڪ نوجوان ڇوڪرين جي اڪيلائپ کان پريشان آهي ۽ لاڳيتو تاءُ ۾ ٿو رهي. آخرڪار فوج جي ڪمانڊر سان ملاقات ڪري ڪيس منٿ ٿو ڪري ته ڪجهه نوجوانن کي سرحد کان واپس ڳوٺ گهرايو وڃي ته جيئن حالتون پرسڪون ٿين پر

فوجي ڪمانڊر ڪيس مختصر وراڻي ٿو ڏئي ته، "اِهو ممڪن ناهي ڇاڪاڻ جو ڪيڏي مهل به لڙائي شروع ٿي سگهي ٿي". جنهن تي ڪارخاني جو سربراهه چوي ٿو ته "ممڪن آهي ته ايندڙ پنجاهه سئو سالن تائين لڙائي نه لڳي ۽ اُن وقت تائين اوهين سڄي معاشري کي ڏڪيري ڪيفيت ۾ ڇو ٿا رکڻ چاهيو"؟

فورمان آمراڻي ڏاڍ ڏمر خلاف سوچ کي پنهنجي ايندڙ فلم ۾ اڃائين اڳتي وڌايو جنهن جو نالو هو، "The Firemen's Bell" باهه وسائيندڙن جو ڪاڄ). اِها فلم 1967 ۾ سامهون آئي، جنهن ۾ هڪ ڳوٺاڻي علائقي جي فائربرگيڊ عملي کي ڏيکاريو ويو آهي جيڪو پنهنجي سربراهه جو ڇهاسي (86) جنم ڏينهن ٿو ملهائڻ چاهي. جهڙي ريت پوين فلمن ۾ دڪان ۽ ڪارخاني کي سموري معاشري جو اولڙو بڻايو ويو آهي، تيئن هن فلم ۾ فائربرگيڊ واري ڪاتي کي هڪ علامت طور استعمال ڪيو ويو آهي. هن فلم ۾ نه رڳو سول ۽ فوجي آفيسرن کي نشانو بڻايو ويو آهي پر حاڪمن کي پنهنجي بنيادي ذميوارين کان ڪن ٽار ڪندي پڻ ڏيکاريو ويو آهي.

انهيءَ فلم ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته ڪاڄ شروع ٿيڻ تي ان جي اڳواٽ ڪيل رٿابندي ناڪام ٿي ٿئي ۽ اوچتو غيرمتوقع واقعا پيش اچڻ ٿا لڳن. جيتوڻيڪ سڄي ڳوٺ کي ان لاءِ نينڊ ڏني وئي هئي پر ڪاڄ ۾ ورهائڻ لاءِ رکيل سوکڙيون گم ٿيڻ شروع ٿيون ٿين. فائربرگيڊ وارن اِهو به چاهيو ٿي ته سونهن جي به هڪ چٽاڀيٽي ٿئي پر انهيءَ لاءِ عملدار اهڙن اميدوارن کي ٿا چونڊين جيڪي نه ته سهڻا آهن ۽ نه ئي وري انهيءَ چٽاڀيٽيءَ ۾ ڪا دلچسپي ٿا رکن.

فائربرگيڊ جي انهيءَ عملي وسيلي فورمان سموري معاشري کي چٽيو آهي ته ڪهڙي ريت رياستي ادارا مختلف حرفتن ذريعي معاشري کي بيوقوف بنائڻ جي ڪوشش ٿا ڪن ۽ پنهنجون ذميواريون پوريون نٿا ڪن. اِها فلم چوٽيءَ پٽاندر آخري هڏڪي ثابت ٿي جو ان ڪانپوءِ 1968 ۾ Prague Spring (پراگ جي بسنت) کي چيڀاٽيو ويو.

1968 ۾ جڏهن سوويت فوجون پراگ ۾ داخل ٿيون ته ڪيترائي تخليقڪار يورپ ۽ امريڪا ڀڄي نڪتا. فورمان به هاليووڊ وڃي پهتو ۽ پوءِ 1975 ۾ پنهنجي شاندار فلم One Flew Over The Cukoo's Nest ٺاهيائين. اِها



1935 ڪانپوءِ پهرين فلم هئي جنهن کي بهترين فلم، بهترين هدائتڪاري، بهترين اداڪار ۽ بهترين اداڪارا جا چار آسڪر ايوارڊ مليا. انهيءَ فلم ۾ فورمان ڪميونسٽ حڪومت کي پنهنجي تنقيد جو نشانو نٿي بڻايو پر معاشري ۾ مختلف ادارن جي بالادستيءَ کي للڪاريائين ٿي جيڪي سرمائيداراڻي معاشري ۾ به بدترين ڪردار ٿا ادا ڪن. انهيءَ فلم ۾ هڪ پاڳل خانو ڏيکاريو ويو آهي جنهن تي هڪ نرس جي حڪمراني آهي جيڪا آپيشاهاڻي سوچ رکندڙ آهي ۽ ان ريت نه رڳو پنهنجي نااهلي تي لڪائي پر پنهنجي پوريون نه ٿيندڙ خواهشن جو پلاند پڻ نفسياتي مريضن سان ٿي ڪري.

انهيءَ فلم ڪانپوءِ فورمان هڪ ميوزيڪل فلم Hair جي سري هيٺ ٺاهي جيڪا هڪ ناٽڪ تان ڪنيل هئي. انهيءَ ڪانپوءِ 1984 ۾ فورمان جڳ پڌري سنگيتڪار موزارٽ جي جيون تي ٻڌل هڪ شاندار فلم Amadues ٺاهي. انهيءَ فلم پڻ ڪيترائي آسڪر ايوارڊ حاصل ڪيا ۽ اِها فلم ڪنهن شخص جي جيون تي ٺهيل بهترين فلمن مان هڪ ليکي ٿي وڃي.

فورمان جي ٺاهيل فلمن جي هڪ ڊگهي فهرست آهي جنهن ۾ هر قسم جون فلمون شامل آهن. پر انهن فلمن ۾ هڪجهڙائپ واري ڳالهه اها آهي ته اِهي سموريون طاقت جي بيجا استعمال خلاف جدوجهد تي ٻڌل آهن.

1977 ۾ ٺهندڙ فلم People Vs Larry Flint هڪ حقيقي عدالتي ڪيس تي ٻڌل آهي جنهن ۾ اظهار جي آزاديءَ کي موضوع بڻايو ويو آهي. انهيءَ فلم ۾ فحاشيءَ جو بهانو بڻائي پابنديون ٺيون مڙهيون وڃن.

پاڪستان جهڙن ملڪن جي فنڪارن لاءِ فورمان جون فلمون هڪ چٽو پيغام ٿيون رکن ته اوهين پنهنجي تخليقي صلاحيتن وسيلي ڏاڍڏمر ۽

منافقت خلاف آواز اُٿاري سگهو ٿا. بالادست بيانيي ۽ نظرين کي وائکو ڪري سگهجي ٿو ۽ انهيءَ لاءِ اسانکي نہ رڳو ڪتابن پر فلمن مان پڻ مدد ملي سگهي ٿي. اسانکي اِهو پرائڻ گهرجي تہ ٻين ملڪن ۾ ڪهڙي ريت ڏاڍمر کي للڪاريو ٿو وڃي.



# اڙدو ۽ هنديءَ جو شاندار شاعر
# گوپال داس نيرج

اب تو مذہب کوئی ایسا بھی چلایا جائے
جس میں انسان کو انسان بنایا جائے

هيءُ هڪ شعر ئي انهيءَ ڳالھ جي ثابتي ڏئي سگهي ٿو تہ گوپال داس نيرج هڪ انسان دوست شاعر هو ۽ هر قسم جي فرقيواريت ۽ ڏڪار کان مٿيرو هو. افسوس جو اڙدو ۽ هنديءَ جو هيءُ باڪمال شاعر 19 جولاءِ 2018 تي گذاري ويو. جيتوڻيڪ هُن ٽيانوي ورهين جي ڄمار پرائي پر هو نہ رڳو نوي ورهين جي ڄمار تائين سيرسپاٽو ڪندو رهيو پر پنهنجي يادگيريءَ جي آڌار تي پنهنجا پنجاھ سٺ سال اڳ لکيل شعر بہ موهيندڙ آواز ۾ ٻڌائيندو رهيو. حياتيءَ جي آخري ڏينهن ۾ سندس لاڙو دوهن ڏانهن ٿيو ۽ شاندار دوها لکڻ لڳو.

گوپال داس سڪسينا 1925 ۾ اترپرديش جي ايٽا واھ پرسان ڄائو ۽ ننڍي ڄمار کان پلي شاعري شروع ڪيائين. هُن پنهنجو تخلص "نيرج" رکيو ۽ اڙدو ۽ هنديءَ جي ادبي حلقن ۾ انهيءَ سان ئي ڄاتو سُڃاتو ويندو هو.

سندس ادبي قد ڪاٺ جو ان مان ڪاٿو لڳائي سگهجي ٿو ته ڪيس 1991 ۾ پدم شري ۽ 2007 ۾ پدم ڀوشن ايوارڊ ڏنا ويا جيڪي ڀارت جا اعليٰ ترين اعزاز آهن. نيرج وڏو عرصو عليگڙهه جي ڌرم سماج ڪاليج ۾ هندي ادب جي پروفيسر طور گذاريو.

چيو ويندو آهي ته جيڪو چاليهن ورهين جي ڄمار تائين شاعر نه ٿيو سو ڪڏهن به شاعري ڪري نه سگهندو پر شايد اِها ڳالهه فلمي شاعريءَ تي لاڳو نٿي ٿئي ڇاڪاڻ جو نيرج ٺيڪ چاليهن ورهين جي ڄمار کان فلمي شاعري شروع ڪئي ۽ ان ۾ ڪامياب پڻ رهيو. نيرج انهن شاعرن مان هڪ هو جيڪي اڙدو ۽ هندي ٻنهي ٻولين ۾ هڪجيتري پلي شاعري ڪري ٿي سگهيا. مثال جي طور تي سندس هن غزل تي نظر وجهو:

اب تو مذہب کوئی ایسا بھی چلایا جائے
جس میں انسان کو انسان بنایا جائے
جس کی خوشبو سے مہک جائے پڑوسی کا بھی گھر
پھول اس قسم کا ہر سمت کھلایا جائے
آگ بہتی ہے یہاں گنگا میں، جہلم میں بھی
کوئی بتلائے کہاں جا کے نہایا جائے
پیار کا خون ہوا کیوں یہ سمجھنے کیلئے
ہر اندھیرے کو اجالے میں بلایا جائے
میرے دکھ درد کا تجھ پر ہو اثر کچھ ایسا
میں رہوں بھوکا تو تجھ سے بھی نہ کھایا جائے
جسم دو ہو کے بھی، دل ایک ہوں اپنے ایسے
میرا آنسو تری پلکوں سے اُٹھایا جائے
گیت اُنمن ہے غزل چپ ہے رباعی ہے دکھی
ایسے ماحول میں نیرج کو بلایا جائے



ورهاڱي مهل نيرج ٻاويهن ورهين جو هو ۽ ان دوران ٿيندڙ فسادن جو اکين ڏٺو شاهد هو. فيض احمد فيض، احمد نديم قاسمي، ڪرشن چندر ۽ راجيندر سنگهه بيديءَ سميت انيڪ هندو، مسلمان ۽ سک پسمنظر سان تعلق رکندڙ بين ليکڪن جيان نيرج پڻ انهيءَ دور جي ڏکدائڪ واقعن کي پنهنجي قلم ذريعي محفوظ ڪري رهيو هو. مٿي ڏنل سندس غزل انهيءَ دور کي ڀرپور انداز ۾ چٽڻ سان گڏوگڏ امن جي خواهش کي خوبصورتيءَ سان واضح ڪرڻ جو مثال آهي.

1960 واري ڏهاڪي دوران فلمي شاعري ڏانهن اچڻ کان اڳ نيرج اڙدو ۽ هندي شاعريءَ ۾ ناماچاري ماڻي چڪو هو. سندس فلمي شاعريءَ ڏانهن اچڻ جو قصو به اُنهيءَ قصي سان ملندڙ جلندڙ آهي جيڪو هڪ ٻئي ناميارې شاعر شيلندر بابت ٻڌايو ويندو آهي. نيرج کان اڳ شيلندر جو قصو ٻڌو.

شنڪر داس ڪيسري لال شيلندر جو تعلق راولپنڊيءَ سان هو. ترقي پسند سياست سان سلهاڙيل هئڻ سان گڏوگڏ هو انڊين پيپلز ٿيٽر ايسوسيئيشن (IPTA) ۾ پڻ سرگرم هو. بمبئي جي ماٽونگا ريلوي ورڪشاپ ۾ ڪم ڪرڻ دوران ڪنهن مشاعري ۾ شيلندر پنهنجو مشهور نظم ”جلتا ہے پنجاب“ پڙهيو جنهن بابت راجڪپور کي پتو لڳو ته هُن اِهو نظم خريد ڪري پنهنجي فلم ”آگ“ ۾ استعمال ڪرڻ چاهيو پر شيلندر اوڏي مهل ته ٺپ انڪار ڪري ڇڏيو پر ايندڙ ڏينهن ۾ مالي حالتن کان مجبور ٿي هو پاڻ راجڪپور وٽ هليو ويو جيڪو اُن وقت يعني 1949 ۾ پنهنجي فلم ”برسات“ ٺاهي رهيو هو. شيلندر فقط پنج سئو روپين عيوض ”پتلی کمر ہے ترچھی نظر ہے“ ۽ ”برسات میں ہم سے ملے تم“ جهڙا گانا لکي ڏنا جيڪي نه رڳو مشهور ٿيا پر انهن شيلندر لاءِ فلمي دنيا جا در پڻ کوليا.

نيرج ۽ شيلندر جو تعلق ان ريت ٿو ٻڌجي جو جڏهن 1966 ۾ شيلندر فقط ٽيتاليهن ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو ته فلمي دنيا ۾ جيڪو خال پيدا ٿيو سو نيرج ان ريت ڀريو جو 1970 واري ڏهاڪي ٽن شروعاتي سالن ۾ ڪيس لاڳيتو ٽي ڀيرا فلم فيئر ايوارڊ مليو.

ويچارڻ جوڳي ڳالهه آهي ته هڪ اهڙو شاعر جيڪو ڇهن ورهين جي

''اس کو بھی اپناتا چل، اُس کو بھی اپناتا چل
راہی ہیں سب ایک ڈگر کے سب پر پیار لٹاتا چل''

''بس یہی اپراد میں ہر بار کرتا ہوں
آدمی ہوں آدمی سے پیار کرتا ہوں''

''جتنا کم سامان رہے گا، اتنا سفر آسان رہے گا
اس سے ملنا ناممکن ہے، جب تک خود کا دھیان رہے گا''

''جس میں مذہب کے ہر اک روگ کا لکھا ہے علاج
وہ کتاب ہم نے کسی رند کے گھر دیکھی ہے۔''



# فرانڪو زيفيريليءَ جون فلمون ۽ اوپيرا

فرانڪو زيفيريلي (Zeffirelli) سان منهنجي ڏيٽ ويٽ بروڪ شيلڊز ڪرائي. منهنجي چوڻ جو مطلب اِهو قطعي ناهي تہ ڪو بروڪ شيلڊز منهنجي دوست آهي ۽ هوءَ مونکي فرانڪو سان ملرائڻ وٺي وئي. فرانڪو زيفيريلي جيڪو پندرهن جون 2019 تي ڇهانوي ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو، اطالوي فلمن ۽ اوپيرا جو بادشاهہ هو.

اِها 1980 واري ڏهاڪي جي شروعات جي ڳالهہ آهي جڏهن بروڪ شيلڊز جهڙي سندر ناريءَ تي ڪاليج جا ڪيترائي ڇوڪرا فدا هئا ۽ ڪلاس ڇڏي Blue Lagon ۽ Endless Love جهڙيون فلمون ڏسڻ ويندا هئا.

اوستائين اسان انگرڊ برگمين ۽ صوفيا لارين جهڙين ناميارين اداڪارائن جون فلمون نہ ڏٺيون هيون، انڪري اسان کي بروڪ شيلڊز ئي سڀ کان وڌيڪ سهڻي لڳندي هئي. فرانڪو زيفيريلي Endless Love جو هدائتڪار هو. جيتوڻيڪ اِها سندس بهترين فلم تہ نہ هئي پر پوءِ بہ اسان نوجوانن کي پلي لڳي هئي.

تن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ ۾ انيڪ سينيمائون هيون ۽ رڳو صدر جي اوسي پاسي واري هڪ ڏيڍ ڪليوميٽر جي ايراضيءَ ۾ ئي ڪو هڪ درجن کان وڌيڪ سينيمائون هيون جهڙوڪ بمبينو، ڪيپري، ڪيپيٽل، لائيٽ هائوس، ليرڪ، ناز، نشاط، پيلس، پرنس، پرنسيز، اوڊين، ريگل، ريڪس، پيراڊائيز، اسڪالا ۽ ٻيون.

انڪانسواءِ پرڏيهي سفارتخانن جون لائبرريون پڻ هيون، جهڙوڪ امريڪن سينٽر ۽ برٽش ڪائونسل جون لائبرريون، جتي هزارين ڪتابن سان گڏوگڏ انسائيڪلوپيڊيائن ۽ ويڊيو ڪئسٽن جو وڏو خزانو موجود هو. تازو ئي آيل وي سي آر گهرن ۾ فلمون ڏسڻ ممڪن بڻائي ڇڏيو هو.

فرانڪو زيفيريليءَ جي زندگي ۽ ڪم بابت ڄاڻڻ جو منهنجو تجسس سندس ٻه فلمون ڏسڻ کانپوءِ وڌيو جيڪي شيڪسپيئر جي ناٽڪن تي ٻڌل هيون، اِهي فلمون هيون 1968 ۾ ٺهندڙ روميو جوليٽ ۽ 1967 واري The Taming of the shrew.

اِهي ٻئي فلمون شيڪسپيئر جي ناٽڪن جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿيون. جيتوڻيڪ روميو جوليٽ تي ٻيون به ڪيتريون ئي فلمون ٺهي چڪيون آهن پر هيءَ فلم ڪلاسڪ حيثيت رکي ٿي. ساڳي ريت The Taming of the shrew ۾ ايلزبيٿ ٽيلر ۽ رچرڊ برٽن شاندار اداڪاري ڪئي آهي، هو ٻئي تن ڏينهن ۾ پنهنجي عروج تي هئا. جيتوڻيڪ شيڪسپيئر جي ڪيترن ئي ناٽڪن تي هاڻ صنفي لحاظ کان تنقيد پڻ ٿي رهي آهي پر ان هوندي به اِهي اڄ به شوق سان ڏٺا ۽ پڙهيا ٿا وڃن.

فرانڪو زيفيريليءَ رڳو پيار ۽ محبت جي موضوعن تي فلمون نه ٺاهيون آهن پر تاريخي واقعن ۽ شخصيتن تي سندس ٺاهيل ڪيتريون ئي فلمون ۽ ٽي وي ڊراما انتهائي ڄاڻ ڀريا آهن، جهڙوڪ سندس هڪ فلم ”برادر سن، سسٽر مون“ جيڪا 1972 ۾ ٺاهيائين، Saint Francis of Assisi بابت آهي جيڪو تيرهين صديءَ جي هڪ مالدار واپاريءَ جو پٽ هو پر روحانيت جي اثر هيٺ پنهنجي خوشحال دنيا کان تارڪ ٿي ويو.

زيفيريليءَ اها فلم آڳاٽين ڪليسائن ۾ فلمائي آهي، جن کي ڏسي لڳ ڀڳ هڪ هزار سال پراڻي يورپ جي جيوت پروڙي سگهجي



ٿي. جيڪڏهن انهيءَ دور بابت ڪجهه وڌيڪ ڄاڻڻ چاهيو ٿا ته هڪ ٻئي فلم The Name of the Rose پڻ ڏسو جنهن ۾ شين ڪونريءَ شاندار اداڪاري ڪئي آهي.

اِها فلم هڪ اطالوي ليکڪ امبرتوايڪو جي ناول تي ٻڌل آهي. ساڳي ريت فرانڪو جي هڪ ٽي وي سيريز جو نالو Jesus of Nazareth آهي جيڪا 1977 ۾ پيش ڪئي وئي. ان جي ليکڪن ۾ مشهور ليکڪ انٿوني برگيس پڻ شامل هو جنهن جي هڪ ناول ”ڪلاڪ ورڪ اورينج“ تي اسٽينلي ڪبرگ 1971 ۾ هڪ فلم ٺاهي چڪو هو.

فرانڪو زيفيريليءَ 1993 ۾ هڪ ٻئي فلم "Sparrow" (جهرڪي) ٺاهي، جنهن جي ڪهاڻي پڻ هڪ اطالوي ليکڪ ٽيوواني ورگا جي ناول تان ڪنيل هئي. انهيءَ فلم ۾ ايڪويهين صديءَ جو سسلي شهر ڏيکاريل آهي جتي هيضو پکڙجي ويو هو. سورهن ورهين جي هڪ ڇوڪري پنهنجو اسڪول ڇڏي گهر موٽڻ تي مجبور آهي ته جيئن بيمار ٿيڻ کان بچي سگهي ۽ پنهنجي هڪ پاڙيسريءَ سان پريت جو ناتو ٿي ڳنڍي پر آخر ۾ ڪيس پنهنجي محبت قربان ڪري اسڪول واپس موٽڻو ٿو پوي.

ورگا جي هڪ ٻئي ڪهاڻي Rustic Chivalry (ڳوٺاڻي سورهيائپ) آهي جنهن تي هڪ ٻئي اطالوي اوپيرانگار Mascagni هڪ اوپيرا لکيو جنهن تي اڳتي هلي زيفيريليءَ هڪ فلم ٺاهي. اِها ڪهاڻي پڻ سسليءَ جي هڪ ڳوٺ بابت آهي جتان جي ڳوٺاڻي جيوت جي فلم ۾ شاندار عڪاسي ڪئي وئي آهي ۽ فلم ڏسندي محسوس ٿو ٿئي ته ڏسندڙ پڻ انهيءَ ڳوٺ جا ڄڻ رهواسي هجن. جيڪڏهن اوهان کي اولهه جي سنگيت پسند آهي ته انهيءَ اوپيرا جا گيت اوهانکي ضرور موهيندا.

جيڪڏهن اٽليءَ بابت ڪجهه وڌيڪ ڏسڻ چاهيو ٿا ته برٽ لنڪاسٽر ۽ ايلسن ڊيلون جي فلم The Leopard ضرور ڏسو جيڪا 1963 ۾ زيفيريليءَ جي اُستاد لوڪي نوويس ڪونٽيءَ ٺاهي هئي. اٽليءَ جي اشرافيا جي زوال تي اِها هڪ شاندار فلم آهي.

زيفيريليءَ پنهنجي فلمي سفر جي شروعات ويس ڪونٽيءَ جي سرپرستيءَ ۾ ئي ڪئي هئي. جڏهن 1948 ۾ ويس ڪونٽي پنهنجي فلم

Terra Trema ناهي رهيو هو تہ زيفيريلي ان ۾ سندس نائب هدائتڪار هو. ويس ڪونٽيءَ ڪي اطالوي سينيما جي جديد حقيقت نگاريءَ جو باني ليکيو ويندو آهي. جيئن تہ هو سينيما، اوپيرا ۽ ٿيٽر ٽنهي تي پنهنجا اثر وجهي رهيو هو، انڪري ئي زيفيريليءَ جو پڻ انهن ٽنهيءَ ۾ چاهہ پيدا ٿيو.

هاڻ اچون ٿا اوپيرا ڏانهن. جيتوڻيڪ زيفيريليءَ جو ڪم تمام گهڻو وسيع آهي پر هتي صرف سندس ان اوپيرا جو ئي ذڪر ڪنداسين جنهن ۾ وڏي پئماني تي سياسي ۽ سماجي پيغام ڏنل آهي. اطالوي اوپيرا نگارن ۾ پوچينيءَ جو وڏو نالو آهي، سندس ٽي اوپيرا تمام گهڻو مشهور ٿيا جيڪي زيفيريليءَ جي هدائتڪاريءَ ۾ ڪيترائي ڀيرا پيش ڪيا ويا. انهن مان هڪ "ٽوسڪا" آهي جنهن ۾ سن 1800 جي لڳ ڀڳ جي ڪهاڻي پيش ڪيل آهي. ٻيو اوپيرا "لابوهيم" آهي جنهن ۾ 1830 جي پئرس جي ڪهاڻي آهي، جڏهن تہ ٽيون "مادام بٽرفلاءِ" آهي جنهن ۾ اوڻويهين صديءَ جي آخر واري ناگاساڪيءَ جي تصوير چٽي وئي آهي. اِهي ٽئي اوپيرا بنان ڪنهن معاوضي جي يوٽيوب تي موجود آهن.

ٽوسڪا روم جي هڪ سياسي قيديءَ جي ڪهاڻي آهي، جڏهن روم تي تشدد ۽ ڊپ ڊاءُ جو راڄ هو. ريپبلڪن گروهہ پسپائيءَ جو شڪار هو ۽ شاهہ پرست حملي آور زوراور هئا. سڪارپيا نالي هڪ جنرل جيڪو ڳجهي پوليس جو سربراهہ ۽ ڪٽر شاهہ پرست آهي، چونڊي چونڊي جمهوريت پسندن کي قيد ٿو ڪري ۽ تشدد جو نشانو ٿو بڻائي. هڪ قيدي ڪنهن ريت فرار ٿي پنهنجي هڪ فنڪار دوست وٽ پناهہ ٿو وٺي. هاڻ هت فن ۽ آزاديءَ لاءِ اُڪير جو تعلق ڏيکاريو ويو آهي. اِهو اوپيرا ڏسي يا پڙهي اوهانکي پڪ سان پاڪستان جون ساروڻيون من تي اُڪري ايندين.

ٻيو اوپيرا "لابوهيم" اوهانکي 1830 واري پئرس ڏو وٺي وڃي. انهيءَ اوپيرا جا چار مرڪزي ڪردار آهن، هڪ چترڪار مارسيلو، هڪ شاعر رودولفو، هڪ فلسفي شانارڊ ۽ سنگيتڪار. ان ۾ هڪ ڪنجوس مالڪ مڪان آهي ۽ هڪ سيبو سلائي ڪندڙ ڇوڪري ميمي. انهن ڪردارن جي موجودگيءَ ۾ اوهان پاڻ سوچي سگهو ٿا تہ اوپيرا ۾ ڇا وهيو واپريو هوندو.

اوپيرا شروع ٿيندي ئي پهرئين ڏيک ۾ ڏسون ٿا تہ غريب فنڪار



مارسيلو ۽ شاعر رودولفو پنهنجو پاڻ کي ڪرسمس جي سانجهہ واري ٿڌ کان بچائڻ واسطي رودولفو جي لکيل ناٽڪ جا صفحا ڦاڙي باهہ ٿا دکائين. پوءِ فلسفي پڻ پنهنجو ڪتاب ڪڍي ٿو اچي ۽ ان جا صفحا بہ ڦاڙي آتشدان ۾ وجهڻ تي مجبور ٿو ٿئي. ان ريت اسين پروڙيون ٿا تہ جڏهن ملڪ تي عوام دشمن قوتن جو راڄ هجي تہ ناٽڪ، شاعري ۽ فلسفو سڀڪجهہ باهہ ۾ ساڙيا ٿا وڃن.

آخر ۾ ڪجهہ ذڪر مادام بٽرفلاءِ جو جنهن ۾ وڏين عالمي طاقتن تي چٽر ڪيل آهي. امريڪي سامونڊي فوج جو هڪ آفيسر ناگاساڪيءَ جي جاپاني عورت سان وهان ٿو ڪري ۽ پوءِ پنهنجي ڳورهاري زال کي ڇڏي امريڪا موٽي ٿو وڃي. جڏهن ٻيهر موٽي ٿو تہ سندس جاپاني زال مان ڇاول پٽ ٽن ورهين جو ٿي چڪو آهي پر امريڪي آفيسر هن ڀيري پنهنجي امريڪي زال کي پڻ پاڻ سان گڏ ٿو آڻي، ان تي جاپاني عورت جي پيڙا ڏسڻ وٽان آهي.

ساڳي ريت جي ڪهاڻيءَ تي ويٽنام واري جنگ جي پسمنظر ۾ هڪ ناٽڪ "مس سائيگان" پڻ لکيو ويو هو. اهڙي ئي موضوع تي هاليووڊ ۾ 1993 ۾ هڪ فلم پڻ ٺهي هئي. "Heaven and Earth" (بهشت ۽ ڌرتي) جنهن جو هدائتڪار اوليو راسٽون هو.

هتي بہ اوهان کي پاڪستان سان هڪجهڙائپ نظر ايندي. جتي دهشتگرد پيدا ڪندڙ پيءُ واپس موٽي تو وڃي. ماءُ ٻار تي نپائي ۽ عذاب تي سهي ۽ آخرڪار آپگهات تي ٿي رسي.

اِهو اسانجو ڀاڳ آهي تہ ڪراچي، لاهور، فيصل آباد جهڙن شهرن ۾ هڪ بہ اوپيرا هائوس ناهي جتي اهڙيون فن پريون پيشڪشون ڏيکاري سگهجن. اسان پنهنجي نسل کي فن، ثقافت ۽ تاريخ کان بنهہ پرڀرو رکيو آهي. مُني صديءَ کان اسين هٿيار ۽ بارود ناهي رهيا آهيون. جنگي سورمن جا گيت جوڙي رهيا آهيون ۽ جنگ جا نغارا پيا وڄايون. شايد انڪري ئي اسان ۾ ڪو فرانڪو زيفيريلي ناهي.

# گريش ڪرناڊ، ٽيپو ۽ تغلق

انور سجاد جي مرتئي کان فقط هڪ هفتو پوءِ جون 2019 ۾ ننڍي ڪنڊ جو هڪ بيو وڏو اداڪار، هدائتڪار، ناٽڪ نويس ۽ عوامي دانشور گريش ڪرناڊ ايڪاسي ورهين جي ڄمار ۾ هينگالورو (بنگلور) ڪرناٽڪ ۾ گذاري ويو.

جيسٽوٽيڪ انور سجاد ۽ گرنيش ڪرناڊ ۾ انيڪ تخليقي صلاحيتون هيون پر ٻنهي کي پنهنجي پنهنجي ملڪ ۾ جنهن سماجي ۽ سياسي ردعمل جو منهن ڏسڻو پيو، سو بنهه مختلف هو. هونئن ته ٻئي پنهنجي معاشرن جي لاڳو رسمن، رواجن ۽ قدرن تي انتهائي تنقيدي نظر رکندڙ هئا پر کين جيڪا سماجي پذيرائي ۽ آزادي ملي سا ٻنهي ملڪن ۾ هڪجهڙي نه هئي.

انور سجاد کي علامتي لکڻين ذريعي آپيشاهاڻي دورن ۾ پنهنجو تخليقي مواد لکڻو پيو، خاص طور تي فوجي راڄن ۾ هُن رومال ۾ ويڙهي ڳالهيون ڪيون پر پوءِ به اُهي ايتريون ڇٽيون هيون جو کيس جنرل ضيا جي بدترين آمريت ۾ ڪيترائي ڀيرا قيد ڀوڳڻو پيو.

هيءُ ته اِهو گهربو هو جو انور سجاد کي عوامي ڪاڄن ۾ گهرايو وڃي ها ۽ کيس ڪنهن اعليٰ تعليمي اداري ۾ پروفيسر بڻايو وڃي ها پر ائين نه ٿيو. فوجي آپيشاهيءَ خلاف سندس سياءُ ۽ فوج جي سياست ۾ مداخلت کيس نٽي



آئڙي ۽ هو انجو ڇٽن لفظن ۾ اظهار پڻ ڪندو رهيو. پنهنجي اهڙن ئي ترقي پسند ويچارن سبب هو رياستي ادارن جي نظر ۾ هڪ اٺوٽندڙ شخص بڻجي ويو، انهيءَ ڪري آخري ڏينهن ۾ کيس شديد مالي تنگيءَ جو منهن ڏسڻو پيو ۽ هو پنهنجي دوادرمل لاءِ پڻ مالي امداد جي منٿ ميڙ ڪندو رهيو.

گريش ڪرناڊ پڻ ساڳئي لڏي جو ماڻهو ۽ روائت پسنديءَ جو شديد مخالف هو. جڏهن ڪيترائي هندستاني وي ايس نئپال کي نوبل انعام ملڻ تي جهومريون هڻي رهيا هئا ته ان وقت به گريش ڪرناڊ سندس مسلم دشمنيءَ تي چوهه چنڊي رهيو هو. ساڳي ريت ڪرناڊ جو چوڻ هو ته رابندرناٿ ٽئگور شاعر ته پلو هو پر ناٽڪ نويس نه. پر پوءِ به کيس پنهنجي ملڪ ۾ وڏو مان مليو ۽ کيس ادبي، سماجي ۽ سياسي ڏرين وٽ وڏي قدر جي نظر سان ڏٺو ويندو هو. ڪرناڊ جي مرتئي تي حڪومت سرڪاري اعزاز سان سندس آخري رسمون ڪرڻ جي آڇ ڪئي جيڪا سندس پونيئرن قبولڻ کان نابري واري.

منهنجو گريش ڪرناڊ سان تعارف سندس فلم "منٿن" ذريعي ٿيو جيڪا نهي ته 1976 ۾ پر پاڪستان ۾ 1980 واري ڏهاڪي جي شروعاتي سالن ۾ پهتي. انهيءَ فلم جو هدائتڪار شيام بينيگال هو ۽ انجا ڊائلاگ ڪيفي اعظميءَ لکيا هئا جڏهن ته اسڪرين پلي وجي ٽنڊولڪر جو هو جيڪو پاڻ به هڪ وڏو ناٽڪ نويس ۽ مضمون نگار هو.

اصل ۾ گريش ڪرناڊ، وجي ٽنڊولڪر ۽ بادل سرڪار جو هڪ ٽڪنڊو هو جيڪي ويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ وڏن ناٽڪ نويسن طور اُڀريا. هو ٽئي ڀارت ۾ لاڳو رسمن ۽ رواجن جا مخالف هئا ۽ رياستي ڏاڍڏمر تي کنهن ڊپ ڊاءُ کانسواءِ لکندا هئا. ٽنهي ڀارتيا جنتا پارٽيءَ جي کلئي عام مخالفت ڪئي ۽ انجي متيبد تي ٻڌل سياست کي واڪو ڪيائون. هنن ٽنهي هندوتوا خلاف ويڙهه وڙهي ۽ انڪري ڪيترائي ڀيرا هندوتوا جي بنياد پرست پيروڪارن جي ڏاڍ ڏمر جو نشانو بڻيا.

ڪرناڊ منٿن ۾ ڪم ڪرڻ کان اڳيئي پنهنجو پاڻ کي انگريزي ۽ ڪرناٽڪ جي ٻولي ڪنڙا جي نامياري ناٽڪ نويس طور مڃرائي چڪو هو. هُن فقط پنجويهن ورهين جي ڄمار ۾ ئي شاندار ناٽڪ "تغلق" تخليق ڪيو هو. اِهو ناٽڪ چوڏهين صديءَ جي هڪ مسلمان بادشاهه محمد بن تغلق جي

حياتيءَ بابت هو جنهن کي چريو بادشاهه سڏيو ٿو وڃي. جيڪڏهن اوهين يوٽيوب تي موجود اِهو ناٽڪ ڏسندا ته ان ۾ هاٿوڪي دور جون ڪيتريون ئي هڪجهڙايون نظر اينديون. ڪرناڊ اِهو ناٽڪ لکڻ ۾ تمام گهڻي عرق ريزيءَ کان ڪم ورتو ۽ عميق تحقيق کانپوءِ اهو لکيائين. انهيءَ ناٽڪ جا گهڻي ڀاڱي ڪردار افسانوي نه پر حقيقي آهن.

ادب ۾ ته اسانکي اهڙا ڪيترائي ڪردار ملي ويندا آهن جهڙوڪ ڊان ڪيوٽي ۽ حاجي بغلول، جيڪي پنهنجو پاڻ ۾ ايڏو ته مگن هوندا آهن جو ڪين پنهنجون خاميون نظر ئي نه اينديون آهن، پر تاريخ ۾ پڻ اهڙا ڪيترائي ماڻهو آيا آهن جيڪي ڪنهن نه ڪنهن ريت اقتدار تي قابض ٿي ويندا آهن، جهڙوڪ روم جو شهنشاهه نيرو، هندستان جو باشاهه محمد بن تغلق، انگلستان جو بادشاهه جارج ٽيون، جرمنيءَ جو چانسلر هٽلر، اٽليءَ جو فاشي آمر مسوليني، جڏهن ته اهڙا ڪيترائي اسانجي اڄوڪي دور ۾ پڻ موجود آهن. اهڙا حڪمران بيوقوفاڻيون حرڪتون ڪندا آهن ۽ ڇسيون ڳالهيون ڪندا آهن. پنهنجا ڪچا پڪا ويچار ۽ فيصلا ماڻهن تي مڙهيندا آهن جن سان معاشرا تباهه ٿي ويندا آهن.

گريش ڪرناڊ يقيني طور تي تاريخ جي ٻن اهم اڳاٽن ماخذن جي انگريزي ترجمن کي ڦهلوريو هوندو، جن وسيلي اسانکي تغلق تاريخ جو پتو ٿو پوي. هڪ ته ضياالدين برنيءَ جي تاريخ فيروزشاهي ۽ ٻيو ابن بطوطا جو سفرنامو. برنيءَ جي ڪتاب جو اڙدو ترجمو مون وٽ موجود آهي جيڪو سيد معين الحق جو ڪيل آهي ۽ اڙدو سائنس بورڊ ولاهور جو ڇپرايل آهي. انڪانسواءِ عليگڙهه مسلم يونيورسٽيءَ جو ايشوري پرشاد جو لکيل History of Muslim Rule in India پڻ هڪ ڇگيرڙو ڪتاب آهي جيڪو 1925 ۾ شايع ٿيو. انهن ڪتابن مان اسان کي پتو ٿو لڳي ته محمد بن تغلق علم جي ڪجهه شعبن ۾ پلو هو جڏهن ته ٻين شعبن ۾ سندس مهارت نالي ماتر به نه هئي مثال جي طور تي محمد بن تغلق مقرر ڏاڍو پلو هو پر ساڻس ڪنهن موضوع تي دليل ڀري ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ممڪن نه هو. سندس هڪ شروعاتي انتظامي فيصلو هو ته ماڻهن تي محصولن ۾ اضافو ڪيو وڃي. ضياالدين برنيءَ جو چوڻ آهي ته، "انهيءَ فيصلي ملڪ کي تباهيءَ جي ڪنڌيءَ تي آڻي ڇڏيو ۽



ماڻهو انتهائي غريب ٿي ويا."

عام ضرورتن جي شين ۽ کاڌي پيتي جي جنسن تي محصول وڌي ويا ۽ اِهي ايتري سختيءَ سان وصول ڪيا ويا جو ڪيترائي واپاري ۽ هنرمند به غريب ٿي ويا. انهن محصولن جي شرح ڳاٽي ٽوڙ هئي ۽ ماڻهن جي ايتري آمدني نه هئي جو انهن جو بار سهي سگهن. انڪري چوڌس غربت پکڙجڻ لڳي. ڪرناڊ پنهنجي ناٽڪ ۾ ان قسم جي فيصلن تي چوهه چنڊيا آهن ۽ محمد بن تغلق جي اقتدار پرستي ۽ آپيشاهاڻي فيصلن کي وائکو ڪيو اٿس جن مان عوام دشمنيءَ جي بو ٿي آئي. تغلق پنهنجي ساٿين جي راءِ کي ڪا اهميت نه ڏيندو هو ۽ سمورا فيصلا پنهنجي ليکي ڪندو هو مثال جي طور تي راڄڌاني دهليءَ کان منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪيائين ۽ هڪ نئين شهر دولت آباد مان حڪومت جو ڪاروهنوار هلائڻ لڳو. بادشاهه کي سگهوئي احساس ٿيو ته نئين راڄڌانيءَ مان ڪاروهنوار هلائي نٿو سگهجي سو ٻيهر دهلي موٽڻ جو حڪم جاري ڪيائين. جيتوٽيڪ سندس سمورا وعدا ۽ فيصلا واريءَ جو ڪوٽ ثابت ٿيا پر ڪڏهن به پنهنجي غلطين جو اعتراف نه ڪيائين.

گريش ڪرناڊ پنهنجي انهيءَ ناٽڪ ۾ اِهو به ڏيکاريو آهي ته تغلق پنهنجي ملڪ جي ڪرنسيءَ واري سرشتي کي پڻ تباهه ڪري ڇڏيو جنهن سبب ملڪي معيشت تي ڌڪ پيو. انجي بدران جو ملڪي معيشت کي هٿي ڏجي ها ۽ صنعت ۽ واپار کي وڌائجي ها. سندس پاليسين ڪرنسيءَ کي ٻنهه تاراج ڪري ڇڏيو. هُن وڌ کان وڌ سڪا تيار ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو جنهن لاءِ سون ۽ چاندي هٽائي ڪونه. پوءِ هُن ٽامي، پتل ۽ ڪنجهيءَ جا سڪا جاري ڪيا، جنهن سبب بازار ۾ سڪن جي گهٽائي ٿي وئي ۽ مهانگائي وڌي وئي ۽ نتيجي طور عام واهپي جي شين ۽ زرعي جنسن جي ڪوٽ ٿي پئي.

تغلق پاڙيسرين سان ناتا ٺيڪ رکڻ بدران جنگي تيارين تي زور ڀريو ۽ مسلسل ٻين علائقن تي اڳرايون ڪندو رهيو، نتيجي طور سندس سلطنت ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار بڻي. پنهنجي سموري اقتداري دور ۾ محمد بن تغلق ڪڏهن به پنهنجي غلطين جو اعتراف نه ڪيو ۽ نه ئي ماڻهن جي اهنجن جو ادراڪ ڪيائين. تغلق پنهنجي ذات تي ضرورت کان وڌيڪ اعتماد ۽ مهم جوئيءَ سان تباهي آڻي ڇڏي. مٿان وري تغلق کي گهمنڊ به گهڻو هو جنهن

سبب پنهنجي مخالفن کي ناس ڪرڻ ۾ جنبيل رهيو، جنهن ۾ سائنس اختلاف ٿي ڪيو تنهن جو ڏڻ-پچو رولي ٿي ڇڏيائين.

گريش ڪرناڊ جو هڪ ٻيو شاندار ناٽڪ ”ٽيپو سلطان جاسپنا“ آهي. اهو ناٽڪ مختلف نوعيت جو آهي جنهن ۾ حاڪم حقيقي طور تي پنهنجي عوام سان محبت ٿو ڪري ۽ سندن حالت بهتر بنائڻ ٿو چاهي. ڪيس ماڻهن جي پنيرائي پڻ حاصل آهي پر طاقت جا دلال ڪيس ناڪام ٿا بڻائين جن ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني اڳيري آهي. ڪمپنيءَ وٽ اعليٰ معيار جا هٿيار پنهوار آهن ۽ انجا ڪارندا سازشن ۾ ٻڙ آهن جنهن سان هو علائقي جي ٻين حاڪمن کي پنهنجي پاسي ٿا ڪن. مراٺا ۽ نظام حيدرآباد اُهي سياسي طاقتون آهن جيڪي ڪمپنيءَ جو ساٿ ڏيون ڏين ۽ ٽيپو کي شڪست ٿي اچي. ميسور جو شينهن شهيد ٿو ٿئي، جنهن ڪانپوءِ ٻين حاڪمن جو وارو ٿو اچي. اُهي جن کي ڪمپنيءَ خلاف ويڙهه ڪرڻ ڪپندي هئي سي پنهنجي عارضي لاءِ ميسور جي شينهن سان مقابلي تي ٿا لهن ۽ سيني جو نقصان ٿو ٿئي.

گريش ڪرناڊ جي ناٽڪن تغلق ۽ ٽيپو جا سپنا ۾ اسانکي سماجي، سياسي ۽ معاشي سبق ٿا ملن. اهي اهڙا تاريخي ناٽڪ آهن، جيڪي اڄ جي حالتن سان نهڪيءَ ٿا اچن.

گريش ڪرناڊ جون فلمون بہ شاندار هيون پر سندس ناٽڪ پنهنجو مٽ پاڻ هئا.



# رشي ڪپور ۽ عرفان خان

عرفان خان ۽ رشي ڪپور ترتيبوار 29۽ 30 اپريل 2020 تي گذاري ويا. ڀارتي فلمي صنعت ۾ ڪم ڪرڻ ڪان اڳ ٻنهي جو ڪٽنبي پسمنظر هڪٻئي ڪان ٻنهہ مختلف هو. رشيءَ کي فن جي دنيا ۾ پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي ڪان هڪ انتهائي ڊگهي ۽ قدر جوڳي وراثت ملي هئي، اهو ڪٽنب رشيءَ جي فلمي دنيا ۾ اچڻ ڪان اڳ گذريل پنجاهہ ڪن سالن ڪان ڀارتي سينيما تي راڄ ڪري رهيو هو. ويهين صديءَ جي شروعات ڪان ئي رشي ڪپور جو ڏاڏو پرٿوي راڄ ٿيٽر ۽ خاموش فلمن جو وڏو اداڪار بڻجي چڪو هو. سندس پيٽ ۾ عرفان خان انهيءَ دنيا ۾ نئون نڪور هو، جنهن جا فلمي دنيا ۾ ڪي بہ ڪٽنبي لڳ لاڳاپا نہ هئا. عرفان خان وٽ رڳو اداڪاريءَ جي هڪ سند هئي ۽ هڪ اُدمو هو جيڪو کيس اداڪار بڻجڻ ڏانهن مائل ڪري رهيو هو. ڪيس فلمي دنيا ۾ پنهنجي واٽ پاڻ ناهڻي هئي ۽ ان لاءِ وٽس صلاحيت بہ هئي تہ مستقل مزاجي بہ.

عرفان خان کي پنهنجي پهرين مرڪزي ڪردار ادا ڪرڻ کان اڳ ڪو پندرهن کن ورهيه وڏي جاکوڙ ڪرڻي پئي، پوءِ ايندڙ پندرهن ورهيه سندس ڪردار نگاري ڏيهه ۽ پرڏيهه ۾ چاتي سُڃاتي وئي ۽ کيس وڏي پئماني تي پذيرائي پڻ ملي. اِها عرفان خان جي شاندار ڪارڪردگي ئي هئي جو هو ڪنهن وڏي فلمي ستاري بدران هڪ با صلاحيت اداڪار طور ڄاتو سڃاتو ٿي ويو.

رشي ڪپور پهرين ڏينهن کان هڪ فلمي ستاري جيان اُڀريو، اداڪاري سندس رت ۾ شامل هئي ۽ هو پنهنجي بزرگن جي سنواريل واٽ تي ڊوڙندو اڳتي وڌيو. شروعات کان ئي فلمي اخبارون ۽ رسالا رشي ڪپور جا پيڇي هئا ۽ کيس ڪپور گهراڻي جو ايندڙ جرڪندڙ ستارو سڏي رهيا هئا. هڪ اهڙو ستارو جنهن ۾ پوين ستارن کي ڪومائڻ جي صلاحيت هئي. سندس پيءُ راجڪپور نہ رڳو رشيءَ جي پهرين فلم جو ڊائريڪٽر ۽ پروڊيوسر هو پر کيس پهريون مرڪزي ڪردار ڏيندڙ پڻ هو. راجڪپور ئي 1973 ۾ رشيءَ جي پهرين فلم "بوبي" لاءِ سڏسماءُ جي ادارن ۾ مهم هلائي هئي. ايڪويهن ورهين جي ڄمار ۾ ئي رشي دلين تي راڄ ڪندڙ فلمي ستارو بڻجي رهيو هو. خاص طور تي نوجوان ڏسندڙ ۽ فلمن جا شوقين سگهوئي رشي ڪپور جا ديوانا بڻجي ويا. اُن وقت عرفان خان جي ڄمار فقط ڇهه ورهيه هئي.

"بوبي" هڪ سادي سودي پريم ڪهاڻي هئي جنهن ڪڙڪي ٽوڙ اُپت ماڻي اهو ڪهڙي ريت ممڪن ٿيو تنهن لاءِ راجڪپور جي پوئين فلم "ميرا نام جوڪر" تي ڳالهائڻو پوندو جيڪا 1970 ۾ آئي. اِها فلم هڪ اهڙو داستان آهي جنهن ۾ ڪهاڻيڪار خواجہ احمد عباس ۽ فلمساز راجڪپور جون سموريون صلاحيتون ڪتب آنديون ويون پر ماڻهن انهيءَ فلم کي رد ڪري ڇڏيو. هو ان فلم جي عظمت کي سمجهي نہ سگهيا ۽ نہ ئي ان ۾ موجود پيغام کي ساراهي سگهيا.

خواجا احمد عباس پراڻو قلمڪار هو جنهن جي ترقي پسندي اڻموٽ هئي جڏهن تہ راجڪپور پنهنجي زندگيءَ جي بهترين فلم خواجا احمد عباس جي ڪهاڻيءَ تي ئي ٺاهڻ ٿي گهري. ٻنهي پنهنجي ڏسندڙن کي تفريح ۽ تعليم ٿي ڏيڻ چاهي جنهن ڪوشش ۾ ناڪام رهيا.



انهيءَ ريت خود معاشرو پنهنجي تخليقي فردن کي مجبور ڪندو آهي تہ هو پنهنجي صلاحيتن کي واپاري بنيادن تي وڪرو ڪرڻ تي مجبور ٿين. "ميرا نام جوڪر" ٺاهڻ ۾ ڇهه سال لڳا هئا ۽ ان ۾ ڀارتي فلم صنعت جا وڏا نالا شامل هئا ۽ ان فلم تي وڏي رقم خرچ ٿي. انجي ناڪاميءَ ڪانپوءِ راجڪپور ۽ خواجا احمد عباس گوڏو ڪوڙي ويٺا ۽ هڪ گهٽ خرچ واري روائتي گٺل پٺل موضوع تي هڪ فلم ٺاهيائون. شاهوڪار ۽ غريب جي پريت جو پراڻو خيال استعمال ڪندي جهٽ پٽ ۾ فلم تيار ڪيائون. انهيءَ فلم ڪاميابيءَ جا ريڪارڊ قائم ڪيا ۽ 1970 واري ڏهاڪي جي ڪامياب ترين فلمن مان هڪ بڻي جنهن جو ريڪارڊ 1975 ۾ "شعلے" ٽوڙيو. انهيءَ فلم ۾ سورهن ورهين جي ڪومل اداڪار ڊمپل ڪپاڊيا هئي ۽ گول مٽول ڳاڙهو ڳٽو رشي ڪپور جن فلم "بوبي" ذريعي راجڪپور جي پوين سمورن نقصانن جي ڀرپائي ڪئي.

1970واري ڏهاڪي دوران ڪراچيءَ ۾ رهندي ليڪ اسڪولي شاگرد هو ۽ ايندي ويندي بسن ۽ هوٽلن ۾ فلم بوبيءَ جا گانا ٻڌندو "جھوٹ بولے کوا کاٹے" "ہم تم اک کمرے میں بند ہوں" "میں شاعر تو نہیں" ۽ "مجھے کچھ کہنا ہے" جهڙا گيت آنند بخشيءَ جا لکيل هئا جڏهن تہ سنگيت لڪشمي ڪانت پياري لال جي هئي. اِهي گيت نوجوانن کي پنهنجي جادو ۾ وڪوڙي ويندا هئا. اسانجي گهر پهريون ٽيپ ريڪارڊ 1976 ۾ آيو ۽ اسين آڊيو ڪيسٽن تي اِهي گانا ٻڌڻ لڳاسين.

انهيءَ فلم لاءِ راجڪپور ڊمپل کي نيتو سنگهہ تي ترجيح ڏني. نيتو سنگهہ تن ڏينهن ۾ پندرهن ورهين جي هئي ۽ اڳتي هلي رشي ڪپور سان پرڻي. اڳتي هلي ڊمپل ڪپاڊيا حيرت انگيز طور تي انهيءَ دور جي سڀ کان وڏي سپر اسٽار راجيش کنا سان وهان ڪيو جيڪو ڊمپل کان ڄمار ۾ ٻيڻ تي هو. شاديءَ کانپوءِ ڊمپل پنهنجو امڪاني طور تي شاندار فلمي ڪيريئر ايندڙ پندرهن سالن لاءِ قربان ڪري ڇڏيو ۽ تنهن کانپوءِ مڙس کان طلاق وٺي ٻيهر فلمن ۾ آئي پر اوستائين سندس جواني لنگهي چڪي هئي.

فلم "بوبي" ۾ ڊمپل ۽ رشي ڪپور کي بهترين اداڪاريءَ جا فلم فيئر ايوارڊ مليا پر اڳتي هلي رشيءَ اعتراف ڪيو تہ انهيءَ ايوارڊ لاءِ ڪجهہ

رشوت ڏني وئي هئي. ياد رهي تہ سندس مقابلي ۾ "زنجير" فلم لاءِ اميتاڀ بچن هو.

انڪانپوءِ رشي ڪپور ڪجهہ ڪامياب فلمن ۾ ڪم ڪيو ۽ ان دوران 1976 ۾ رنجيتا ڪور سان سندس هڪ ڪامياب فلم "ليليٰ مجنون" آئي. انهيءَ فلم جي ڪامياب ٽيم ۾ رشي ڪپور سان گڏ نئين اداڪارا رنجيتا ڪور جو پڻ هٿ آهي. انهيءَ فلم جا شاندار ڊائلاگ ابرار علويءَ لکيا هئا جيڪو ان کان اڳ گرودت لاءِ فلم "پياسا" جهڙي شاندار فلم لکي چڪو هو، جڏهن تہ 1962 ۾ هڪ ٻئي شاهڪار فلم "صاحب، بي بي اور غلام" جا ڊائيلاگ لکي ۽ هدائتڪاري ڪري چڪو هو، جيتوڻيڪ انهيءَ فلم جي فلمساز گرودت انهيءَ جي هدائتڪاريءَ ۾ پڻ هٿ ونڊايو هو.

"صاحب، بي بي اور غلام" ۾ گرودت ۽ مينا ڪماريءَ کي بهترين اداڪاري، جڏهن تہ ابرار علويءَ کي بهترين هدائتڪاريءَ جا فلم فيئر ايوارڊ مليا. فلم "ليليٰ مجنون" ۾ آخرڪار رشي ڪپور هڪ بهترين اداڪار طور پاڻ مڃرايو ۽ سندس شهرت پارت کان اُڪري پرڏيهہ تائين وڃي پهتي ۽ خاص طور تي سوويت يونين ۽ انجي وچ ايشيا وارين رياستن ۾ سندس فلمون تمام گهڻيون مقبول ٿيون. ياد رهي تہ وچ ايشيا ۾ نظام گنجويءَ جي مثنوعي ليليٰ مجنون ڪلاسيڪل ادب جو حصو آهي ڇاڪاڻ جو گنجوي اُتان جي شهر گنج جو رهواسي هو جيڪو هن وقت آذربائيجان جو حصو آهي. نظام گنجوي ٻارهين صدي عيسويءَ کان اُتان جي هر گهر ۽ ڪٽنب ۾ پڙهيو ٿو وڃي، انڪري اُتي رشي ڪپور جي فلم "ليليٰ مجنون" انتهائي ڪامياب ٿي.

انڪانپوءِ رشي ڪپور جي حصي ۾ ڪيتريون ئي فلاپ فلمون آيون. اِها صورتحال 1977 ۾ تبديل ٿي جڏهن فلم "امر اڪبر انتهوني" ۽ "ڪڀهي ڪڀهي" ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪيائين. جيتوڻيڪ انهن فلمن ۾ اميتاڀ بچن، ششي ڪپور ۽ ونود کنا جي موجودگيءَ ۾ رشي ڪپور ڪو خاص ڀوتو ڀاري نہ سگهيو پر پوءِ بہ اِهي فلمون وڏي پئماني تي ڪامياب رهيون. ٻيهر سندس فلاپ فلمن جو سلسلو شروع ٿيو جيڪو 1979 جي ڪامياب فلم "سنگم" تي ٽُٽو جنهن جو گيت "ڈفلی والے ڈفلی بجا" گهڻين ۽ ڳامن ۾ گونجندو رهيو.

1980 ۾ فلم "قرض" هڪڀيرو ٻيهر رشي ڪپور کي فن جي بلنديءَ



تي پهچايو، جنهن کانپوءِ اميتاڀ بچن ۽ شتروگهن سنها سان سندس فلم "نصيب" انتهائي ڪامياب ٿي، 1980 واري ڏهاڪي ۾ رشي ڪپور درجن کن فلمن ۾ آيو ۽ ڪروڙين ڏسندڙن جو من موهيائين پر انهيءَ دوران سندس ٻن فلمن کي غير معمولي ليکي سگهجي ٿو. 1982 ۾ "پريم روگ" جنهن ۾ پدمني ڪولهاپوري ۽ شمي ڪپور ساڻس گڏ هئا ۽ 1988 جي فلم "ايڪ چادر ميلي سي" جنهن ۾ هيما مالني ۽ پونم ڍلون بہ هيون. ٻنهي فلمن ۾ اهم سماجي مسئلن ۽ منع ٿيل موضوعن کي سامهون آندو ويو هو. "ايڪ چادر ميلي سي" راجندر سنگهہ بيديءَ جي ساڳي سري هيٺ ناول تان ورتل هئي. فلم جي ڪهاڻي ڳوٺائي پنجاب جي هڪ سک گهراڻي جي چوڌاري ٿي ڦري جنهن ۾ رشي ڪپور ننڍي ڀاءُ جو شاندار ڪردار ادا ڪيو آهي جنهن جو پنهنجي وڏي ڀاءُ جي قتل کانپوءِ زبردستي ڀاڄائيءَ سان وهان ڪرايو ٿو وڃي. انهيءَ فلم ۾ فني صلاحيتن جو استعمال ڪيو ويو آهي ۽ نتيجي طور فلم کي تمام گهڻي پذيرائي ملي.

1990 واري ڏهاڪي ۾ رشي ڪپور جي فلمن جي فهرست وڌندي وئي پر رڳو هڪ فلم اهڙي آهي جيڪا ياد رکي ويندي. 1993 ۾ نهندڙ فلم "دامني" جيتوڻيڪ ان فلم ۾ اداڪارا مينا ڪشي ڇانيل رهي پر ان ۾ رشي ڪپور جي اداڪاري بہ شاندار هئي.

انڪانپوءِ وارن پنجويهن سالن ۾ رشي ڪپور گهڻي ڀاڱي مزاحيا فلمن ۾ ڪم ڪيو جن ڏسندڙن کان ٽهڪ تہ ڏيارايا پر شايد انهن مان ڪا بہ فلم يادگار ليکي نہ سگهجي جنهن ۾ سندس اٿوسندڙ اداڪاري هجي. پوءِ بہ ستهٺ ورهين جي ڄمار ۾ 2020 ۾ گذاري وڃڻ تائين رشي ڪپور انتهائي خوش باش رهيو.

آخري ورهين ۾ هو ٽوئيٽر تي پڻ تمام گهڻو سرگرم هو ۽ ان تي پاڪستان-هندستان جي بهتر ناتن ۽ امن بابت پنهنجن ويچارن جو چٽو پٽو اظهار ڪندو رهيو. سندس خواهش هئي تہ هو پشاور ۾ پنهنجو اباڻو گهر ۽ علائقو ڏسڻ اچي. هو هر قسم جي نسلي، ٻوليوار ۽ مذهبي مت ڀيد کان مٿيرو هو، ونس سمورن مذهبن جو احترام هو. هو انتهائي ڀاڀوهہ سان پنهنجي مسلمان دوستن جو ذڪر ڪندو هو جن مان خواجا احمد عباس ۽ يوسف خان

(دليپ ڪمار) سان سندس پيءُ راجڪپور جي سنگت جو خاص حوالو هو. جيڪڏهن ڪو مونکان رشي ڪپور جي پلوڙ فلمن بابت پڇندو ته ڪيس سندس فلمن ”دامني“ ، ”ايک چادر ميلي سي“ ۽ ”پريم روگ“ ضرور ڏسڻ جي صلاح ڏيندس.

منهنجي خيال ۾ رشي ڪپور جيڪڏهن ٿورڙو سوچي سمجهي پنهنجي فلمن جي چونڊ ڪري ها ته جيڪر تمام پليون فلمون ڏئي سگهي ها، پر سندس دور ۾ اميتاڀ بچن ۽ ششي ڪپور جهڙا فنڪار ڇانيل هئا سو رشي ڪپور ڪامياب ته ٿئي ها پر اونچاين کي ڇهي نه سگهي ها ۽ شايد انڪري ئي پنهنجي ڪٽنب جي وڏڙن جي ڇانوري ۾ هلندو رهيو.

هتي اِهو سوال اُٿاري سگهجي ٿو ته آءٌ سٺي ۽ خراب فلم ۾ فرق ڪهڙي ريت ٿو ڪريان. منهنجي وصف اِها آهي ته جيڪڏهن ڪا فلم اوهانکي جڪڙي رکي ۽ اوهين ڪن پل لاءِ به ڏيان هٽائڻ ڪانسواءِ اِها سڄي فلم ڏسو ته اِها چڱي فلم آهي، جنهن ڪانپوءِ اوهانکي ڪو پڇتاءُ نه ٿئي ته اوهانجو وقت ضائع ٿيو. جيڪڏهن اوهانکي اِها فلم ٻيهر ڏسڻ جي خواهش آهي ته اِها تمام گهڻي سٺي فلم آهي ۽ جيڪڏهن ڪا فلم هر هر ڏسڻ چاهيو ته انکي بهترين فلمن ۾ ڳڻي سگهجي ٿو. اهوئي طريقو آئون سمورن فني ڪيترن تي لاڳو ڪندو آهيان جيڪڏهن ڪو ناول يا افسانو هڪيرو دلچسپيءَ سان پڙهي پورو ڪريو ۽ ڪو پڇتاءُ نه ٿئي ته اِهو سٺو ناول يا افسانو آهي، جيڪڏهن انکيءَ ٻيهر پڙهڻ چاهيو ته اِهو تمام سٺو ۽ جيڪڏهن هرهر پڙهڻ چاهيو ته بهترين يا شاندار ۽ شاهڪار هوندو.

پر ڳالهه ايتري سادڙي به ناهي. ڪو به سٺو فن پارو مقامي طور تي ڄاتو سُڃاتو ويندو آهي، ڪنهن چڱي فن پاري کي سڄي خطي يا ڪيترن ئي ملڪن ۾ پذيرائي ملندي آهي، جڏهن ته شاندار يا شاهڪار فن پارو حدن جي قيد کان آزاد هوندو آهي ۽ آفاقي طور تي ساراهيو ويندو آهي پوءِ وقت جو سفر پڻ اڄي ويندو آهي، ڇاڪاڻ جو شاهڪار فن پارو وقت جي قيد کان پڻ آجو ٿي ويندو آهي ۽ نسلن ۽ صدين تائين باقي رهندو آهي. ان ڪي اُهي نقاد پڻ ساراهيندا آهن جيڪي ڪيترين ئي صدين دوران تخليق ڪيل فن پارا ڏسي چڪا هوندا آهن.



جيڪڏهن اِهو فارمولو رشي ڪپور ۽ عرفان خان تي لاڳو ڪنداسين ته پتو لڳندو ته رشي ڪپور پنجاهه کان به وڌيڪ سال ڪم ڪرڻ ۽ ڏيڍ سئو کان وڌيڪ ڪردار ادا ڪرڻ جي باوجود ڪو درجن ڪن چڱيون فلمون ڏئي سهگيو جيڪي سندس آڌار تي بيٺل هجن ۽ هو ڪجهه ئي شاهڪار ڏئي سگهيو جن کي هر هر ڏسڻ تي من ٿيندو هجي.

رشي ڪپور جي ڀيٽ ۾ عرفان خان وڌيڪ بهتر ڪردار تخليق ڪيا ۽ سي به نسبتاً ٿورڙي عرصي ۾. عرفان خان کي پنهنجي واٽ پنهنجي ئي رت ۽ پگهر سان جوڙڻي پئي ڇاڪاڻ جو سندس ڪٽنبي پسمنظر مختلف هو ۽ وٽس رشي ڪپور جيترا وسيلا به نه هئا. ڪيس پنهنجو وڏو ڪردار حاصل ڪرڻ کان اڳ گهٽ ۾ گهٽ پندرهن سال ڪشالا ڪڍڻا پيا. آخرڪار هُن پنهنجو پاڻ کي هڪ متاثر ڪندڙ اداڪار ثابت ڪيو.

سندس شاهڪار ڪردار چوڌس مقبول ٿيا ۽ نقادن جو ڌيان ڇڪرايائون. سندس ڪيترين فلمون هر هر ڏسڻ تي من ٿئي ٿو. جيڪڏهن رشي ڪپور وڏو فلمي ستارو هو ته عرفان هڪ مهان ڪلاڪار. جيتوڻيڪ سندس فلمون واپاري لحاظ کان گهٽيون ڪامياب نه ٿيون جيترين رشي ڪپور جون هيون پر اها فن جي دنيا ۾ ڪا وڏي ڳالهه ناهي، عرفان جي ڪاتي ۾ ”بوبي“ يا ”ليليٰ مجنون“ جهڙي ڪا فلم نه آئي ڇاڪاڻ جو سندس ڪردار نگاري بنهه مختلف هئي ۽ فن جي ٻين پئمانن تي پوري ٿي لٿي جيڪي گهٽي ڀاڱي واپاري نوعيت جا هئا.

عرفان رشي کان پندرهن ورهيه ننڍو هو ۽ جڏهن رشي پنجاهه کان وڌيڪ فلمن ۾ ڪم ڪري چڪو هو ته اُن وقت 1980 واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري عرفان اڃان نيشنل اسڪول آف ڊراما جو شاگرد هو. شايد فلمن جي وڏي تعداد پڻ رشيءَ کي ڪو وڏو شاهڪار تخليق ڪرڻ نه ڏنو. ٽي وي ناٽڪ ”شريڪانت“ عرفان لاءِ پهريون وڏو ڪردار هو. جيڪڏهن اوهانجي بنگالي ادب ۾ ڪا دلچسپي آهي ۽ ”ديوداس“ جي ليکڪ شرت چندر چيٽرجيءَ جو هڪ وڌيڪ شاهڪار ڏسڻ چاهيو ٿا ته انٽرنيٽ تي موجود شريڪانت ضرور ڏسو.

اداڪاريءَ واري تعليم مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ عرفان کي ميرا نائر جي

فلم "سلام بمبئي" ۾ ڪردار مليو پر ميرا نائر ڪائنس گهڻو متاثر نه ٿي ۽ سندس ڪردار جو دورانيو گهٽائي ڇڏيائين، جيڪو هاڻ نه هئڻ جيترو ٿي ويو هو.

انڪانپوءِ عرفان خان ٽي وي ناٽڪن ۾ ايندو رهيو جنهن دوران هُن علي سردار جعفريءَ جي لکيل هڪ ٽي وي ناٽڪ ۾ نامياري ترقي پسند شاعر مخدوم محي الدين جو ڪردار پڻ ڪيو. اصل ۾ علي سردار جعفريءَ 1990 واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ اڙدو جي ناميارن شاعرن تي "دور درشن" لاءِ ڪيترائي ناٽڪ لکيا هئا پر اها سيريل ڪو خاص متاثر ڪندڙ نه هئي ۽ انجي پيشڪش پڻ چڱي نه هئي. ايندڙ ڏهاڪو ڪن سالن تائين عرفان خان ٽي ويءَ تي ئي رهيو ۽ فلمن ۾ ڪو ذڪر جوڳو ڪردار حاصل ڪري نه سگهيو. هندستاني هدائتڪارن ڪيس اوڏي مهل سنجيدگيءَ سان ورتو جڏهن لندن ۾ رهندڙ هڪ هدائتڪار آصف ڪپاڊيا ڪيس پنهنجي فلم The Warrior (جنگجو) ۾ ڪم ڏنو. انهيءَ فلم کي بهترين فلم جو بافٽا ايوارڊ مليو ۽ عرفان خان جو ڳاڻيٽو وڏن اداڪارن ۾ ٿيڻ لڳو.

سندس ايندڙ وڏي فلم "حاصل" هئي جيڪا 2003 ۾ آئي. اِها شاگرد سياست بابت هڪ وچولي درجي واري فلم هئي پر ان ۾ عرفان خان جي شاندار اداڪاريءَ تي ڪيس پهريون فلم فيئر ايوارڊ مليو. هاڻ هو پنهنجي جاءِ جوڙي رهيو هو. انڪانپوءِ ميرا نائر ساڻس ٿيل زيادتيءَ جو ازالو ان ريت ڪيو جو هُن پنهنجي فلم The Namesake ۾ عرفان خان کي مرڪزي ڪردار ڏنو. اِها فلم جهمپا لاهريءَ جي ناول تي ٻڌل هئي ۽ انکي ڪيترائي عالمي ايوارڊ پڻ مليا. اداڪارا تبو ان فلم ۾ شاندار اداڪاري ڪئي.

2007 ۾ عرفان خان جون ٻه وڏيڪ فلمون "لائف ان ميٽرو" ۽ "اي مائيٽي هارٽ" سامهون آيون. اِهي ٻئي فلمون انيڪ ڀيرا ڏسي سگهجن ٿيون، خاص طور تي "لائف ان ميٽرو" انتهائي شاندار فلم آهي. "اي مائيٽي هارٽ" ۾ عرفان خان اينجيلا جوليءَ جي سامهون پلو ڪم ڪيو آهي. 2008 ۾ هدائتڪار ڊيني بوائل جي فلم "سلم ڊاگ مليئنر" آئي جنهن آسڪر ايوارڊ پڻ حاصل ڪيا. اِها فلم وڪاس سوروپ جي ناول تي ٻڌل هئي جنهن عرفان خان کي ڏيهان ڏيهه مشهور ڪري ڇڏيو.



ان کانپوءِ 2009 ۾ "بلو" آئي جيڪا هلڪي ڦلڪي مزاح واري فلم هئي، جنهن ۾ عرفان خان بلو نالي هڪ حجم جو ڪردار ادا ڪيو آهي جيڪو شاهه رخ خان جو دوست هئڻ جو دعويدار آهي. اِها فلم هڪيرو ڏسي سگهجي ٿي.

انڪانپوءِ 2012 ۾ عرفان خان ٻه پلا ڪردار ادا ڪيا هڪ "پان سنگهه طومار" ۾ ۽ ٻيو آسڪر ايوارڊ يافته "لائف آف پائي". "پان سنگهه طومار" يقيناً هڪ شاهڪار فلم هئي جيڪا ڪيترائي ڀيرا ڏسي سگهجي ٿي. اِها هڪ اهڙي رانديگر جو سحر انگيز داستان آهي جنهن پنهنجي ملڪ ڀارت لاءِ ڪيترائي عالمي ٻلا کٽيا پر جنهن کي پنهنجي ئي ملڪ ۾ ڏکار ۽ مت ڀيد جو منهن ڏسڻو پيو. جڏهن واپس پنهنجي ڳوٺ ڏو موٽي ته سندس ڀنيءَ تي سندس مٽ مائٽ قبضو ڪري ڪن ۽ پوليس بدعنوانيءَ سبب ڪو ٻوٽو نٿي ٻاري. سندس چٽر تو اُڏائجي ۽ ڪجهه سال اڳ تائين ملڪ جو اهو وڏو رانديگر پنهنجو پاڻکي اوچتو ئي اوچتو اڪيلو ڏو پائي. پنهنجي ماءُ جي قتل کانپوءِ هو ڌاڙيل ٿو بڻجي ۽ پنهنجا پلاند ٿو چڪائي. انهيءَ فلم ۾ شاندار اداڪاريءَ تي عرفان خان کي ٻيو فلم فيئر ايوارڊ ڏنو ويو.

2013 ۾ فلم "لنچ باڪس"، 2014 ۾ فلم "حيدر" 2015۾ "پيڪو" ۽ 2017 ۾ فلم "هندي ميڊم" ڪاميابين جا سندس لاءِ نوان دڳ کوليا. لنچ باڪس انتهائي متاثر ڪندڙ فلم هئي جنهن کي ڪيترائي ڏيهي ۽ پرڏيهي ايوارڊ پڻ مليا "حيدر" ڪشمير بابت هئي جنهن ۾ آزاديءَ واري جدوجهد کي بهتر انداز ۾ پيش ڪيو ويو هو.

فلم "پيڪو" هڪ اهڙي بزرگ شخص بابت آهي جيڪو پنهنجي ڌيءَ لاءِ انتهائي پريشان آهي جيتوڻيڪ هوءَ سندس تمام گهڻو خيال ٿي رکي. انهيءَ فلم ۾ عرفان خان اميتاڀ بچن جهڙي پلوڙ اداڪار اڏو ڀرپور ڪردار نڀايو آهي. فلم "هندي ميڊم" هيٺين وچولي طبقي بابت آهي جيڪو مٿين طبقي ۾ نه شامل ٿيڻ چاهي ٿو پر انگريزيءَ کان اڻڄاڻ آهي.

انهيءَ فلم ۾ پاڪستاني اداڪارا صبا قمر پڻ يادگار اداڪاري ڪئي آهي. عرفان جي زال واري ڪردار ۾ هوءَ پنهنجي مڙس کي لاڳيتو تنگ ڪندي ٿي رهي ته هو شاهوڪارن وارا ڍنگ اختيار ڪري. هندي ميڊيم فلم

ڪجهه وڏيڪ ڏکي آهي ۽ آخري اڌ ڪلاڪ ۾ انتهائي بيزار ٿي ڪري پر عرفان ۽ صبا جي اداڪاري انکي دلچسپ بڻايو ٿيون رکن. اِها فلم هڪ ڀيرو ڏسي سگهجي ٿي. عرفان جي آخري فلم "انگلش ميڊيم" هئي، جڏهن هو ڪئنسر جهڙي موتمار مرض جو شڪار ٿي چڪو هو. هو فقط ٽيونجاهه ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو. سندس آخري پيغام پڙهڻ وٽان آهي. هو لکي ٿو:

"آئون هڪ مختلف راند ۾ هئس. هڪ تيز رفتار ريل گاڏيءَ ۾ سفر پئي ڪيم. سپنا ڏسندو ۽ منصوبا جوڙيندو رهيس. منهنجون ڪي سڌون هيون، ڪجهه خواهشون هيون، جن ۾ غرق هئس. پوءِ اوچتو ڪنهن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو، ڪنڌ ورائي ڏٺم ته ٽڪيٽ چيڪر هو، جنهن چيو ته "تنهنجي منزل اچڻ واري آهي، سيگهه ڪري لهي وڃ." هاڻ آئون پريشان آهيان، ڪجهه به سمجهڻ کان قاصر آهيان ۽ چوان ٿو ته "نه، نه منهنجي منزل اجان نه آئي آهي" پر پوءِ اوچتو پتو ٿو لڳي ته منهنجي منزل اچي چڪي آهي. ڪجهه ماڻهن سان اهو ٿي ٿيندو آهي. انهيءَ اوچتي ڦاٽ مان لڳو ٿي ته اوهين سمنڊ ۾ ڪنهن ڌرڙي جيان وهي رهيا آهيو، لهرون غيرمتوقع طور تي حرڪت ٿيون ڪن جن کي قابو هيٺ آڻڻ جي وڏي پتوڙ ٿا ڪريو پر انهيءَ گڙٻڙ وڳهي اوهين هيسيل به آهيو ته صدمي ۾ پڻ. پوءِ گهٻرائجي ٿا وڃو. اسپتال جا ڦيرا ڪندي پنهنجي پٽ سان ڀٽڪو ٿا ته "پنهنجو پاڻ کان واحد توقع اِها ٿو ڪريان ته انهيءَ گهوٽالي مان آئون ان حالت ۾ نه لنگهان. پنهنجا پير ٿو ڳولهيان. ڊپ ۽ گهٻراهٽ مون تي حاوي نه ٿيڻ گهرجي، جنهن ڪري منهنجي حالت رحم جوڳي ٿي وڃي. مونکي پنهنجو سڪون ۽ اطمينان ٻيهر واپس گهرجي. هيءَ ڊپ، دهشت ۽ پريشانيون جيڪي منهنجي ڳچيءَ ۾ ڪتل آهن، تن کي ڏور ڦٽو ڪرڻ ٿو چاهيان."



# "جيڪو ٿيڻو هوندو سو ٿيندو"
# ڪي سراسرا

Que Sera Sera (جيڪو ٿيڻو هوندو سو ٿيندو) ڊورس ڊي جو اُهو گيت آهي جنهن 1950 واري ڏهاڪي ۾ ڪروڙين دليون کٽي ورتيون ۽ جيڪو اجان تائين سنگيت جي چاهيندڙن جي من تي اُڪريل آهي. ان کي الفرڊ هچڪاڪ پنهنجي شاهڪار فلم The Man Who knew Too Much ۾ شامل ڪيو ۽ جيڪو اداڪارا ۽ راڳي ڊورس ڊي پيش ڪيو.

ڊورس ڊي 2019 ۾ ستانوي ورهين جي ڄمار ۾ امريڪي شهر ڪيليفورنيا ۾ گذاري وئي. ڊورس ڊي جي سونهن ۽ موهيندڙ آواز ڪانسواءِ ميلو ڊيءِ ڪيس چارچنڊ لڳائي ڇڏيا. مٿان وري انجا ٻول ۽ انهن جي معنيٰ هن ليڪ کي ڄڻ ته جادو ۾ وڪوڙي ڇڏيو.

ٽن ڏيڍن جو پيءُ هئڻ ڪري آئون انهن عورتن جي حياتي ۽ جدوجهد ۾ خاص دلچسپي رکندو آهيان جن انتهائي ڏکين حالتن هوندي به دنيا ۾ ڪاميابيءَ جا جهنڊا کوڙيا. هت ڪاميابيءَ مان مطلب رڳو شهرت يا دولت ڪمائڻ ئي ناهي پر اِها آهي ته ڪهڙي ريت لاڳاپيل عورت حادثن، ناڪامين ۽ دوکن دولابن جو مقابلو ڪندي

پنهنجو پاڻ کي معاشري ۾ اڳيري سطح تي آندو ۽ ٻين کان بهتر ۽ چڱي ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪيو.

ڊورس ڊي اهڙي ئي هڪ عورت هئي جنهن جو جنون گهاوَن سان چيريل ٻه هو ۽ هوءَ نا انصافين جو شڪار پڻ ٿي پر هر ڀيري غير معمولي همت ۽ جرات جو مظاهرو ڪيائين ۽ چيائين، "ڪي سراسرا" يعني هاڻ ڀل جيڪو ٿيڻو هجي سو ٿئي. هُن جڏهن ٻه پنهنجو پاڻ کي تباهيءَ جي ڪنڌيءَ تي ڏٺو ته پنهنجي عزم ۽ حوصلي سان پنهنجو پاڻ کي صدمي مان ڪڍيائين ۽ ان ريت ٽڪجي بيهي رهڻ بدران پنهنجو سفر جاري رکندي ۽ رڪاوٽون اورانگهيندي نين اوچاين تائين رسندي رهي.

پنهنجي حياتيءَ جا اسي ۽ نوي ورهيه پورا ٿيڻ تي ٻه ڊورس ڊي پٽوڙ جاري رکي ۽ جانورن جي حقن لاءِ قدر جوڳو ڪم ڪندي رهي. جانورن ۽ انسانن سان محبت سندس حياتيءَ جو مقصد رهيو. هُن خوشيون ورهائڻ ٽي چاهيون ۽ ٻين جي چهري تي پکڙيل مُرڪ ڏسي ڪيس سرهائي ٿي ٿئي.

آخري ڄمار ۾ وٽس ڪيترائي پالتو جانور هئا، انڪري هوءَ ڪڏهن ٻه اڪيلائپ يا بيزاريءَ جو شڪار نه ٿي. هُن ٽي شاديون ڪيون جيڪي خوشگوار ثابت نه ٿيون. ڪيس جسماني تشدد جو نشانو بڻايو ويو. ڪيس پنهنجي هڪ مڙس ۽ پٽ جي تدفين ٻه ڪرڻي پئي. سندس زندگيءَ جي لاهين چاڙهين مان اُهي ماڻهو گهڻو ڪجهه پرائي سگهن ٿا جيڪي هڪ اڌ ناڪاميءَ تي نراس ٿي ويندا آهن.

ڊورس جي پالنا سندس ماءُ اڪيلي سر ڪئي جيڪا پاڻ مالي ڏکيائين جي ور چڙهيل هئي. ڊورس کي شروعات ڪانوني نرت جو شوق هو ۽ اسڪولي ڏينهن ۾ ڪيس نرت جي هڪ چٽا ڀيٽيءَ ۾ پنج سئو ڊالر انعام پڻ مليو هو. ڪيس پنهنجو آئيندو هاليووڊ ۾ نظر آيو، جيڏانهن منتقل ٿيڻ کان فقط هڪ رات اڳ سندس موٽر ڪار هڪ ريل حادثي ۾ تباهه ٿي وئي ۽ هوءَ پاڻ ٻه شديد گهائل ٿي پئي. انهيءَ حادثي ۾ سندس ٽنگ جهُري پئي جنهن سبب نرتڪي بڻجڻ وارو سندس سپنو پڻ جهُري پيو. سندس جاءِ تي ڪو ٻيو هجي ها ته شڪست تسليم ڪري ڇڏي ها پر هُن چيو، "ڪي سراسرا" يعني هاڻ جيڪي ٿيڻو هوندو سو ٿيندو ۽ ڪيس انهيءَ زيان کي پوئتي ڇڏي اڳتي



وک وڌائڻي پوندي.

سندس نئين مصروفيت ڳائڻ هئي جنهن لاءِ ڍگهي رياض جي ضرورت هئي. هُن انهيءَ لاءِ شاگردي وٺي رياض ڪرڻ شروع ڪيو. تربيت جي نتيجي ۾ سندس آواز جيئن پوءِ تيئن بهتر ٿيندو رهيو. هوءَ ڪنهن تراشيل هيري کان اڳتي وڌي چمڪندڙ الماس بڻجي وئي. هُن بار ۾ ڳايو ۽ سامونڊي ڪناري تي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. تعليمي ادارن ۾ گيت ڳاتا ۽ تفريحي ماڳن تي پنهنجي آواز جو جادو جاڳايو. انڪانپوءِ هڪ گهمندڙ ڦرندڙ بينڊ ۾ شامل ٿي وئي. ڪيس پنهنجي هڪ ساٿي سنگيتڪار سان نينهن ٿيو ۽ ايڪويهن ورهين جي ڄمار ۾ وهان ڪيائين ته پتو لڳس ته سندس مڙس تشدد تي هرڪيل ٿو رهي جيڪو ڪيس مارڪٽ ڪرڻ لڳو. شاديءَ جي ٻن سالن اندر ئي پنهنجي ٽيج ڏائيندڙ پٽ سوڌو طلاق ورتائين.

چوويهن ورهين جي ڄمار ۾ ٻيو وهان ڪيائين پر اِهو تجربو پڻ خوشگوار ثابت نه ٿيو. هڪ سال اندر ئي پنهنجون راهون ڌار ڪيائين. ڪا عام عورت پنجويهن ورهين جي ڄمار ۾ ٻن طلاقن ڪانپوءِ ست وڃائي ڇڏي ها پر ڊورس ڊي پنهنجي ٻارڙي سان گڏ پنهنجي زندگيءَ جو سفر جاري رکيو ۽ چڻ ته ٻيهر چيائين، سراسرا.

پنهنجي محنت سان ڳائڪيءَ ۾ اُهو ڪمال حاصل ڪيائين جو هاليووڊ تائين سندس ذڪر وڃي پهتو. ڪيس هاليووڊ مان آڇ آئي جيڪا قبول ڪيائين ۽ 1948 کان 1957 تائين انتهائي محنت ڪندي درجن کن فلمن ۾ اداڪاري ۽ ڳائڪيءَ جا جوهر ڏيکاريائين. سندس دلچسپ شخصيت ماڻهن کي موهي وڌو ۽ هُو ٽيهن ورهين جي ڄمار تائين هڪ ڄاتل سُڃاتل فلمي ستاري واري حيثيت ماڻي چڪي هئي. هاڻ سندس زندگيءَ ۾ ٽيون مرد داخل ٿيو. مارٽن ميلچر نالي فلمساز ساڻس پيار جو ڍونگ رچايو ۽ سندس سڪيلڊي پُٽ نونيءَ کي پنهنجو ڪرڻ جي هانوڪار ڪيائين. 1951 ۾ سندن وهان ٿيو، تنهن وقت ڊورس ڊي جي ڄمار ٽيهه ورهيه هئي.

1953 ۾ سندس فلم Calamity Jane انتهائي ڪامياب ٿي جنهن ۾ هُن هڪ بهادر عورت جو شاندار ڪردار ڪيو هو. جڏهن پنهنجي ڊيئرن کي اِهي فلمون ڏيکاريم ته هو خوشيءَ مان گُدگُد ٿيڻ لڳيون ۽ هوءَ سندن سورمي

ٻڌجي وئي. اِها هڪ ويسٽرن فلم هئي جنهن ۾ جين يعني ڊورس ڊي پستول چلائڻ جي ماهر آهي ۽ پنهنجي ويرين ۽ ڌوهارين کي ناس ٿي ڪري. 1955 ۾ سندس ايندڙ فلم Love me or leave me هئي جنهن ۾ هُن جيمز ڪيگنيءَ سامهون ڪردار ادا ڪيو جيڪو اُن وقت هڪ سينئر سپر اسٽار هو ۽ ويهارو کن سالن کان هاليووڊ تي ڇانيل هو.

انڪانپوءِ سندس سڀ کان وڏيڪ شاهڪار فلم The Man Who knew Too Much 1956 ۾ الفرڊ هچڪاڪ ٺاهي جنهن ۾ جيمز اسٽورٽ سندس مڙس جو ڪردار ادا ڪيو. انهيءَ فلم ۾ ڊورس ڊي پنهنجو مشهور ترين گانو Que Sera, Sera ڳايو. ساڳي فلم ۾ سندس هڪ ٻيو گيت هو We'll Love Again . ڪي سراسرا کي بهترين اصل گيت جو آسڪر ايوارڊ پڻ مليو. اِها فلم ۽ گانو ايڏو تہ موهيندڙ هئا جو ڏسندڙ اِهي ڏسڻ لاءِ هر هر ويندا هئا ۽ هر ڀيري هڪجهڙو مزو ماڻيندا هئا. انهيءَ فلم ۾ سندس پٽ پڻ اداڪاري ڪئي. اِهو گيت ڪيڏي بہ مهل يوٽيوب تي ڏسي سگهجي ٿو. اِها ڊورس ڊي جي ڏهين فلم هئي جيڪا باڪس آفيس تي ٽاپ ٽين ۾ شامل هئي.

هاڻ جڏهن ڪيس پنهنجي زندگي پرسڪون ۽ خوشين ڀري پئي لڳي تہ سندس ياءُ گذاري ويو ۽ مٿس ڇانيل انجي نراسائي جو فائدو وٺندي سندس ٽين مڙس سندس مالي معاملا پنهنجي هٿ وس ڪيا ۽ اهڙو اجازت نامون پڻ حاصل ڪيائين جنهن موجب هو ڊورس ڊي پاران ٺاهہ پڻ ڪري پئي سگهيو. 1969 ۾ مارٽن ميلچر تن ڏينهن جي ڪامياب ترين ليڪجنڊڙ فلم Pillow Talk ٺاهي جنهن ۾ ڊورس ڊي ۽ راڪ هڊسن مرڪزي ڪردار ادا ڪيا. انهيءَ رومانوي جوڙي ڪجهہ ٻين مزاحيا ۽ رومانوي فلمن ۾ پڻ گڏ ڪم ڪيو جن ۾ Lover Come Back ۽ Send me No Flower شامل هيون.

1963 ۾ سندن هڪ ٻئي تفريحي مزاحيا فلم Move Over Darling آئي جنهن ۾ زال جڏهن پنجن سالن تائين هڪ ٻيٽ تي قاتل رهڻ کانپوءِ گهر ٿي موٽي تہ انهيءَ ساڳي ڏينهن سندس مڙس نئون وهان ڪري رهيو هوندو آهي. انهيءَ فلم ۾ کلڻ کلائڻ وارا ڪيترائي ڏيک آهن.

ڪاميابيءَ واري انهيءَ سفر دوران ڪيس پتو نہ هو تہ سندس مڙس سندس دولت ٻهاري رهيو هو. ميچلر 1956 کان 1968 تائين سندس ارڙهن



فلمون ٺاهيون جيڪي سموريون ڏسندڙن ۾ ڪامياب رهيون. ڪيترين ئي فلمون سائن ڪندي هُن ڊُورس کان پڇيوئي نہ ڇاڪاڻ جو ڪيس پنهنجي مڙس تي ڀروسو هو. 1968 ۾ ميچلر جي گذاري وڃڻ تي ڪيس پتو لڳو تہ نہ رڳو سندس سموري دولت غائب هئي پر مٿس وڏو قرض پڻ چڙهيل هو. ڊورس طرفان اجازت نامي يا پاور آف اٽارنيءَ کي استعمال ڪندي ميچلر ڪيس ايندڙ پنجن سالن لاءِ ٽيليويزن پروگرامن لاءِ پابند ڪري ڇڏيو هو. ان پروگرام جو نالو "ڊورس ڊي شو" هو ۽ هوءَ هاڻ ان ۾ ڪم ڪرڻ تي مجبور هئي جو سندس فوتي مڙس انجا اڳواٽ پئسا وٺي هڙپ ڪري چڪو هو.

اڳتي هلي ڊورس کي پتو لڳو تہ انهي ٻارهن سالن دوران ميچلر جا ڪيترين ئي عورتن سان لڳ لاڳاپا هئا. هوءَ هڪيرو اڪيلي ۽ قرض جي بار هيٺان دٻيل هئي پر هُن هڪيرو ڀيهر پنهنجو پاڻ کي سنڀاليو ۽ پنجن سالن تائين ڪاميابيءَ سان پنهنجو شو ڪيائين جيتوڻيڪ ڪيس انجو انتهائي معمولي معاوضو ٿي مليو. پوءِ بہ هوءَ پنهنجي مڙس جي ڀائيوار خلاف ڪورٽ ۾ وئي ۽ ڏگهي هڻ هٿان ڪانپوءِ لڳ ڀڳ سوا بہ ڪروڙ ڊالر حاصل ڪرڻ ۾ سوڀاري ٿي. پنهنجي حياتيءَ جا آخري چاليهہ سال هوءَ جانورن جي حقن لاءِ پتوڙيندي رهي ۽ ورلي ئي ٽيليويزن تي ايندي هئي.

2004 ۾ ڪيس هڪ ٻيو هاجو پوڳٺو پيو جڏهن سندس اڪيلو پٽ ٽيرس ٻاهٺ ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو.

ڊورس ڊي جو آخري ٽي وي انٽرويو ڏسڻ تي ماٺهو دنگ رهجيو وڃي تہ انهيءَ جهور پوڙهي عورت کهڙي ريت پنهنجو پاڻکي سنڀاليو آهي. نوي سالن جي ڏکيائين سان گهارڻ کان پوءِ هوءَ خوشي ۽ اطمينان مان پرباش ٿي لڳي.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ڊورس ڊي هڪ مثالي عورت هئي جيڪا سمورين عورتن ۽ ڇوڪرين لاءِ ڏياتي بڻي. پدرسري معاشرن ۾ عورتن کي ڪاميابيءَ لاءِ مردن جي ڀيٽ ۾ گهڻي وڏيڪ محنت ڪرڻي پوندي آهي. جيڪڏهن ڪنهن نراسائي جا شڪار آهيو تہ ڊورس ڊي جون گهٽ ۾ گهٽ چار فلمون Pillow Talk, The Man Who knew Too Much, Calamity Jane ۽ Move Over Darling ضرور ڏسو. سندس آتم ڪٿا بہ پڙهي سگهو ٿا ۽ سندس انٽرويو پڻ يوٽيوب تي ڏسي سگهو ٿا يا فقط "ڪي سراسرا" وارو گيت ئي ڏسو ۽ ٻڌو.

# انور ڪانگو ۽ قتل غارت

تصور ڪريو تہ هڪ قاتل جيڪو قتلام جو مرتڪب ٿيو هجي، بيگناهن کي اغوا، تشدد ۽ قتل ڪرڻ کان پوءِ لاش نڪاڻي لڳائڻ جنهن جو معمول هجي، پنهنجي ڏوهن تي لڄي ٿيڻ تہ پري جي ڳالهہ پر انهن تي فخر ڪندي اهي ٻيهر ڪرڻ لاءِ اُتاولو هجي.

اِهو 1965 جو واقعو آهي انڊونيشيا جو رهواسي انور ڪانگو نالي بيرحم قاتل، بيگناهن کي قتل ڪرڻ کانپوءِ سندن لاشن تي ناچ ڪري جشن ملهائيندو هو. سندس شڪار گهڻي ڀاڱي اُهي ماڻهو هئا جن تي ڪميونسٽ هئڻ جو شڪ هو. انور ڪانگو اٺهتر ورهين جي ڄمار ۾ نومبر 2019 ۾ گذاري ويو. هڪ دستاويزي فلم ۾ ڪم ڪري هن تمام گهڻي ناماچاري ۽ بدنامي پرائي. انهيءَ فلم جو نالو هو The Act of Killing جيڪا اڳتي هلي آسڪر ايوارڊ لاءِ پڻ نامزد ٿي. انهيءَ فلم ۾ ڪانگو فخريا طور تي پنهنجي ڪيل ڏوهن جو اعتراف ڪيو آهي. فلم ٺهڻ دوران هو ڏاڪڻ ذريعي پنهنجي ڇت تي چڙهي ويو، اُتي ماڻهن کي مارڻ لاءِ پنهنجي پسنديده طريقي بابت ٻڌائيندي ٻڌايائين تہ "گهڻو ڏئي مارڻ لاءِ تار جي ٽڪري کان بهتر ڪا شئي ناهي."



ڪانگو ڄاڻايو تہ تشدد ڪري ڪنهن کي مارڻ انتهائي ڏکيو ۽ ٿڪائيندڙ ڪم آهي، انهيءَ ڪري ئي هو سدائين تار جو ٽڪرو استعمال ڪندو رهيو ڇاڪاڻ جو ان وسيلي پنهنجي شڪار کي سيگهہ ۽ سولائي سان ٻئي جهان اُماڻڻ ممڪن هو. فلمنديءَ کانپوءِ هو اِهو ڏيک ڏسڻ تي زور ڀريندو رهيو ڇاڪاڻ جو چاهيائين ٿي تہ قتل جو ڏيک بہ اوتروئي ڀوائتو هجي جيترو سندس ڏوهہ.

هُن ڪڏهن بہ پنهنجو پاڻ کي ڏوهاري نہ ليکيو، سندس خيال هو تہ هو وطن دشمن ڪميونسٽن کان پنهنجي ملڪ کي بچائڻ ۾ فوج جو هٿ ونڊائي جنهن ملڪ تي والار ڪرڻ ٿي چاهي. فلم ڏسڻ تي اوهان کي پتو لڳندو تہ اڃي مٿي ۽ سنهڙي بُت وارو انور ڪانگو اعتراف ٿو ڪري تہ، "مون تہ فقط هڪ هزار ماڻهن کي قتل ڪيو آهي..." فقط هڪ هزار! اِهي هڪ ماڻهو انهن لکين ماڻهن ۾ شامل هئا جن کي انڊونيشيائي فوج 1965-66 دوران قتل ڪيو.

بدنام جنرل سوهارتو انهيءَ فوج جي سرواڻي ڪري رهيو هو. ننڍڙا ننڍڙا ڏوهاري ٽولا بيرحم قاتل بڻايا ويا ۽ مذهبي جنوني هڪ خيالي دشمن کان پنهنجو دين بچائڻ ۾ جنبي ويا. ڪانگوجو چوڻ هو تہ هُن اهو سڀ ڪجهہ وسارڻ جي انتهائي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اِهو چوندي هو خوشيءَ وچان ٽينگ ٽپا ڏئي ڳائڻ لڳو.

"ٿورڙي شراب ۽ ٿورڙو سرور
جيئڻ لاءِ ڪوڙ آهي منهنجا سائين"

فلم The Act of Killing ۾ ڪيترائي دل ڏاريندڙ ڏيک آهن. هڪ بدترين قتلام جا ڏيک جيڪو ويهين صديءَ جي چهري تي هڪ بدنما داغ جي حيثيت ٿو رکي. انهيءَ قتلام ۾ امريڪا جو ڪريہ ڏياريندڙ ڪردار پڻ دنيا آڏو آيو جنهن انڊونيشيا جي عوام تي ڏاڍ ڏمر ڪرڻ ۾ فوج جي مددگار ۽ ساٿيءَ وارو ڪردار ادا ڪيو. پر لڳي اِهو ٿو تہ مهذب دنيا اِهو سڀڪجهہ وساري ڇڏيو آهي. اسانکي اِهو ڄاڻائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي وڃي تہ جيڪو حشر جنرل سوهارتو 1960 واري ڏهاڪي ۾ پنهنجي عوام جو ڪيو ان کان گهڻو ابتر حال 1930 واري ڏهاڪي ۾ اسٽالين پنهنجي ديس واسين جو ڪيو هو.

شايد اِهو ئي سبب آهي جو دنيا انڊونيشيا ۾ ٿيندڙ قتلام بابت تمام ٿورڙو ڄاڻي ٿي.

1965 ۾ جنرل سوهارتو "سياسي صفائي" شروع ڪئي جنهن دوران ڪميونسٽ نظرين، مذهب دشمني ۽ ڪاٻي ڌر سان تعلق جي شڪ ۾ لڳ ڀڳ ڏهه لک ماڻهو قتل ڪيا ويا. گهڻي ڀاڱي قاتلن کي پتو ئي نه هو ته سندن شڪار ڪير آهن ۽ هو ڪين چو قتل ڪري رهيا آهن. ملڪ دشمن عنصرن کان عوام کي تحفظ ڏيڻ جي دعويدار انٽيليجنس ايجنسيون قاتلن کي مخالفن جون فهرستون رسائينديون هيون. هڪ ناڪام فوجي بغاوت جو ڪوڙو الزام ڌري فوج سڄي اونڊونيشيا ۾ شڪي ماڻهن خلاف ڪاهي پئي پر ڇا لکين ماڻهو مشڪوڪ ٿي سگهن ٿا؟ بلڪل ٿي سگهن ٿا جيڪڏهن رياستي ادارا فيصلو ڪن ته پوءِ سڄي قوم کي به شڪ جي نظر سان ڏسي سگهجي ٿو.

اِها فلم ڏسڻ سان پتو ٿو لڳي ته انور ڪانگو هڪ معمولي ڏوهاري نوجوان هو جيڪو سينيما جا ٽڪيٽ بليڪ تي وڪرو ڪرڻ ۽ پنهنجي علائقي ۾ رهندڙ چين واسين کان ڀتو وصول ڪرڻ جي ڌنڌي ۾ رڌل هو. فوج پنهنجي اقتدار ۽ اختيارن لاءِ خطرو ٿيئنجندڙ ماڻهن کي هميشه لاءِ خاموش ڪرڻ جو فيصلو ڪندي آهي، انهيءَ مقصد واسطي انور ڪانگو ۽ هُن جهڙن نوجوانن کي استعمال ڪندي آهي ڇاڪاڻ جو اهڙن نوجوانن کي سولائي سان وطن جي حب ۽ مقدس مذهبي فريضي جي نالي تي پنهنجي ڪرپ ڏياريندڙ مقصدن لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. وطن جي بچاءُ وارن اُڏمن سان اوتيل اهي بي سمجهه نوجوان بيگناهن جي قتل کي پڻ جائز ليکڻ لڳندا آهن. جيڪڏهن اوهين ڏوهاري آهيو يا اهڙي ذهنيت رکندڙ آهيو ته اوهان لاءِ پنهنجي "عقيدي ۽ وطن جو بچاءُ" ڪنهن کي به قتل ڪرڻ لاءِ مناسب جواز بڻجي ٿو وڃي ۽ اِهوئي ڪجهه انور ڪانگو ڪيو.

انور ڪانگو هڪ بدنام قاتل ٽولي جو سربراهه بڻجي ويو. انهيءَ ٽولي هزارين ماڻهن کي فقط انهيءَ شڪ جي بنياد تي قتل ڪري ڇڏيو ته سندن تعلق ڪاٻي ڌر سان هو. پنجاهه ورهيه لنگهڻ ڪانپوءِ به اهو شخص ساڳيو ڪٽو ڪم ڪرڻ لاءِ اُتاولو آهي. ڪيس فخر هو ته فوج قاتلن جي گروهه جي سربراهيءَ لاءِ ڪيس چونڊيو. فلم جي ڊائريڪٽر جوشوا اوپنهائمر جڏهن ڪانگو کان سندس پهرين قتل بابت پڇيو ته هُن وراڻيو، "اِها هڪ ناڪام ڪوشش هئي."

انور ڪانگو ۽ انهيءَ فلم کان به وڌيڪ ننڌڻ جوڳو اُهو بيانيو آهي جيڪو انهن بيگناهن کي قتل ڪرڻ لاءِ گهڙيو ويو هو، جنهن ۾ انهن کي بدذات، بد اخلاق ۽ ملڪ دشمن سڏيو ويو هو. قتلام جو جواز گهڙڻ لاءِ فوج جي ڇهن جرنيلن تي ناڪام بغاوت جو ڪوڙو الزام ڌري ڪين ڀيانڪ سزائون ڏنيون ويون. جنرل سوهارتو مقبول اڳواڻ سوئيڪارنو کي معزول ڪري اقتدار تي قبضو ڪيو .سوئيڪارنو مذهب، ڪميونزم ۽ قومپرستيءَ جا نعرا استعمال ڪندي پنهنجي حڪومت بچائڻ لاءِ گهڻو پتوڙيو، جهڙي ريت ذوالفقار علي ڀٽي اسلامي سوشلزم جو نعرو هنيو هو. اِهو عمل نعري جي حد تائين ئي محدود هئڻ جي باوجود قبولڻ جوڳو نه هو. انڪي ختم ٿيڻو ئي هو ۽ انهيءَ ڪم واسطي امريڪي پٺڀرائي واري فوج کان بهتر ڪو متبادل ٿي نه پئي سگهيو.

جنرل سوهارتو عوام ۾ اِهو تاثر پکيڙيو ته ڪاٻي ڌر سان تعلق رکندڙ اصل ۾ لاديني ۽ شيطاني قوتن جا ڇاڙتا آهن ۽ جيڪڏهن عوام سندن پچاڻو نه ڪيو ته اِهي سڄو ملڪ والاري ويندا. ڇا اوهانکي ياد ناهي ته هٽلر يهودين سان ڇا ڪيو هو ۽ اڄڪلهه بي جي پي هندستاني مسلمانن سان ڇا پئي ڪري يا اسلامي ملڪن بشمول پاڪستان، ۾ اقليتن سان ٿيندڙ نا انصافيون ڇا مختلف نوعيت جون آهن؟ ڪجهه ملڪن ۾ رياستي ادارا انهيءَ ڪڌي ڪم ۾ ملوث آهن جڏهن ته ٻين ملڪن ۾ اِهو ڪم جنگ کي هر مسئلي جو حل ليکيندڙن، قومپرستن ۽ مذهبي فرقيوار تنظيمن سنڀاليو آهي جن کي رياستي ادارن جي ڀرپور پٺڀرائي حاصل آهي.

اِهو سڀڪجهه اڄ کان پنجاهه سال اڳ انڊونيشيا ۾ ٿيندو رهيو. اِهي سمورا قدم آپيشاهاڻي حڪومتن کي جواز فراهم ڪرڻ لاءِ کنيا ويندا آهن. ان ڳالهه کان متيرو ته اِها حڪومت ڪهڙي قسم جي آهي يا انجي قانوني حيثيت ڇا آهي؟ اِهي عرب ملڪن جهڙيون بادشاهتون ٿي سگهن ٿيون، يا ڀارت ۽ پاڪستان جهڙيون هٽ ٺوڪيون جهموريتون ٿي سگهن ٿيون يا وري عوام جا بنيادي حق ڦٻائيندڙ فوجي آمريتون ٿي سگهن ٿيون. مثال جي طور تي

انڊونيشيا ۾ جنرل سوهارتو ۽ پاڪستان ۾ جنرل ضيا جي حڪومت ۽ جيڪڏهن اڄ جي ڳالهه ڪجي تہ مصر ۽ ٿائيليند ۾ اڄ بہ فوجي حڪومتون قائم آهن. عوام کي بيوقوف بنائڻ لاءِ اڪثر حڪمران نئون نظام آڻڻ جي ڳالهه ڪندا آهن. جنرل سوهارتو پڻ اهوئي ڪيو پر اِهو نئون نظام سندس اقتدار ۽ اختيارن ۾ واڌ جو سبب بڻيو جيڪو امر ڪنهن جمهوري سرشتي هوندي ممڪن نہ هو.

سوهارتو جي انهيءَ نئين نظام کي فوج جي مڪمل پٺڀرائي حاصل هئي ڇاڪاڻ جو انجو سڀ کان وڏيڪ لاڀ فوج کي ئي ٿيڻو هو. جنرل سوهارتو جي حڪومت دوران بنيادي انساني حقن جي ڳالهه ڪرڻ پنهنجو پاڻ کي هٿ وٺي ٻوڙي ۾ وجهرائڻ برابر هو، ايستائين جو سوهارتو راڄ جي پڄاڻيءَ کانپوءِ بہ جيڪڏهن ڪو نوجوان پنهنجي وڏڙن کان ماضيءَ بابت ڪو سوال ڪندو هو تہ موٽ ۾ ڪيس چپ چپاڻ کانسواءِ ڪجهہ بہ نہ ملندو هو. جيئن تہ سوهارتو کانپوءِ بہ فوج هر هنڌ قابض هئي انڪري اُن نٿي چاهيو تہ اڳوڻي جنرل جي ظالماڻي قدمن کي بحث هيٺ آندو وڃي. اِهو هڪ اهڙو پينڊورا باڪس هو جنهن جي کلڻ کانپوءِ ماڻهو فوج، انجي بيانيي ۽ انجي غير قانوني قدمن تي سوال اُٿارڻ شروع ڪري ڏين ها، جيڪو فوج نٿي چاهيو. انڪري فوج جي غيرقانوني قدمن ۽ انجي ڏاڍاين کي سورهيائپ ۽ دليريءَ جا قصا ڪري پيش ڪيو ويو ۽ سيني تي لازم هو تہ انکي احترام جي نظر سان ڏسن.

انڊونيشيائي فوج پنهنجي لڳ ڀڳ ڏهہ لک مخالفن کي قتل ڪرڻ کانسواءِ هزارين نوجوانن کي غير قانوني قيد ۾ رکيو جڏهن تہ مٿن ڪيس بہ نہ هلايا ويا. ڇاڪاڻ جو جيڪڏهن ڪيس هلن ها تہ سندن خلاف ڪي ثبوت پيش ڪرڻا پون ها، جيڪي هئا ئي ڪو نہ. انڪري نوجوانن کي سالن تائين قيد خانن ۾ واڙيو ٿي ويو يا کين قتل ڪري سندن لاش پاڻيءَ ۾ لوڙهيا ٿي ويا. جيڪڏهن لاش ملي بہ پوي تہ ڪنهن کي پتو تہ مرندڙ ڪنهن ذاتي جهيڙي ۾ مارجي ويو يا آپگهات ڪئي اٿس. جنرل ايوب جي دور ۾ حسن ناصر جي موت بابت سندس وارثن کي پڻ اِهوئي چيو ويو هو. جڏهن تہ جنرل ضيا جي دور ۾ نذير عباسيءَ متعلق پڻ ساڳي دعوا ورجائي وئي هئي.



1966 ۾ جنرل سوهارتو تڏهونڪي صدر سوئيڪارنو کي مجبور ڪيو تہ هو پنهنجا اختيار استعمال ڪندي کيس صدر نامزد ڪري، بلڪل ائين ئي جيئن جنرل پرويز مشرف پنهنجي لاءِ ڪيو هو. اِها ڪا گهڻي پراڻي ڳالهہ ناهي پر اسان لاءِ بهتر اهوئي ٿيندو تہ ان بابت ڪا گهڻي ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪريون. اسين انور ڪانگو کي کهڙي ريت تحفظ ڏا فراهم ڪريون، ان لاءِ هڪ انوکو بيانيو ٿا تيار ڪريون جيڪو ڏوهاري عنصرن کي اثررسوخ ۽ عزت ڀريو مقام ٿو ڏياري. هو قانون کي ڇيهون ڇيهون ٿا ڪن ۽ آئين کي تاراج ٿا ڪن.

"جيستائين اسان جا ڪانگو جيئرا آهن، ڪير اسان جو وار بہ ونگو نٿو ڪري سگهي."

# فرانسيسي هدائتڪار گودا غ

سيپٽمبر 2022ع ۾ ڀيانوي ورهين جي ڄمار ۾ پساهه ڏيڻ تي عالمي سينيما جي ڏسندڙن زانلڪ گودا غ (Jean-Luc Godard) کان چڱن لفظن ۾ موڪلايو. فرانسيسي فلمن جي انهيءَ هدائتڪار ۾ پاڪستان جي ڪو گهڻن ماڻهن کي دلچسپي نہ هوندي ڇاڪاڻ جو اسان وٽ گپ شپ لاءِ گهڻو ڪجهہ آهي، ڏوهہ آهن، سياست آهي، ججن ۽ جنرلن جا ڳڻ آهن، سو اهڙي صورتحال ۾ ڪير ٿو گودا غ بابت ويچاري. پر شايد انهن سببن ڪري ئي اسانکي سندس بابت ويچارڻ گهرجي. گودا غ فلمن سان تعلق رکندڙن کي گهڻو ڪجهہ سيکاريو آهي ۽ زندگيءَ جي مسئلن کي هڪ نئين رخ سان ڏسڻ جو ڍنگ ڏنو اٿس.

گودا غ 1930ع ۾ ڄائو ۽ 1940ع ۽ 1950 وارن ڏهاڪن ۾ جواني ماڻيائين. اِهو دور ٻين مهاڀاري لڙائي جي تباهيءَ ڪانپوءِ وارو دور هو ۽ سرد جنگ جي شروعات ٿي چڪي هئي. انهيءَ دور جون حالتون ۽ واقعا گودا غ جي مشاهدي هيٺ آيا ۽ هُن سينيما جي پڙدي تي چرندڙ ڦرندڙ تصويرن ۽ فلمن جو تمام گهڻو گهرو اثر ورتو. يورپ جي ٻين ملڪن وانگر فرانس ۾ بہ فن ۽ ثقافت تبديليءَ جي عمل مان پئي لنگهيا جن تي چٽو بحث مباحثو هلندڙ هو. گودا غ انهن بحث مباحثن ۾ ڀرپور حصو ونندي ۽ ويهين صديءَ جي وچ ڌاري ٺهندڙ فلمن تي اورچائپ ڀري نظر رکندي هڪ وڏو فنڪار بڻجي ويو جنهن فن جون بلنديون بہ ڇهيون تہ مالي ناڪاميون پڻ ڀوڳيون.

گودا غ کي سمجهڻ واسطي اسان کي آئزن اسٽائن ۽ آورسن ويلز جهڙن هدائتڪارن جي فن کي ڦلهورڻو پوندو جن گودا غ تي وڏو اثر ڇڏيو. آئزن اسٽائن اُهو عظيم روسي هدائتڪار هو جنهن 1925 تائين پنهنجو مونتاز وارو نظريو متعارف ڪرايو جڏهن هو اڃان ٽيهن ورهين جو ئي مس هو.



سندس شاهڪار فلمون "هڙتال"، "جنگي جهاز پاتيوم ڪين" ۽ "آڪٽوبر" فلمي دنيا کي پنهنجو جادو ڏيکاري چڪيون هيون. جڏهن تہ آورسن ويلز ڇهويهن ورهين جي ڄمار تائين فلم "سٽيزن ڪين" ۾ شاندار طريقي سان اداڪاري ۽ هدائتڪاري ڪري فلمي دنيا جي هڪ عظيم ترين تخليق پيش ڪري چڪو هو.

1950 واري ڏهاڪي جي پڄاڙ تائين گودا غ پڻ ٽيهن ورهين جو ٿيڻ وارو هو پر اڃان تائين ڪو شاهڪار پيش ڪري نہ سگهيو هو. ڪيس ڪنهن موقعي جو اوسيئڙو هو تہ جيئن هو فلمي دنيا ۾ ڪنهن ڌماڪي سان داخل ٿي سگهي.

آئزن اسٽائن ۽ آورسن ويلز فلمبندي ۽ تدوين جا ڪيترائي معرڪا سر ڪري چڪا هئا جيڪي گودا غ لاءِ ڏياٽي هئا. جيڪڏهن آئزن اسٽائن پرولتاري حقيقت پسنديءَ کي استعمال ڪندي فلمون تخليق ڪري چڪو هو تہ آورسن ويلز انهيءَ سرمائيدارائي ذهنيت کي وائکو ڪري رهيو هو جيڪا ڏوهن جون حدون ڇُهي رهي هئي. 1925 کان 1955 تائين فن جي دنيا تمام گهڻي ترقي ڪئي هئي. سوويت سوشلسٽ حقيقت نگاري ۽ هٽلر جي پروپگنڊا فلمن جهڙوڪ "عزم جي سوڀ" جنهن ۾ هيمفري بوگارٽ جهڙا اداڪار پنهنجي فن جا رنگ پري رهيا هئا، ۽ Noir ڪانوني امريڪي فلم Trimph of the Will تائين هرهڪ ذريعي فلمي دنيا شاهوڪار ٿي رهي هئي.

Nearealist اٽليءَ ۾ نئين حقيقت پسند سينيما ذريعي وٽوري ڊي سيڪا "بوٽ پالش" ۽ "سائيڪل چور" جهڙيون فلمون ٺاهي رهيا هئا جڏهن تہ ڀارت ۾ ستيا جيت راءِ بنگالي سينيما جي "اپو" سلسلي جون ٽي فلمون ٺاهي چڪو هو. انهن سمورين فلمن گودا غ کي متاثر ڪيو جيڪو هاڻ فلمي دنيا جي چائنٽ تي اچي پهتو هو.

1950 واري ڏهاڪي جي آخر تائين فرانسيسي سينيما فني معيار موجب ڪجهہ پوئتي رهجي وئي هئي پر فلمي نقادن جو جادو زوران زور هو. جيتوڻيڪ زان ڪوڪٽو ڪجهہ چڱيون فلمون پڻ ٺاهي چڪو هو جن ۾ 1950 واري A Man Escaped ۽ OR Pheos ۽ فينس جي 1964 ۾ Beauty and Beast 1959 ۾ "ڳنڊيچوڙ" شامل هيون پر اُن وقت تائين اِهي هدائتڪار پنجاهہ

ورهين جي ڇمار کان ٽپي چڪا هئا ۽ فلمي نقاد هاڻ فرانسيسي سينيما ۾ انقلابي تبديلين جو بنياد رکي رهيا هئا. تن ڏينهن فرانس ۾ سڀ کان وڏيڪ اثرائتو فلمي نقاد آندري بازان هو جيڪو سينيما تي نوٽبڪ جي باني مان هڪ هو. بازان فلمي کيتر ۾ حقيقت نگاريءَ جو وڏو پرچارڪ هو. فلمي رسالي Cahiers Du Cinema ۾ سندس آڏو حقيقت نگاري سينيما جي سڀ کان وڏي ذميواري هئي. سندس خيال هو ته پنهنجو موضوع تمام گهڻي سچائيءَ سان ۽ مرچ مصالحا پُرڪڻ کانسواءِ پيش ڪرڻ گهرجي ۽ ان ۾ ڪنهن به قسم جي گاڏڙ يا بناوٽي انداز کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

دلچسپ ڳالهه اِها آهي ته غير معمولي فني صلاحيتون رکندڙ ماڻهو تڪڙ ۾ هوندا آهن. آئزن اسٽائن فقط پنجاهه ورهين جي ڄمار ۾ 1948 ۾ گذاري ويو. انڪانپوءِ ايرڪ روهمر فرانسيسي فلمي دنيا ۾ نمودار ٿيو ۽ بازان جي رسالي جو ايڊيٽر بڻيو. هُن پنهنجي نوجوان دوستن جهڙوڪ گوداغ ۽ تروفو کي همٿايو ته هو فلمن بابت لکڻ سان گڏوگڏ فلمن جا منظرناما پڻ تخليق ڪن ۽ هدائتڪاري ۽ فلمسازيءَ ۾ پڻ پنهنجا جوهر ڏيکارين. انڪانپوءِ اوچتو ئي اوچتو پنج ست اهڙيون شخصيتون اُڀري سامهون آيون جيڪي جوان به هيون ته تخليقي صلاحيتن کان مالامال پڻ. هُنن پئرس جي فلمي دنيا کي ڄڻ ته ڏونڏاڙي ڇڏيو.

انهن ۾ ڪلودشيب غول، ايرڪ روهمر، ژاڪ ري ويت، گوداغ، ايلين ريني شامل هئا. جڏهن ته جيڪي ديمي، سندس فرانسيسي مڙس ژاڪ ديمي، تروفو ۽ باصلاحيت خاتون هدائتڪار ايگنس واردا عورتن جي مسئلن تي خاص ڌيان ڏريندا هئا. انهيءَ ٽولي ۾ شامل هرڪو دانشور هو ۽ نون خيالن کي عمل ۾ آڻڻ جو حوصلو رکندڙ پڻ. سندن ذريعي ئي فرانسيسي سينيما ۾ نئين لهر آئي. ان ريت 1960 وارو ڏهاڪو فرانسيسي سينيما لاءِ هڪ سنهري دور ثابت ٿيو، جيڪو انهن باغين جو ئي ڪارنامو هو. گوداغ پڻ پنهنجي ساٿين ۽ سنگتين وانگر سينيما جي هڪ ديواني جيان پنهنجي ڪم جي شروعات ڪئي. انڪري پهريون سبق جيڪو اسين گوداغ کان پرايون ٿا سو اِهو ته ڪنهن به کيتر ۾ جيڪڏهن مهارت حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ته ان سان اوهانکي انتهائي لڳاءُ هئڻ گهرجي ۽ اِهو لڳاءُ سڄي حياتيءَ جو عشق هئڻ



گهرجي.

گوداغ پاڻ به انهيءَ جو اظهار ڪندو هو ته هُن ڪچڙي ڄمار ۾ ئي سوين فلمون ڏٺيون هيون ۽ انهيءَ عمل ۾ هو پوري دل ۽ جان سان شريڪ هوندو هو ۽ هر ڳالهه جي تفصيل تي اک رکندو هو. ان ريت هو فلمن تي اورچائپ پريا تنقيدي مضمون لکڻ لائق ٿيو. ٻين مهاڀاري لڙائي کانپوءِ وارن ڏهن سالن ۾ هن فلمي دنيا جي هر ذري پرزي کي پرکيو، جانچيو ۽ انتي تنقيدي انداز ۾ سوچيو ۽ لکيو.

گوداغ ۽ سندس سنگتي ساٿين مان اسانکي اهو سبق ٿو ملي ته جيستائين اسين پنهنجي انداز کي پنهنجي فن ۽ فڪر وانگر نه اوتينداسين، اِهو ممڪن نه هوندو جو اسين ڪنهن ٻئي جي فن تي تنقيدي نظر وجهي انجون خوبيون يا خاميون سامهون آڻي سگهون. تمام گهڻي اڀياس ۽ مشاهدي کانپوءِ ئي اسين انهيءَ لائق ٿي سگهون ٿا جو معاشري تي درست نظر وجهي سگهون جيڪا متاثر ڪندڙ به هجي ته جدت پسند به.

1960 تائين گوداغ جا سنگتي واردا ۽ شيب غول فلمن جي تخليقي دنيا ۾ سڌوسنئون قدم رکي چڪا هئا جنهن فرانسيسي سينيما جي نئين لهر شروع ڪري ڏني. هاڻ گوداغ به پر سهائي رهيو هو ۽ سگهوئي هُن Breathless (بي دم) نالي فلم جي شروعات ڪئي. انهيءَ فلم ۾ هُن فلمن جي کيترين ئي روائتن کان پريرو ٿي ڪم ڪيو ۽ اسانکي سيکاريو ته اُهو ڪجهه ٻڌڻ، پڙهڻ ۽ ڏسڻ گهرجي جيڪو دنيا جي روائتي ٻڌڻ، پڙهڻ ۽ ڏسڻ کان مختلف هجي. جيڪي ڪجهه هرڪو ئي ڪري رهيو هجي سو ڪرڻ ڪو ڪمال ناهي. گوداغ سوويت حقيقت پسندي ۽ اطالوي نئين حقيقت پسنديءَ کان به وڌيڪ مختلف ڏسي ۽ سوچي رهيو هو.

ڪائنس اسان اِهو پرايو ته زندگيءَ جي حقيقي عڪاسيءَ کان وڌيڪ اهم انجي تنقيدي عڪاسي آهي. تنقيدي زاويو حقيقي زاويي کان وڌيڪ اثرائتو ٿي سگهي ٿو. گوداغ جي فلمسازي ۽ هدائتڪاري فقط حقيقت پيش ڪرڻ تائين محدود نه هئي پر هُن ماڻهن ۾ تنقيدي صلاحيت اُڀارڻ تي چاهي ۽ اِهو سيڪجهه هُن پنهنجي سنگتي ساٿين سان گڏ پرايو هو.

اسانکي اِهو سبق به ٿو ملي ته معاشري کي اهڙن تنقيدي مفڪرن ۽

تخليقي هدائتڪارن جي گهرج هوندي آهي جيڪي معاشري کي سوچڻ تي مجبور ڪن ۽ سماج تي پنهنجا اثر ڇڏين. جيڪڏهن اڄوڪي پاڪستان تي نظر وجهبي تہ اسان کي اهڙا ماڻهو نظر تہ ايندا پر ڪين ناانصافين جو شڪار ٿيڻو ٿو پوي ۽ سندن لاءِ پنهنجون حياتيون بچائڻ ئي ڏکيو ٿيو پوي.

جيڪڏهن ڪو معاشرو پنهنجي نوجوان ترقي پسند مفڪرن ۽ ڪارڪنن کي تنگ نظر انتهاپسندن کان بچائڻ ۾ ڪامياب ٿو رهي تہ اُميد بہ باقي رهندي، ڇاڪاڻ جو تنقيدي ۽ تخليقي ذهن علم ميڙيندا ۽ سهڙيندا آهن ۽ ان کي بين لاءِ سمجھ جوڳو بڻائيندا آهن جنهن ذريعي جوان ذهنن جي اُڄ اجهامي ٿي.

گودار ۽ سندس سنگتي ساٿين انتهائي گهٽ بجيٽ وارين فلمن ذريعي وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا. هنن فلمبندي جا روائتي ضابطا ۽ قاعدا ٽوڙيا جيڪي ڪانئن اڳي جوڙيا هئا. ان ريت گودار ۽ سندس سنگتي ساٿين نہ رڳو فرانسيسي سينيما پر سڄي دنيا جي فلمسازيءَ کي متاثر ڪيو.

گودار کان پرائجندڙ آخري سبق اِهو ٿي سگهي ٿو تہ روائتن کي شڪ شبهي سان ڏسڻ ڪانسواءِ معاشري کي تبديل ڪرڻ جو سپنو ڏسي نٿو سگهجي. پاڪستان جهڙا معاشرا سوال اُٿاريندڙن کي جيئرو رهڻ جو حق ڏيڻ لاءِ تيار ناهن. ترقي پسند ۽ روشن خيالن کي نشانو بڻايو ٿو وڃي ۽ انهيءَ سَهپ ۽ رواداريءَ جي کوٽ سبب نوجوان تنگ نظر ۽ انتهاپسند پيا بڻجن. جيڪڏهن غلطيون ورجائيندا رهنداسين ۽ نئون دڳ ڏيکاريندڙن کي قتل ڪندا رهنداسين تہ پاتال ڏانهن ئي وينداسين ۽ بدقسمتيءَ سان اِهو ئي ڪجھ ٿي رهيو آهي جنهن ۾ اسانجا رياستي ادارا پڻ شامل آهن.



# ناميارِي فرانسيسي اداڪارا جين مورو

تازو ئي گذاري ويل نوي ورهين جي فرانسيسي اداڪارا جين مورو 1950 ۽ 1960 وارن ڏهاڪن ۾ فرانسيسي سينيما تي راڄ ڪيو، جيڪڏهن ويهين صديءَ جي فرانسيسي اداڪارن جي ڳالھ ڪجي تہ برشي باروٽ ۽ ڪيٿرين ڊينوو ڪانسواءِ جين مورو جو نالو بہ سرموڙ آهي جيڪڏهن برشي باروٽ عورتائي سونهن جو نمونو هئي ۽ ڪيٿرين عورتائي وضعداريءَ جو تہ جين مورو انهن ٻنهيءَ جو من موهيندڙ ڳاڍڙ ليکي سگهجي ٿي. جين مورو جي بهترين فلمن جو هڪ اڻکٽ سلسلو آهي جن ۾ هُن سٺ سالن کان وڌيڪ عرصي تائين پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو، جيڪي انگريزيءَ ۾ بہ هيون تہ فرانسيسيءَ ۾ پڻ.

جين مورو 1940 واري ڏهاڪي ۾ يورپ جي اسٽيج تي سامهون آئي، جنهن کانپوءِ 1950 واري ڏهاڪي ۾ فلمن ۾ پير رکيائين. ياد رهي تہ ٻين مهاياري لڙائيءَ کانپوءِ وارو يورپ اڄوڪي يورپ کان گهڻو مختلف هو. اُن وقت هر پاسي تباهي پکڙيل هئي جيڪا هٽلر ۽ ميسولينيءَ جي فوجن يورپ تي آندي هئي اهڙي صورتحال ۾ يورپي سينيما تي حقيقت پسندي ڇانيل هئي ۽

سائيڪل چور ۽ بوٽ پالش جهڙيون فلمون ٺهي رهيون هيون جيڪي اُن زماني جي غربت کي بيرحماڻي طريقي سان دنيا آڏو وائکو ڪري رهيون هيون. انهيءَ دور ۾ فرانسيسي سينيما جي نئين لهر جي شروعات ٿي جنهن فلم جي پراڻين روائتن کي ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏيو.

انهيءَ نئين لهر جي شروعات کان ڪجهه عرصو اڳ جين مورو ۽ لوئيس مالي نالي هڪ نئين اداڪارا ۽ هڪ نئون هدائتڪار سامهون آيا جن ايندڙ دور ۾ فرانسيسي سينيما جو رخ متعين ڪيو. جين مورو هڪ انگريز نرتڪي ۽ هڪ فرانسيسي ساقيءَ جي ڌيءَ هئي، شايد انڪري ئي سندس نيڻ سدائين خماريل هوندا هئا ۽ سندس چال ۾ ڍيل جو اولڙو پسبو هو. جين مورو فرانس تي نازي قبضي کي ويجهڙائپ سان پروڙيو هو ۽ انهيءَ پيانڪ دور جي نراسائي گهٽائڻ لاءِ ادب ۽ ناٽڪ جو اورچائپ سان اڀياس ڪيو هئائين. سندس اداڪاريءَ جي شروعات ثانوي درجي واري فلمن کان ٿي. شايد انڪري جو هوءَ پنهنجو پاڻ کي ٻين اداڪارائن وانگر هار سينگهار ڪري پيش نہ ڪندي هئي. انهيءَ دوران سندس ملاقات هڪ نئين هدائتڪار لوئيس مالي سان ٿي جيڪو پنهنجي فلم لاءِ جين مورو جهڙي ڪنهن سادگي پسند اداڪار جي ڳولا ۾ هو. جين مورو جي پهرين مشهور فلم ”سوريءَ تائين رسائي“ هئي جيڪا لوئيس مالي 1957 ۾ ناهي هئي. سسپنس سان ڀرپور اِها فلم هڪ لحاظ کان بي ثمر ناٽڪ جو نمونو هئي جنهن جو هڪ نڪتو اِهو هو تہ حياتيءَ ۾ ڪا بہ شئي رٿابنديءَ وانگر ئي نٿي ٿئي. انهيءَ فلم ۾ جين مورو جو ڪردار پنهنجي مڙس جي ڪاروباري نائب جي عشق ۾ ڦاٿل عورت جو آهي جيڪا پنهنجي عاشق کي پنهنجي مڙس جي قتل تي هرڪائي ٿي. سو بہ ايئن جو اِهو قتل آپگهات لڳي. مڙس قتل تہ ٿي وڃي ٿو پر عاشق لفٽ ذريعي هيٺ لهندي بجلي بند ٿيڻ ڪري ڦاسي ٿو پوي. جين مورو جي گهٽي پاڳي عڪسبندي ڪلوزاپ ۾ ڪيل آهي. ڪيس تمام ٿورڙو ميڪ اپ ٿيل آهي. ۽ گهٽي پاڳي قدرتي روشني استعمال ڪئي وئي آهي، جنهن سان سندس اداڪاري نکري سامهون آيل آهي. انهيءَ سادگيءَ ڪيس رات وچ ۾ وڏي اداڪارا بڻائي ڇڏيو. لوئيس مالي اُن وقت پنجويهين سالن جو مس هو پر هُن جين مورو ۾ هڪ اڻ مٽ فنڪارا کي ڳولهي لڌو. لوئيس مالي هڪ طرح سان اورسن ويلز جو



ڪارنامو ورجايو جيڪو 1940 ۾ پنجويهن ورهين جي ڄمار ۾ پنهنجي شاهڪار فلم سٽيزن ڪين تخليق ڪري چڪو هو.

هاڻ جين موري ۽ لوئيس مالي نہ رڳو دوست پر ڳجهہ لڪ ۾ پرين پيارا بہ بڻجي چڪا هئا. هن جوڙي 1958 ۾ شاندار فلم ”عاشق“ ناهي، جنهن ۾ جين موري پنهنجي پرٽيل زندگيءَ کان بيزار هڪ اهڙي عورت جو ڪردار ادا ڪيو جيڪا عاشق ڦلهوري ٿي. انهيءَ فلم ڪانپوءِ جين مورو کي نئين برشي بارودت سڏيو وڃڻ لڳو، ڇاڪاڻ جو انهيءَ فلم ۾ تنهن زماني جي لحاظ کان وڏي جرات مند عڪاسي ڪئي وئي هئي. اِها فلم هڪ لحاظ کان جديد مادام بواري جهڙي هئي. ياد رهي تہ مادام بواريءَ ۾ بہ هڪ ويڳاڻپ جي شڪار زال جي ساڳي ڪرت آهي. جين مورو انهيءَ فلم ۾ هڪ اوپري ماڻهو سان پاڄ ٿي ڪائي ۽ ان کان اڳ باغ، اڱڻ ۽ خوابگاهہ ۾ موج مستي ٿي ڪري جڏهن تہ سندس مڙس ٻئي ڪمري ۾ گهور ننڊ پيل آهي. اِها فلم ان دور جي لحاظ کان ايترو تہ اڳتي وڌيل هئي جو امريڪا ۾ بہ انکي فحش ليکيو ويو ۽ اعليٰ امريڪي ڪورٽ جي مداخلت تي ئي انجي نمائش جي اجازت ملي. ان ڪيس جي ٻڌڻيءَ دوران امريڪي جسٽس پوٽر اسٽيوارٽ هڪ شاندار جملو چيو تہ ”ڇاڻان ٿو تہ فحاشي ڇا آهي پر هيءَ فلم فحاشي ناهي.“ هاڻ ٿورڙو سعادت حسن منٽو تي هلندڙ ڪيس ياد ڪريو. جين مورو جي سڀ کان وڌيڪ مشهور فلم جنهن کي عالمي پزيرائي ملي سا هي هئي ”جول ۽ جم“ جيڪا 1962 ۾ رليز ٿي. انجو هدائتڪار فرانسوان تروفو هو ۽ اِها فلم فرانسيسي ليکڪ هينري پيئر روش جي سوانحي ناول تي ٻڌل هئي. دلچسپ ڳالهہ اِها آهي تہ 1953 ۾ شائع ٿيندڙ اِهو ليکڪ جو پهريون ناول هو جيڪو هُن چوهتر ورهين جي ڄمار ۾ لکيو هو. اِها ڳالهہ وهي ڪاڏل صحافين لاءِ اُميد جو ڪرڻو بڻجي سگهي ٿي جيڪي ڪو ناول لکڻ جي سڌ ۾ پوڙها ٿا ٿي وڃن ۽ سٺ ورهين تي رسڻ ڪانپوءِ نراس ٿي هڪ پاسي ويهي ٿا رهن. اِها فلم پهرين مهاڀاري لڙائيءَ جي دور جي ڪهاڻي تي ٻڌڪاري، جنهن ۾ پريت جي ٽڪنڊي جي هڪ ڪنڊ تي جين مورو جي اداڪاري اڻوسرڻندڙ آهي جيئن تہ هوءَ ڳائڻي بہ هئي سو ان فلم ۾ هڪ گانو بہ ڳاتو ائين، جيڪو فرانسيسي ٻوليءَ جي منڻاڻ ۾ ٻڌل آهي.

هاڻ فرانسيسي سينيما جي نئين لهر يورپ تي راڄ ڪرڻ لڳي هئي جيڪا راهه لوئيس مالي ڪولي هئي تنهن تي تروفو، ريني ۽ گوداغ ٻرانگهون پري رهيا هئا ۽ فلمن جي تخليق واري نظرئي جو پرچار ڪري رهيا هئا. جنهن موجب ڪجهه هدائتڪار فلم تي ايترو ته ڇانئجي ويندا آهن جو ڄڻ فلم لکي رهيا هجن. جين مورو جي ايندڙ فلم "گهريلو ملازماجي ڊائري" هئي جيڪا 1964 ۾ آئي، جنهن ۾ هُن گهريلو ڪم ڪار ڪندڙ عورت جو شاندار ڪردار ڪيو، جيڪا هڪ نئين نوڪريءَ لاءِ پرديس ٿي وڃي جتي هوءَ شاهوڪار پر عجيب و غريب ماڻهن وٽ ڪم ڪار ٿي ڪري. گهر جي مالڪياڻي اُڏمن ڪان وانجهيل عورت آهي. جنهن جو مڙس ضرورت ڪان وڌيڪ چلولو آهي ۽ سندس پيءُ عورتن جا جوتا تو گڏ ڪري. هيءُ فلم اسپيني هدائتڪار بونويل تخليق ڪئي. انهيءَ فلم ۾ نہ رڳو شاهوڪار طبقي جي حرڪتن کي چٽيو ويو آهي پر پورهيت طبقي ۾ موجود لاڙن کي پڻ واضع ڪيو ويو آهي. جين موري جو بهترين دور هڪ ڏهاڪي تي پکڙيل هو جيڪو 1950 واري ڏهاڪي جي پڇاڙ کان شروع ٿي 1960 واري ڏهاڪي جي پڇاڙ تائين هليو. انڪانسواءِ هُن هاليووڊ جي بہ ڪيترين ئي فلمن ۾ ڪم ڪيو جن ۾ اورسن ويلز جي فلم "ڪيس،thetrial" پڻ شامل آهي جيڪا ڪافڪا جي ڪهاڻيءَ تي ٻڌل هئي. انڪانسواءِ هُن ايليا ڪازان جي فلم "آخري سيٽ" ۾ پڻ ڪم ڪيو جين مورو کي سندس شاندار اداڪاريءَ ڪري فلمي دنيا جي تاريخ ۾ سدائين ياد رکيو ويندو.



# انبوهہ هٿان قتل تي ٺهيل فلمون

سڪندر ڪرمانيءَ مردان ۾ انبوهہ هٿان مشال خان جي قانون کان متاهين قتل واري هاجي تي بي بي سيءَ لاءِ هڪ دستاويزي فلم تيار ڪئي تہ انکي هڪ همت ڀريو قدم ليکيو ويو. انهيءَ دستاويزي فلم جو عنوان "مشال خان: تعليمي اداري ۾ قتل" هو، جنهن وار ڪاندارينڊڙ واقعا بيان ڪيا جيڪي انهيءَ قانون کان متاهين قتل جو سبب بڻيا. مشال خان جي گهرياتين سان ڪيل ڳالهہ ٻولهہ انتهائي پيڙا ڀري آهي، جيڪا ٻڌي پائنجي ٿو تہ جنهن نوجوان جي حياتيءَ جي تند ڪپي وئي سو ڄڻ تہ اسان جي پنهنجي ڪٽنب جو ڀاتي هو.

ڪنهن بہ فرد کي قانون کان متاهون يا هٿ ٺوڪي ڪورٽ ذريعي موت جي سزا ڏيڻ واري عمل کي انبوهہ هٿان قتل (lynch) سڏجي ٿو. انهيءَ لفظ جي بڻ بنياد تي اختلاف آهي. ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ انجو تعلق چارلس لنچ (1736کان 1796) سان آهي جيڪو رياست ورجينا ۾ جسٽس آف پيس هو جنهن امريڪا جي آزاديءَ واري لڙائيءَ دوران توريز خلاف قانون کان متاهان ڪيس هلايا. ڪي وري ان سان

سهمت ناهن ۽ سمجهن ٿا تہ اِهو وليم لنچ (1742کان 1820) سان لاڳاپيل آهي جنهن بہ ان قسم جا ڪورٽ کان مٿاهان ڪيس هلايا هئا. بهرحال انهيءَ لفظ جو بڻ بڻياد ڪجهہ بہ هجي، هاڻوڪي دنيا ۾ ،انبوهہ هٿان قتل مان مراد، الزام ڏريندڙ ماڻهن جي ڪنهن گروهہ طرفان مامرا پنهنجي هٿن ۾ کڻي کو قانوني ڪيس هلائڻ کانسواءِ هڪ يا وڌيڪ ماڻهن کي قتل ڪرڻ آهي. ماڻهن کي ڪورٽن کان مٿاهون قتل ڪرڻ جا واقعا لڳ ڀڳ سمورن معاشرن ۽ ملڪن ۾ ٿين ٿا، پر امريڪا ۾ ارڙهين صديءَ جي وچ کان ويهين صديءَ جي وچ تائين وارن ذري گهٽ ٻن سئو سالن ۾ اِهو پوائنٽو ڪم هڪ منظم عمل طور جاري رهيو. شايد اِهو ئي سبب آهي جو فرد يا انبوهہ هٿان ٿيندڙ اهڙي ڪلور تي امريڪا ۾ ڪنهن ٻئي ملڪ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ فلمون ٺهيون آهن.

دلچسپ ڳالهہ اِها آهي تہ انهيءَ موضوع تي تيار ٿيل پهرين فلم "هڪ قوم جو جنم" (1915) ۾ امريڪي اڇي چمڙيءَ وارن نسل پرستن (KKK) طرفان ٿيندڙ تشدد کي ساراهہ جوڳو ڪري پيش ڪيو ويو هو. انهيءَ گروهہ کي بنيادي طور تي امريڪا ۾ هزارين ماڻهن کي قانون کان مٿاهون قتل ڪرڻ لاءِ ذميوار ليکجي ٿو. هيءُ امريڪي تاريخ جو اُهو دور هو جڏهن گهرو لڙائي کانپوءِ ختم ٿيندڙ غلاميءَ جي نتيجي ۾ افريڪي بڻ بڻياد وارا امريڪي پنهنجي بنيادي حقن واسطي پتوڙي رهيا هئا. انهيءَ ڏس ۾ انڪل ٽامز ڪيبن ادب جو هڪ انتهائي شاندار شاهڪار هو جيڪو نہ رڳو وڏي پئماني تي پڙهيو ٿي ويو پر ان تي ناٽڪ پڻ جُڙي رهيا هئا. اڇي چمڙيءَ وارن عام ماڻهن کي تہ ڇڏيو، پر اڇي چمڙيءَ وارا دانشور، سياستدان، پادري، اسڪولن جا اُستاد ۽ يونيورسٽين جا پروفيسر پڻ ڪاري چمڙيءَ وارن کي هڪجيترا حق ڏيڻ جي مخالفت ڪري رهيا هئا.

"هڪ قوم جو جنم" ويهين صديءَ جي شروعات ۾ امريڪا اندر قانون کان مٿاهين ڏوهن جي شدت ۾ واڌ آندي، جنهن کي ٽي انتهائي اعليٰ ڏاهپ ڀريا شخص ڊي ڊبليو گريفٽ، ٿامس ڊڪسن ۽ وڊرو ولسن هٿٽائي رهيا هئا. ٿامس ڊڪسن هڪ پادري هو ۽ هو انڪل ٽامز ڪيبن ۾ اڇي چمڙيءَ وارن جي ڏاڍ ڏمر کي انتهائي ڪاميابيءَ سان وائکو ڪرڻ ۽ نسلي برابريءَ وارو پيغام ڏيڻ تي مچريل هو. ڊڪسن انجي جواب ۾ هڪ ناول "صاف سٿرو



ماڻهو" (1905) لکيو. اِهو ناول "هڪ قوم جو جنم" جي تخليق جو سبب بڻيو. انهيءَ ناول ۾ ڪاري چمڙيءَ وارن کي بدڪار ۽ ڏڪار جوڳو پيش ڪيو ويو آهي. فلم هدائتڪار پڻ ڊڪسن وانگر ئي نسل پرست هو. ووڊرو ولسن تن ڏينهن ۾ امريڪي صدر هو جنهن ان فلم جي تياريءَ جي منظوري ڏني، جنهن سبب انهيءَ نقطي نظر کي انتهائي گهربل قانوني جواز ملي ويو.

صدر ولسن وهائٽ هائوس ۾ نجي طور تي ان فلم ڏيکارڻ جو انتظام ڪيو جيڪا ڪاري چمڙيءَ وارن خلاف پروپگينڊا کانسواءِ ڪجهہ بہ نہ هئي ۽ ان ۾ سندن خلاف تشدد ۽ قانون کان مٿاهان سندس قتل جهڙن قدمن کي درست ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل هئي. انهيءَ فلم ذريعي پيغام ڏنو ويو هو تہ ڪاري چمڙيءَ وارا اڇي چمڙيءَ وارن خاص طور تي سندن عورتن سان اهڙو ورتاءُ ٿا ڪن جو انهن وحشي انسانن کي سيڪت ڏيڻ لاءِ مٿن هر قسم جو تشدد ڪرڻ جائز عمل آهي. اها فلم ڏسي اڇي چمڙيءَ وارا گُڊ گُڊ ٿيڻ لڳا جڏهن تہ تبصرو ڪندڙن پڻ "سچي" تصوير پيش ڪرڻ تي انتهائي ساراهہ ڪئي.

هڪ قوم جو جنم طرفان نسل پرستيءَ جي حمائت جي جواب ۾ پهرين فيچر فلم پيش ڪندڙ ڪاري چمڙيءَ وارو امريڪي هدائتڪار آسڪرمي شيوڪس هو جنهن 1920 ۾ هڪ فلم "اسانجي در اندر" ناهي پهريون پيرو قانون کان مٿاهين قتل کي ڏڪارتي بڌل ڏوهہ ڄاڻائي اِهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هڪ قوم جو جنم ۾ انهيءَ سزا جو جيڪو جواز ڄاڻايو ويو آهي، سو غلط آهي.

امريڪا ۾ قانون کان مٿاهان قتل صرف ڪاري چمڙيءَ وارن تائين ئي محدود نہ هئا پر يهودي پڻ انجو نشانو بڻيل هئا. فلم "ڪين وساريو نہ ويندو" 1937 ۾ هدائتڪار مرون لي راءِ جي تخليق هئي جنهن ۾ هلڪي ڦلڪي انداز ۾ ليو فرانڪ سان پيش آيل واقعن جي عڪسبندي ڪئي وئي آهي جنهن کي هڪ نوجوان ڇوڪريءَ کي قتل ڪرڻ جي الزام هيٺ قانون کان مٿاهين موت جي سزا ڏنائي وئي. انهيءَ فلم ۾ سياسي مهم جو وڪيلن، بي اصول صحافين ۽ علائقائي مت ڀيد کي وائکو ڪيو ويو آهي جيڪي قانون کان مٿاهين قتل ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿا بڻجن.

تعيش” (1994) جهڙين فلمن جي پڻ هدائتڪاري ڪري چڪو هو.

انهيءَ فلم جي شوٽنگ فالڪنر جي آبائي شهر آڪسفورڊ، مسي سپيسيءَ ۾ ٿي. فلم ۾ ڪاري چمڙيءَ واري جي جيوت کي هڪ بلڪل ئي نئين انداز ۾ پيش ڪيو ويو هو. هڪ ڪاري چمڙيءَ واري ڪيٽ مزدور لوڪاس تي هڪ اڇي چمڙيءَ واري شخص جي قتل جو الزام آهي ۽ انبوهه ڪيس قانون کان مٿاهون مارڻ ٿو چاهي. ان موقعي تي هڪ وڏي ڄمار واري اٽپرٽيل عورت انهيءَ ڪاري چمڙيءَ واري شخص کي بچائڻ لاءِ پنهنجي حياتي داءَ تي ٿي لڳائي.

بهرحال، بنان ڪنهن شڪ جي اِهو چئي سگهجي ٿو تہ انهيءَ موضوع تي ٺهندڙ سمورين فلمن ۾ سڀ کان بهترين 1988 ۾ ٺهندڙ ”مسي سپيسي الاءِ ۾ ٻوسڙي” آهي. 1960 واري ڏهاڪي جي نسلي ڏوهن بابت انهيءَ فلم جو هدائتڪار ايلن پارڪر هو. جيني هيڪمين ۽ وليم ڊيموئي فلم ۾ ايف بي آءِ جي ٻن ايجنٽن جو ڪردار ڪيو جيڪي شهري حقن لاءِ پتوڙيندڙ ٽن گم ٿيل ڪارڪنن جي ڳولا ۾ آهن.

سموري هڻ هٽان ڪانپوءِ پتو ٿو لڳي تہ انهن ٽنهي ڪارڪنن کي قتل ڪيو ويو آهي. اڇي ۽ ڪاري چمڙيءَ وارن ۾ ورهايل انهيءَ شهر تي سازشي خاموشيءَ جو راڄ آهي. جيتوڻيڪ ان فلم ۾ ڪاري چمڙيءَ وارن کي اطاعت گذار تماشائي طور ڏيکارڻ تي تنقيد پڻ ڪئي وئي آهي پر فلم جو اسڪرين پلي انتهائي جاندار ۽ هدائتڪاري ۽ اداڪاريءَ جو معيار انتهائي شاندار آهي.

انگريزي ۽ فارسيءَ ۾ ٺاهيل فلم ”ثريا ايم جي سنگساري” (2008) جو ذڪر ڪرڻ پڻ ضروري آهي. انهيءَ فلم جو هدائتڪار سائرس نورستا هو. اِها فلم ايران جي هڪ ڏورانهين ڳوٺ ۾ رهندڙ هڪ ايراني مائيءَ بابت آهي، جنهن تي سندس مڙس بدڪاريءَ جو الزام هنيو ۽ انبوهہ قانون هٿ ۾ کڻندي کيس سنگسار ڪري ڇڏيو.

انهيءَ واقعي جو اطلاع هڪ صحافيءَ ڏنو جيڪو اُتان لنگهي رهيو هو. کيس انهيءَ سنگساريءَ بابت مائي جي چاچيءَ ڄاڻ ڏني هئي. هڪ معصوم ۽ بيگناهه عورت جي سنگساريءَ جو ڏيک ايتري تہ حقيقت پسنديءَ



سان پڙدي تي آندو ويو آهي جو ڏسندي من پرجي ٿو پوي.

هدائتڪار اسپائيڪ لي باهہ ڏئي ساڙي مارڻ واري قانون کان مٿاهين سزا بابت هڪ شاندار فلم ”ننيڙين نينگرين لاءِ” (1997) ناهي. ”ماريون ۾ انبوهہ هٿان قتل” (1995) جي سري سان هڪ ڪاري چمڙيءَ واري امريڪي جيمز ڪيميرون بابت فلم آهي جنهن پنهنجي دوستن کي قانون کان مٿاهون قتل ٿيندي ڏٺو پر هو پاڻ ان کان بچي نڪتو. ان وقت سندس ڄمار سورهن ورهيہ هئي. ”ڪاوڙ” (2016) ڏاکڻين امريڪا ۾ انبوهہ هٿان قتل بابت هڪ دستاويزي فلم آهي. اِن فلم جي شوٽنگ ڇهن امريڪي رياستن ۾ انهن ماڳن تي ڪئي وئي جتي ماڻهن کي قانون کان مٿاهون سزائون ڏنيون ويون هيون. ”انصاف لاءِ پتوڙ” (1989) وليم گريوز جي هدائتڪاريءَ ۾ ٺهندڙ هڪ ٻئي ايوارڊ يافتا آهي جنهن ۾ قانون کان مٿاهين قتل/ سزائن خلاف پتوڙيندڙ شخص ادابيءَ جي زندگي چٽي وئي آهي. هن مضمون جي پڇاڙي اُن خط جي ڪجهہ سٽن تي ٿو ڪرڻ چاهيان جيڪو انهيءَ بيگناهہ جوابدار لکيو هو جنهن کي فلم ”آڪس بوقفيو” ۾ قانون کان مٿاهون قتل ٿيندي ڏيکاريو ويو هو.

”اِهو قطعي طور تي هڪ فطري عمل آهي تہ ڪو بہ شخص سچي دنيا ۾ هر انسان کي ايذاءُ رسائڻ کانسواءِ قانون پنهنجي هٿن ۾ نٿو ڪٿي سگهي ڇاڪاڻ جو ان ريت هو ڪو هڪ نہ پر سمورا قانون ٿو ٽوڙي. قانون، ڪتابن ۾ لکيل لفظن يا انهن ججن، وڪيلن يا شيرفن کان گهڻو مٿي هجي ٿو جن کي اوهان انتي عمل ڪرائڻ واسطي ملازم رکيو آهي. اِهو ئي اُهو سيڪجهہ آهي جيڪو ماڻهن انصاف جي ڏس ۾ حاصل ڪيو آهي ۽ اِهو ڄاتو آهي تہ ڇا درست آهي ۽ ڇا غلط؟ اِهو انسانيت جو ضمير آهي. جيڪڏهن ماڻهن ۾ ضمير باقي نہ رهيو تہ دنيا ۾ سيپتا نالي شئي ميسارجي ويندي ڇاڪاڻ جو انسان جيڪڏهن ڪٿي پنهنجي خدا کي ڇهي سگهي ٿو تہ اُهو ضمير ئي آهي. ڪنهن بہ فرد جو ضمير ڇا آهي، سواءِ دنيا ۾ هيل تائين ساهہ کڻندڙ سمورن انسانن جي ضمير جي هڪ ننڍڙي حصي جي...؟”

# چاليھہ ورھيہ پراڻي فلم ”بڻ بڻياد“ (Roots)

1970 واري ڏهاڪي جي پڇاڙ ۾ اليڪس هيليءَ جي لکڻي ”بڻ بڻياد“ (Roots) جون نہ رڳو پندرهن لک ڪاپيون وڪرو ٿيون پر هيءُ ڪتاب هڪ اهم ثقافتي ۽ سماجي تناظر پڻ بڻجي ويو.1977 ۾ امريڪي ٽيليويزن تي انهيءُ ڪتاب جي سٽن حصن تي ٻڌل ڊرامائي سيريل ڏيکاري وئي. 1980 واري ڏهاڪي ۾ اِها سيريل VHS تي ميسر هئي ۽ ان اهڙن ڏسندڙن جي تصور جو رخ بدلائي ڇڏيو جنکي جنرل ضيا جي آمريت تحت غلامن جيان ڦٽڪن جي سزا ڀوڳيندي ڏسڻ تي مجبور ڪيو ويو هو ۽ جن کي هٽ يا پير ڪپجڻ جو جوکم لاحق هو.

تن ڏينهن کان ڪتاب ۽ انجي ڊرامائي صورت، سڄي دنيا ۾ پنهنجي صنف ۾ اعليٰ سطح وارا شاهڪار ليکجن ٿا. هيلي پنهنجي ڪتاب کي (Faction) ۾ ٿو ليکي يعني هڪ اهڙي صنف جيڪا



حقيقت ۾ تصور جو گاڏڙ هجي يعني جنهن ۾ ادب جهڙي بيانيي سان گڏ تاريخ کي دستاويزي روپ ڏنو ويو هجي.

اليڪس هيليءَ کان اڳ گهٽي ڀاڳي ڪاري چمڙيءَ وارا امريڪي ملاح طور انتهائي هيٺين درجي وارا ڪم ڪار ڪندا هئا. هو پهريون ڪوسٽ گارڊ هو جنهن کي عام ماڻهن ۽ تاريخي پروگرام جي حوالي سان هڪ وڏي صحافيءَ طور مڃيو ويو. ڪوسٽ گارڊ طور سندس ڪيبن جون پٽيون انهن پرچين سان سٽيل هيون جن ۾ سندس طرفان مختلف رسالن کي اُماڻيل مضمونن ۽ ڪهاڻين جي مسترد ٿيڻ جو اطلاع ڏنل هو. سندس پهرين اهم لکڻي 1965 ۾ ميلڪم ايڪس جي آتم ڪٿا هئي، جنهن لاءِ هُن سندس انٽرويو ڪيو هو ۽ ان جي بنياد تي اِهو ڪتاب لکيو هئائين.

انڪانپوءِ هو پنهنجي غير معمولي ڪتاب ”بڻ بڻياد“ ذريعي امريڪي ادبي وايو منڊل تي انتهائي مشهور ڪاري چمڙيءَ وارن ليکڪ ۾ شامل ٿي ويو. هيلي (1921ڪان 1992) پنهنجي ڪتنب جي تاريخ تي غير معمولي تحقيق ڪئي ۽ انجا نتيجا سامهون آڻڻ لاءِ ناول جي صنف اختيار ڪيائين. جيتوڻيڪ سندس ڪجھ تحقيقي انومانن تي ڪجھ سنجيدي تاريخدانن سوال اُٿاريا هئا ۽ مٿس نقل ڪرڻ جا الزام پڻ ڌريا ويا. بهر صورت هن ڪتاب کي تاريخ ۽ ادب جي گاڏڙ طور پڙهڻ ۽ سمجهڻ گهرجي. هُن رڳو پنهنجي ڪٽنب جون حقيقتون ئي بيان ناهن ڪيون پر هُن اُها زندگي پڻ بيان ڪئي آهي جيڪا هنن گذاري هئي.

هيليءَ پنهنجو بيانيو زباني روائتن تي سهيڙيو آهي جنهن ذريعي ڪٽنبي داستان هڪ کان ٻئي نسل تائين منتقل ٿين ٿا. ادبي ٻوليءَ ۾ زباني روائت لڳ ڀڳ سمورين ثقافتن ۾ سماجي تاريخ جي منتقليءَ جو هڪ اهم طريقو رهي آهي ۽ اهڙي روائت ادبي حيثيت ۾ پڻ قبول ڪئي ٿي وڃي، خاص طور تي ڳوناٽي ۽ گهٽ پڙهيل ڳڙهيل معاشرن ۾ انکي اهم مقام حاصل هجي ٿو.

بڻ بڻياد ڪنتا ڪنتي جي ڪهاڻي آهي جيڪو افريڪا ۾ ڄائو هو ۽ ڪيس هڪ غلام جي حيثيت ۾ امريڪا آندو ويو جتي سندس اولاد پڻ غلام طور وڌيو ويجهيو. هيليءَ جي بيانيي کي قبوليت جوڳو بنائڻ جو هڪ سبب

# هڪ شاهڪار جا سئو ورهيه

جيڪڏهن ڪو اِهو پڇي تہ اڻويهين صديءَ جي پڇاڙ ۽ ويهين صديءَ جي شروعات جا ٽي اهم ترين ليکڪ ڪير هئا تہ ان فهرست ۾ ڪنهن شڪ شبهي ڪانسواءِ بنڪم چندرا چيٽرجي، رابيندرا ناٿ ٽئگور ۽ سرت چندرا چيٽرجيءَ جا نالا شامل هوندا. انهيءَ فهرست ۾ جيڪڏهن ٽن عظيم فلمي هدائتڪارن کي بہ شامل ڪجي تہ اِهي پي سي بروا، بمل راءِ ۽ ستيا جيت راءِ ڪانسواءِ ڪو بہ نہ ٿي سگهي. هيءُ اُهي ڇهہ فرد هئا جن پنهنجي تخليقي ڏات سان بنگال جي فن ۽ ادب کي جرڪايو. چيٽرجي، بروا ۽ ستياجيت راءِ اُهي ٽي فرد آهن.جن 1917 کان ڏکڻ ايشيا جي گهٽ ۾ گهٽ چار نسلن کي پنهنجي سحر ۾ جڪڙي رکيو آهي. هيءُ اُهو سال هو جڏهن ديوداس پهريون ڀيرو شائع ٿي.

انڪان اڳ جو اِهو جانچجي تہ آخر اُها ڪهڙي ڳالهہ هئي جنهن



ديوداس جي پڙهندڙن ۽ ڏسندڙن کي پنهنجو پرستار بڻايو. اِهو ڄاڻڻ جي ضرورت آهي تہ اُن دور جو اُهو ڪهڙو تناظر هو جنهن تخليقي ليکڪن ۽ فنڪارن ۾ هڪٻئي پويان ڪيترائي شاهڪار تخليق ڪرڻ جو تحرڪ يا اُتساهہ پيدا ڪيو. پلاسيءَ واري لڙائي ۾ فتح ڪانپوءِ بنگال برطانوي طاقت جو پهريون مرڪز بڻجي ويو.انجي ايندڙ هڪ سئو سالن تائين بنگالين ۽ انهن انگريزن وچ ۾ گهاٽو تعلق قائم رهيو جيڪي بنگال نار ۽ اُتان جي دريائن جو پاڻي چڱي ريت ڪيچي چڪا هئا. انهيءَ عمل دوران برطانيا بنگال کي نہ رڳو معاشي پر دانشورانہ طور تي پڻ مالا مال ڪري ڇڏيو.

راجا رام موهن راءِ (1772 کان 1833) شايد اُهو پهريون بنگالي دانشور هو جنهن انگريزن کان اتساهہ حاصل ڪيو ۽ بنگال ۾ موجود رسمن ۽ رواجن کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪيائين. هُن 1828 ۾ ڪلڪتي ۾ برهمو سماج قائم ڪيو ۽ ويدن جي بالادستي قبولڻ کان نابري واريائين. راجا رام موهن راءِ جو اوتارن تي ويساهہ نہ هو ۽ ڪرماداري عقيدي تي پڻ سوال اُٿاريندڙ هو. انهن روائت ٽوڙيندڙ سوچن ذريعي برهمو سماج نہ رڳو بنگال پر هندستان جي ماڻار ۾ ٽرٽلو مچائي ڇڏيو. اِها هڪ اهڙي دور جي شروعات هئي جنهن کي اسين بنگال جي نئين سرڪر موزڻ طور ليکي سگهون ٿا. جنهن انيڪ تخليقي جوهر پيدا ڪيا.

بنگال جي انهيءَ دور لڳ ڀڳ هڪ صديءَ تائين هندستان جي آرٽ، ادب ۽ سياست کي نئين سر جوان بڻايو. اوڻهويهين صديءَ جي وچ کان ويهين صديءَ جي وچ تائين بنگالي دانشورن پنهنجي عمل جي سڌارن وارن نظرين ذريعي ذهنن کي چڱو موچارو ريج ڏنو. منجهائن ڪيترائي شاندار دماغ رکندڙ سيڪولر سوچن جا مالڪ هئا ۽ سندن تعلق هندو گهراڻن سان هو جڏهن تہ انجي ابتڙ گهٽي ڀاڱي بنگالي مسلمان مسلم ليگ سان لاڳاپيل هئا جنهن جي سرواڻي نواب سليم الله جهڙا جاگيردار ڪري رهيا هئا. بنگال جي انهيءَ شاندار دور جي پڇاڙي تڏهن ٿي جڏهن 1940 واري ڏهاڪي جي پڇاڙڪن سالن ۾ ورهاڱي کان اڳ ۽ انڪانپوءِ هندن ۽ مسلمانن هڪٻئي جو قتلام ڪيو.

سرت چندر چيٽرجي (1876 کان 1938) بنگالي ادب ۾ وڏي حيثيت جو

مالڪ هو. سندس پسمنظر ڳوٺاڻو هو ۽ ڪيس جنوني سخت گير عقيدن ۽ بي ثمر اخلاقيات جو سڌو سنئون تجربو هو. پنهنجي پيشرو ۽ همعصر ساڃاهه وندن جيان هُن به پروڙيو ته سماجي طور پرتن، ڪمزور ۽ بي اختيار طبقن خاص طور تي عورتن کي طاقتور طبقا چالاڪيءَ سان پنهنجي مفادن واسطي استعمال ڪن ٿا.

سندس گهڻي ڀاڱي ناولن ۾ سماجي قدامت پرستيءَ ڏانهن معصوماڻي اڏمي جي مزاحمت جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. سندس مشهور ۽ انتهائي پسند ڪيل ناول "پرينيتا" آهي جنهن تي ڪيئي ڪامياب فلمون پڻ ٺاهيون ويون آهن. سندس اِهو ناول جيتوڻيڪ ديوداس کان ٻه سال اڳ 1914 ۾ شائع ٿيو پر انکي گهڻ پزيرائي حاصل ٿي.

پرينيتا ۽ ديوداس ٻنهي فلمن ۾ اهڙين عورتن جا سگهارا ڪردار آهن جيڪي سماجي نيئر توڙڻ ٿيون چاهين پر مردن جي مرڪزي ڪردارن جي ڪائرتا يا ملي ڀڳت سبب اهو ڪرڻ کان قاصر آهن. ديوداس جي ڪهاڻي ڳوٺاڻي بنگال جي هڪ خوشحال برهمن گهراڻي جي سڀ کان ننڍي پٽ آڏو ٿي هلي. انهيءَ ناول جي شروعات ديوداس ۽ پاروتي (پارو) جي ڪردارن سان ٿئي ٿي جيڪي هڪٻئي جا سٺا دوست آهن ۽ هڪ ئي پاڙي ۾ رهندي هڪٻئي آڏو جوان ٿيا آهن. اِهي ٻئي اوڏي مهل ڌار ٿا ٿين جڏهن ديوداس کي اعليٰ تعليم لاءِ ڪلڪتي ڏو اُماڻيو وڃي جتي ڪجهه من موجي ۽ بي فڪر نوجوان سندس دوست ٿا بڻجن.

ڪيترن ئي سالن ڪانپوءِ سندس ڳوٺ موٽڻ تي پارو کي اُميد هئي ته سندس وهان ديوداس مان ٿيندو پر سندس اڏمن جا سپنا اوڏي مهل چڪنا چور ٿي ويا جڏهن انهيءَ سنگابنديءَ جي ڏس ۾ ديوداس پنهنجي ڪٽنب جي مخالفت کي منهن ڏيڻ ۾ ناڪام ٿيو ۽ ڪلڪتي موٽي پنهنجي زندگي شراب ۽ وئشيائن ۾ برباد ڪرڻ لڳو. انهيءَ دوران چندر مکيءَ نالي هڪ وئشيا سندس زندگيءَ ۾ داخل ٿي پر هو سائنس جسماني تعلق نٿو جوڙي ٻئي پاسي پارو جو وهان هڪ شاهوڪار رنڍوي سان ٿو ٿئي. وهان ڪانپوءِ به پارو پنهنجو پهريون پيار وساري نه سگهي جيڪو آخرڪار سندس ئي چائنٺ تي پوريان پساهه ٿو ڏئي. سوال اِهو آهي ته انهيءَ ڪهاڻيءَ ۾ ايتري سحر انگيز ۽ متاثر



ڪندڙ ڳالهه ڪهڙي آهي؟ ڪهاڻيءَ جو منفرد پهلو اِهو آهي ته پارو ۽ چندر مکي ٻئي ديوداس جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ باهمت، فيصلو ڪري سگهندڙ ۽ پنهنجي ڳالهه مڃرائيندڙ ٿيون نظر اچن. ساڳي ريت پارو جي ڪٽنب جون عورتون پڻ پنهنجي ڪٽنب جي مردن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڀاڄهاريون ۽ با اعتماد ٿيون پسجن.

ناول جي پيچدگي ۽ سگهاري اظهار ڪانسواءِ انجي مقبوليت جو هڪ سبب اِهو به آهي ته انهيءَ ناول جا مختلف ٻولين ۾ هڪ سئو کان وڌيڪ ترجما ٿي چڪا آهن ۽ انتي هڪ درجن کان وڌيڪ فلمون ٺهي چڪيون آهن جن ۾ 1965 ۽ 2010 ۾ پاڪستان ۾ ٺهيل به فلمون پڻ شامل آهن. هندستان ۾ ڏسندڙن جي هڪ وڏي حلقي ۾ ديوداس متعارف ڪرائڻ جو ڪارنامو آسام جي هڪ زميندار پي سي بروا جو آهي جنهن 1935 کان 1937 وارن ٽن سالن ۾ بنگالي، اردو ۽ آسامي ٻولين ۾ ٽن مختلف فلمن جي هدائتڪاري ڪئي. ديوداس تي ٺهندڙ پهرين فلم ۾ ديوداس جو ڪردار هُن پاڻ ڪيو جڏهن ته اڙدو فلم لاءِ هُن هڪ ڪشميري اداڪار ۽ گلوڪار کي ايل سهگل جي چونڊ ڪئي.

جيڪڏهن اوهان کي سهگل جو من موهيندڙ گانو "بالم آئي بسو

# ... ويل جو ڪو ڏس پتو!

انڪي ”گمشدگي“ چئو يا ”سياسي طورتي ڪنيڻ“، اصل ۾ ان قسم جا واقعا معاشري ۾ ڊپ داءُ ۽ ڌڪاءُ واري فضا قائم ڪن جيڪا نہ رڳو ڪنيل همراهن جي ڪٽنبن پر انهن کي بہ متاثرتي ڪري جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن انهن فردن سان لاڳاپيل هوندا آهن. زوري ڪنيڻ هڪ اهڙو هٿيار آهي جيڪو معاشري ۾ ڏاڍ ۽ ڌڪاءُ ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. ان قسم جي واقعن کي قلم يا فلم ذريعي محفوظ ڪرڻ هڪ وڏي ذميواري آهي جيڪا معاشري جا باشعور ۽ با ضمير قلمڪار، فلمساز ۽ هدائتڪار نڀائين ٿا. ان قسم جا همت ڀريا فرد ارجنٽائن ۽ چليءَ کانوٺي ڀارت ۽ انڊونيشيا تائين ملن ٿا. زوري ڪنيڻ جو شايد سڀ کان وڏو واقعو پولينڊ ۾ ٻين مهاڀاري لڙائي جي شروعات ۾ پيش آيو هو. پولينڊ جي جڳ مشهور فلم هدائتڪار آندري وائڊاني انهيءَ ڪلور کي هڪ فلم ذريعي محفوظ ڪيو. جيئن تہ اِهو واقعو ڪاٽن واري ماڳ تي پيش آيو هو انڪري 2007 ۾ ٺهندڙ فلم جو نالو ئي ڪاٽن رکيو ويو. انهيءَ هاجي پولينڊ ۾ هڪ سموري نسل کي متاثر ڪيو ۽ ٻين مهاڀاري لڙائي دوران ۽ انڪانپوءِ بہ پولينڊ جا هزارين ڪٽنب انجي پيڙا ۾ پچرندا رهيا هن. فلم ۾ انهن پيچيدي حالتن کي عڪسبند ڪيو ويو آهي.



جيڪي ڪاٽن ۾ پيش آيون. ان فلم ۾ عورتن جي زباني ڪاٽن جو داستان پيش ڪيو ويو آهي، جن جو تعلق ڪنيل ماڻهن جي ڪٽنبن سان هو.

ٿيو ڪجهہ اِهو هو جو 1939 ۾ جڏهن جرمن فوجون پولينڊ ۾ داخل ٿيون تہ ٻئي پاسان سوويت فوجون پڻ پولينڊ ۾ گهڙي آيون ۽ انهن هزارين پولش فوجين کي گرفتار ڪري ورتو. ڊگهي عرصي تائين اِهو پتو ئي نہ لڳي سگهيو تہ اِهي جوان جيئرا بہ آهن ڪي نہ. سيپٽمبر 1939 ۾ ڪنيل انهن فوجين کي 1940 ۾ اسٽالين جي حڪم تي موت جي ننڊ سمهاريو ويو پر سندن ڪٽنبن کي انجو ڪو اطلاع نہ ڏنو ويو. انهيءَ راز تڏهن ڦاٽ ڪاڌو جڏهن هڪ پولش آفيسر جي ڊائري هٿ چڙهي جنهن ڪنيل فوجين سان پيش آيل وارتائن جو احوال لکيو هو. سوويت فوج پولينڊ جي فوجي آفيسرن کي عام سپاهين کان ڌار ڪرڻ کانپوءِ قتل ڪيو هو. انهيءَ ڊائريءَ ۾ قتل ڪيل آفيسرن جا نالا ۽ تاريخون درج آهن. انهيءَ فلم ۾ ٻين مهاڀاري لڙائي کانپوءِ واريون حالتون پڻ ڏيکاريون ويون آهن. فلم ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ جڏهن ڪاٽن واري قتلام جي خبر عام ٿي تہ سوويت فوجن انڪي جرمنيءَ جي ڪاتي ۾ وڌو ۽ سموريون ثابتيون ميسارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر پوءِ ڪجهہ همت ڀريل ماڻهن انهيءَ بيانيي کي للڪاريو. فلم جو آخري اڌ ڪلاڪ من ڦسائيندڙ آهي جنهن ۾ قتلام جا واقعا ڏيکاريا ويا آهن. هيءَ فلم ڪمزور دلين وارن کي نہ ڏسڻ گهرجي پر انهن کي ضرور ڏسڻ گهرجي جيڪي اِهو ڄاڻڻ گهرن ٿا تہ هزارين فردن کي ڪنيي گُم ڪرڻ کانپوءِ ڪهڙي ريت ڪوڙ ڳالهايو ويندو آهي. ٻين مهاڀاري لڙائي کانپوءِ پولينڊ سوويت يونين جي اثر هيٺ آيو پر ان هوندي بہ ماڻهن جي ڪنيجڻ جو سلسلو جاري رهيو.

زوري ڪنيڻ بابت ٺهيل ٻئي فلم 1977 جي ”سنگمرمر جو ماڻهو“ آهي. هن فلم جي ڪهاڻي برڪنن نالي هڪ سوشلسٽ هيرو بابت آهي جيڪو 1950 واري ڏهاڪي ۾ سوشلسٽ حڪومت جو دادلو هو پر پوءِ اوچتو ئي اوچتو گُم ٿي ويو. هيءَ فلم پنهنجي دور جي مشهور فلم سٽيزن ڪين واري انداز تي ناهي وئي آهي. سٽيزن ڪين ۾ هڪ صحافي هڪ شخص کان پڇا ڳاڇا ٿو ڪري جڏهن تہ سنگمرمر جو ماڻهو ۾ هڪ شاگردياڻي برڪنن جي ڳولا ۾ ٿي نڪري.فلم جي شروعات ۾ برڪنن جو مجسمو هڪ ميوزيم جي تهخاني ۾

پيل ٿو ڏيکاريو وڃي، جيڪو شاگرديائي ڳولهي ٿي لهي، ۽ پوءِ گم ٿيل برڪنن بابت پراڻيون پروپگنڊا فلمون ٿي ڦلهوري ته جيئن سندس بابت ڪو ڏس پتو لڳي سگهي. انهن پراڻي سرڪاري فلمن ۾ برڪنن کي هڪ هيرو طور پيش ڪيو ويو آهي جيڪو پورهيت طبقي لاءِ هڪ آدرش آهي. هو تيزيءَ سان سرون ڊوئڻ جو ريڪارڊ ٿو جوڙي پر جڏهن سرڪاري عملدارن سان ان ڳالھ تي احتجاج ٿو ڪري ته ساٿس چڱو ورتاءُ نه پيو ڪيو وڃي ته سندس ڪن مهٽ ٿي ڪئي وڃي ۽ پوءِ ڪيس گم ٿو ڪيو وڃي. جيتوڻيڪ اڳتي هلي سندس زال ۽ پٽ کي ته ڳولهي ٿو لڌو وڃي پر سندس ڪو ڏس پتو نٿو پوي.

واضع رهي ته جيڪڏهن سوشلسٽ ملڪن ۾ زوري ڪنهڻ عام جام هو ته سرمائيدار ملڪن ۽ امريڪا ٽين دنيا جي ملڪن ۾ به انجو رڻ تپائي ڏنو هو. 1960 واري ڏهاڪي ۾ ان قسم جا انيڪ واقعا ٿيا جن ۾ نه رڳو عام سياسي ڪارڪنن پر وڏن سياسي اڳواڻن کي به ڪنهي گم ڪيو ويو.ان نوعيت جو هڪ تمام وڏو واقعو ڪانگو ۾ پيش آيو جڏهن وزيراعظم پيٽرڪ لوممبا کي اغوا ڪري غائب ڪيو ويو ۽ پوءِ سندس لاش ڳيا ڳيا ڪري تيزاب ۾ ڳاريو ويو ۽ اهو سڀڪجھ امريڪي سفارتڪارن، بيلجيئم جي فوجن ۽ خودڪانگو جي باغين گڏجي سڏجي ڪيو. انهن واقعن کي هيٺيءَ جي فلم هدائتڪار رائول پيڪ پنهنجي فرانسيسي ٻوليءَ ۾ ناهيل فلم لوممبا ۾ محفوظ ڪيو.انهيءَ فلم ۾ لوممبا جي حياتيءَ جي پڇاڙڪن سالن کي انتهائي محنت ۽ اُڪير سان فلمبند ڪيو ويو آهي. لوممبا آزاد جمهوريا ڪانگو جو پهريون وزيراعظم ۽ افريڪا کنڊ جي آزاديءَ جو علمبردار هو. ان فلم ۾ لوممبا جي ڪردار لاءِ پنجٽيهن ورهين جي افريڪي پسمنظر واري فرانسيسي اداڪار ايرڪ ايبونيءَ جي چونڊ ڪئي وئي جيڪو مهاندن ۾ بنهه لوممبا جهڙو هو.فلم جي شروعات ۾ لوممبا کي عوامي تحريڪ منظم ڪندي ڏيکاريو ويو آهي جنهن جدوجهد ذريعي سندس ملڪ آزاديءَ ٿو ماڻي پر اُتان جي مادي وسيلن تي هيج رکندڙ امريڪا ۽ بيلجئم جا سول ۽ فوجي عملدار سندس خلاف سازشون شروع ٿا ڪن ۽ لوممبا خلاف بغاوت ٿا ڀڙڪائين. ڪين ڊپ ٿو ٿئي ته لوممبا به سگهوئي مصر جي جمال ناصر ۽ ايران جي ڊاڪٽر مصدق وانگر ڪانگو جا وسيلا قومي ملڪيت ۾ وٺي ڇڏيندو.



فلم ۾ انهن سمورن واقعن جي منظر ڪشي ڪئي وئي آهي جن ۾ هو وزيراعظم ٿو بڻجي، آزاديءَ واري ڏيهاڙي تي گجگوڙ واري تقرير ٿو ڪري، جنهن ۾ سامراجي ڇاڙتن کي تنقيد جو نشانو ٿو بڻائي ۽ پوءِ کيس اقتدار تان بيدخل ڪري غائب ٿو ڪيو وڃي. لوممبا جون 1960 کان جنوري 1961 تائين فقط ست مهينا وزيراعظم رهيو. غائب ٿيڻ جي هڪ مهيني تائين ته سندس ڪو ڏس پتو ئي نه هو ۽ پوءِ فيبروري 1961 ۾ سندس قتل جي خبر ڦاٽ ڪاڻو، ان وقت پيٽرڪ لوممبا جي ڄمار پنجٽيهه ورهيه هئي.انهيءَ واقعي ڪانپوءِ ڪانگو آمريت، قتل ۽ غارت گري ۽ ڦر لٽ جو شڪار بڻجي ويو جيڪو سلسلو اڄ به جاري آهي.

اڇو ته هاڻ لاطيني امريڪا جو رخ ڪريون جيڪو نظرياتي جنگ جو هڪ پيو ميدان هو. لاطيني امريڪا جي صورتحال تي ٺهندڙ ذڪر جوڳي فلم 2001 ۾ ٺاهيل "پوپٽن جي دور ۾" آهي. هيءَ ڊومينيڪن ريپبلڪ جي ڪهاڻي آهي، جتي هڪ آمر جنرل رافيل جي دور ۾ هزارين ماڻهو ڪنهي گم ڪيا ويا. هن فلم جي ڪهاڻي ٽن ڀينرن بابت آهي جنکي "پوپٽ" چيو ٿو وڃي ۽ جيڪي آمريت خلاف سينو سپر ٿيون ٿين. جنرل رافيل 1930 ۾ اقتدار تي قبضو ڪيو ۽ ٽيهن سالن کان وڌيڪ عرصو ڏاڍ ڏمر وارو راڄ ڪندو رهيو. 1961 ۾ کيس قتل ڪيو ويو. هن فلم ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته ڪهڙي ريت انهن ڇوڪرين جي والد کي اغوا ڪري غائب ڪيو ويو ڇاڪاڻ جو سندس هڪ ڌيءَ منروا جنهن جو ڪردار مشهور اداڪارا سلما هائيڪ ڪيو آهي، جنرل رافيل جي چلولاين کي ٺڏي ٿي. اِهي ٽيئي ڀينرون عوامي تحريڪ منظم ٿيون ڪن جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ نوجوان شامل ٿا ٿين. اڳتي هلي انهن ٽنهي ڀينرن کي ڪنهي قتل ٿو ڪيو وڃي اِها نومبر 1960 جي وارتا آهي پر جيئري بچي ويل ڀيڻ 2014 تائين جيئري هئي. هيءَ فلم سورهياڻپ جو داستان آهي. اُها سورهياڻپ جيڪا مردن بدران عورتن جو گڻ آهي. ان فلم ۾ سلما هائيڪ شاندار اداڪاريءَ جو مظاهرو ڪيو آهي. انکان اڳ هوءَ هڪ ٻئي فلم "ميداق ايلي" ۾ ٻڻ اهڙوئي ڪردار ادا ڪري چڪي آهي جيڪا نجيب محفوظ جي ناول تي 1995 ۾ ٺاهي وئي هئي.

يورا گوئي ۾ توپا ماروس نالي تنظيم 1960 ۽ 1970 وارن ڏهاڪن ۾

سرگرم رهي. هدائتڪار ڪوستا گاوراس جي فلم "محاصري جي حالت" لاطيني امريڪا جي تاريخ جو اُپٽار ٿي ڪري. 1972 ۾ ٺهيل هيءَ فلم يوراگوئي جي صدر پاچيڪوجي دور جو احاطو ٿي ڪري، جنهن عوامي اُڀار کي سختيءَ سان چيپائيو ۽ هنگامي حالتون لاڳو ڪري آئين معطل ڪيو. هن فلم ۾ توپا ماروس جي ڪارندن جون سرگرميون ڏيکاريون ويون آهن جيڪي اغوا ۽ قتل ڪندا هئا. سندن نشانو هڪ امريڪي عملدار ڪاردين متروني ٿو بڻجي جيڪو اصل ۾ امريڪي جاسوس آهي پر ڪيس امدادي ڪارڪن طور ٿو پيش ڪيو وڃي. ان فلم ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته اِهو جاسوس اصل يوراگوئي پوليس کي تشدد جي تربيت ٿو ڏئي ۽ پوءِ ڪيس جولاءِ 1970 ۾ قتل ٿو ڪيو وڃي. جيتوڻيڪ ان فلم ۾ سمورا واقعا انتهائي باريڪ بينيءَ سان عڪسبند ڪيا ويا آهن پر سمورن ڪردارن جا نالا بدلايا ويا آهن. فلم ۾ اغوا ۽ پڇا ڳاڇا جي ڏيکاريل طريقن سان نه رڳو يوراگوئي پر سڄي لاطيني امريڪا جي سياست تي روشني وڌي وئي آهي. فلم ۾ امريڪي سازشون پڻ ڏيکاريون ويون آهن. ۽ آمرن جا ڪرتوت پڻ. ياد رهي ته هيءَ فلم چليءَ ۾ سلوا دور آلندي جي راڄ دوران ٺاهي وئي ۽ ان جي فلمبنديءَ جي ڪجهه ئي عرصي ڪانپوءِ هڪ فوجي بغاوت ذريعي سندس حڪومت ختم ڪئي وئي.

هاڻ چلي تا هلون جنهن بابت محاصري جي حالت جي هدائتڪار ڪوستا گاوراس 1982 ۾ ڪنيبل نالي فلم ٺاهي، جنهن ۾ جڳ مشهور اداڪار جيڪ ليمن مرڪزي ڪردار ڪيو پر هت چليءَ بابت هڪ ٻئي فلم جو ذڪر ڪنداسين جنهن جو عنوان پرل بٽڻ آهي جيڪا 2015۾ ٺاهي وئي. انجو هدائتڪار پطريسيو گزمان هو جيڪو پنهنجي سياسي فلمن ڪري مشهور آهي ۽ جنهن 2004 ۾ سلوا دور آلندي نالي فلم پڻ ٺاهي هئي. گزمان جي فلمن ۾ غير ضروري جذباتي پڻي کان ڪم نٿو ورتو وڃي. فلم پرل بٽڻ جي شروعات ڏکڻ امريڪا جي آديواسي قبيلن جي رهواسين کان ٿئي ٿي، جيڪي پنهنجي دنيا سميت گُم ٿا ڪيا وڃن، يعني سندن انوکي ۽ شاندار دنيا جديد سڀيتا جو ڪاچ بڻجيو وڃي. فلم جو شروعاتي اڌ چليءَ جي اصلوڪن رهواسين بابت آهي، جن متعلق ڄاڻايو ٿو وڃي ته آڳاٽا رهواسي وحشي ناهن. پوءِ اِها فلم صنعتي دور کان ٿيندي سرمائيداريءَ جي ڏاڍ ڏمر ۾ تي داخل ٿئي



جيڪا چليءَ جي جنرل پنوشي جي آمريت ماڻهن تي مڙهي. جنرل پنوشي 1973 ۾ چونديل صدر سلوا دور آلندي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري آمريت مڙهي ۽ پوءِ ڏاڍ ڏمر جي هڪ ڏکهي دور جي شروعات ٿي. فلم پرل بٽڻ ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته ڪهڙي ريت چليءَ ۾ هزارين ماڻهن کي ڪنيپي گُم ڪيو ويو ۽ سياسي ڪارڪنن کي اغوا ڪري سندن جسمن سان لوهي ميخون ٻڌي ڪين جهازن مان سمنڊ ۾ ڦٽو ڪيو ويو. هڪ ڪاٽي موجب ڪو پندرهن هزار کن ماڻهن کي ان ريت سمنڊ ۾ ٻوڙيو ويو. ڪافي عرصي ڪانپوءِ اِهي لاش سمنڊ ۾ تري آيا ته هڪ لاش سان هڪ پرل بٽڻ لڳو هو، جنهن تان ان فلم جو نالو ورتو ويو.

ارجنٽائن جي پهرين آسڪر انعام يافتا فلم 1985 ۾ ٺهندڙ "سرڪاري ڪهاڻي" هئي، جنهن ۾ ارجنٽائن جي آمريت دوران ڪيل ڪلور ڏيکاريا ويا آهن. آخر ۾ ٻن ڀارتي فلمن جو ذڪر ڪندو هلجي، جن مان پهرين "هزار چوراسي ڪي ماءُ" آهي جيڪا 1989 ۾ ٺاهي وئي، جنهن ۾ نڪسل باڙي تحريڪ جي گُم ٿيل ماڻهن جو داستان بيان ڪيل آهي. هن فلم ۾ مرڪزي ڪردار جيابچن ڪيو آهي جڏهن ته هن فلم جو ڊائريڪٽر گووند نهلاڻي آهي. ٻئي ڀارتي فلم "حيدر" آهي جيڪا وشال ڀردواج ڪشمير جي گُم ٿيل فردن تي ٺاهي آهي. انهن فلمن مان واضع ٿو ٿئي ته ڀارت ۽ پاڪستان جهڙن ملڪن ۾ پڻ زوري ڪنهڻ جا واقعا ٿيندا ٿا رهن. جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ ان موضوع تي اڃان تائين ڪا فلم نه ٺهي آهي سو ڏسجي ته سورهياڻپ وارو اِهو ڪم سڀ کان پهرين ڪير ٿو ڪري.

# ناول تي ٻڌل فلمون

جهڙي ريت ٽالسٽائي جو ناول جنگ ۽ امن پڙهڻ ڪانسواءِ اوڻهويهين صديءَ جي شروعات واري روس جو ادراڪ نا مڪمل هوندو، اهڙي طرح ويهين صديءَ جي شروعات واري يوريشيا ۾ جهاتي پائڻ لاءِ بورس پاسترناڪ (1890ڪان 1960) جهڙي ليکڪ جي ڏاهپ گهربل هجي ٿي. سندس ناول ڊاڪٽر زواگو جي ڪري يوريشيا رڳو روس تائين محدود ناهي پر اِهو يورپ ۽ ايشيا جي سرحدن ڪان پري يعني ڪوهه يورال ڪان مٿاهون آهي. جيڪڏهن ٽالسٽائي کي گهڻي پاڱي يورال جبلن جي اولهندي پاڱي سان دلچسپي هئي تہ پاسترناڪ اوهانکي سائبيريا ۽ ان ڪان بہ اڳتي ٿو پهچائي. ٽالسٽائي روس ۾ نپولين جي اڳرائي جي ياد تازي ڪئي آهي ۽ پاسترناڪ روسي انقلاب ۽ انجي نتيجي ۾ ٿيندڙ گهرو لڙائي جا بخيا اڌيڙيا آهن.

هتي اسانکي سينيما جي پڙدي تي ڊاڪٽر زواگو جي ٻن پيشڪشن ۾ دلچسپي آهي، پهرين برطانوي ڊائريڪٽر ڊيوڊلين (1965) جي انگريزيءَ ۾ ۽ ٻئي 2006 ۾ روسي ٻوليءَ ۾ روس جي ڊائريڪٽر اليگزاندر پروشڪن جي پيشڪش. ڊيوڊلين (1901ڪان 1991) جوڳاٽيٽو سينيما جي تاريخ جي بهترين



هدائتڪارن ۾ ٿئي ٿو ۽ ڊاڪٽر زواگو جي هدائتڪاريءَ ڪان اڳ هو "ڪوائي دريا تي پل" (1957) ۽ "لارينس آف عربيا" (1962) ۾ پنهنجي صلاحيتن جا جوهر ڏيکاري چڪو هو. انهن ٻنهي جنگي داستانن وارين فلمن کي مختلف آسڪر ايوارڊن سان نوازيو ويو. هُن ڊاڪٽر زواگو لاءِ لارينس آف عربيا جي ڪجهہ اداڪارن ۽ عملي جون خدمتون پڻ حاصل ڪيون.

پاسترناڪ اِهو ناول 1956 ۾ لکيو جيڪو ويهين صديءَ جي شروعات ۾ سندس پنهنجي تجربن تي ٻڌل آهي.شروعات ۾ پاسترناڪ جو بالشويڪن ڏانهن نرم رويو هو چاڪاڻ جو هو روسي بادشاهہ پرستن جي ڪلورن ۽ پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ فوجن کي موت جي منهن ۾ ڌڪڻ جو اکين ڏٺو شاهد هو. پيٽرا وٽول طرفان پيشڪش رد ڪرڻ ڪانپوءِ ڊاڪٽر زواگو جي ڪردار لاءِ پٽيهن ورهين واري عمر شريف جي چونڊ هڪ بهترين فيصلو ثابت ٿي.

ساڳي ريت فلم جي منظر نامي لاءِ تاريخ جو گهرو ادراڪ رکندڙ، نامياري ناٽڪ نويس رابرٽ بولٽ پاسترناڪ جي ناول کي انتهائي من موهيندڙ فلم ۾ بدلائي ڇڏيو آهي. ٿامس مور لاءِ سندس پنهنجو ناٽڪ "سمورين موسمن جو ماڻهو" ۽ لارينس آف عربيا" لاءِ سندس منظر نامون شهرت جو سبب بڻيو هو. بولٽ ناول جي انقلابي تفصيلن ڪان وڌيڪ انجي پيار جي ٽڪنڊي تي ڌيان ڌريو آهي، شايد هُن چاهيو ٿي تہ فلم ڏسندڙ سماجي اٿل پٿل جي پيڙائن ڪان وڌيڪ پيار جي اڌمن کي شدت سان محسوس ڪن. سندس حرفت ڪم ڏيکاري وئي.

هاڻ اِهو لين تي آڌاريل هو جنهن پريم ڪهاڻيءَ کي لا محدود تناسب واري تاريخي رزميي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو.

فرانسيسي سنگيتڪار مورس جا جيڪو فلم لارينس آف عربيا ۾ ڏنل سنگيت تي آسڪر ايوارڊ حاصل ڪري چڪو هو، ان لاءِ اهڙو گيت لکيو جيڪو ڪهاڻيءَ جي روح سان ٺهڪي ٿي آيو. جيڪڏهن اوهين سنگيت جا چاهيندڙ آهيو ۽ جيڪڏهن اِها فلم نہ ڏٺي اٿو تہ يو ٽيوب تي Lara's Theme ڦلهوريو ۽ آرڪيسٽرا سان گڏ بالاليڪا (ٽڪنڊو ساز) جي من موهيندڙ استعمال جو مشاهدو ڪريو. پاسترناڪ جي ناول ۾ اِهو ساز شروعات ڪانوئي

موجود آهي. زواگو ورثي ۾ پنهنجي ماءُ جو بالاليڪا ٿو حاصل ڪري ۽ پنهنجي زندگيءَ جي سمورين ڏکيائين ۾ به پاڻ وٽ ٿو رکي. اِهو ورثو آخرڪار زواگو ۽ لارا جي ڌيءَ تائين ٿو پهچي ۽ آخر ۾ اِهو ساز سندس ڪلهي پاتل ٿو ڏيکاريو وڃي.

لارا جي ڳالهه ڪجي ته فلمساز ڪارلو پونٽيءَ جي خواهش هئي ته اِهو ڪردار سندس گهر واري صوفيا لارين ڪري پر لين جو خيال هو ته سترهن ورهين جي ڪنواري نينگريءَ جي ڪردار ۾ هوءَ مناسب نه لڳندي انڪري هُن جولي ڪرسٽيءَ لاءِ زور پريو، جنهن ثابت ڪيو ته لين جو فيصلو درست هو. آخر ۾ اِهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته لين جي فلم ڊاڪٽر زواگو جي ڪاميابيءَ ۾ وڏي سينيما اسڪوپ فلمن جي ماهر سينيماٽو گرافر فريڊي ينگ جو وڏو هٿ هو جنهن پنهنجي ٽي آسڪر ايوارڊ حاصل ڪندڙ فلمن ۾ لين سان گڏ ڪم ڪيو هو.

هاڻ روسي فلم تي نظر ٿا ڊوڙايون. جيئن ته اسين ڄاڻون ٿا ته پاسترناڪ ۽ سندس لکڻين مان سوويت حڪومت خوش نه هئي. هُن پنهنجو ناول سوويت يونين مان ئي شائع ڪرائڻ ٿي چاهيو پر ڪيس انجي اجازت نه ملي ته پنهنجو ناول ڳجهه ڳوهه ۾ اٽلي پهچايائين جتان اولهه ڪي انجي رسائي پلئه پئي ۽ سگهوئي اِهو ناول مختلف ٻولين ۾ ترجمو ٿيڻ لڳو. 1958 ۾ جڏهن پاسترناڪ کي نوبل انعام لاءِ نامزد ڪيو ويو ته ڪيس اِهو انعام قبول نه ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو. ماسڪو پرسان ليکڪن جي ڪالونيءَ ۾ هيءُ شاندار ليکڪ مفلسيءَ حالت وڳهي 1960 ۾ گذاري ويو. گورباچوف جي گلاسنوسٽ واري پاليسيءَ سبب پاسترناڪ جي ماضيءَ واري حيثيت بحال ٿي ۽ سندس ناول نووي مير طرفان شائع ٿي سگهيو. هيءُ اُهوئي ادارو هو جنهن ماضيءَ ۾ ساڳيو ئي ناول شائع ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو.

1989 ۾ پاسترناڪ جو پٽ پنهنجي مرهيات پيءُ طرفان نوبل انعام وٺي سگهيو. سندس پيريڊيلڪينو واري گهر کي ميوزيم جو درجو ڏنو ويو پر ان ناول تي 2005 تائين روس ۾ نه ڪا فلم ٺهي سگهي ۽ نه ئي ڪو ناٽڪ پيش ٿي سگهيو. اِها للڪار اليگزينڊر پروشڪن قبولي ۽ پاسترناڪ جي ناول جي انتهائي درست ڊرامائي تشڪيل ڪيائين. اِهو ناٽڪ ٻارهن قسطن تي



ٻڌل هو ۽ انجو ڪُل دورانيو انن ڪلاڪن کان وڌيڪ هو جنهن ڊيوڊلين جي ٻن سئو منٽن واري فلم کي گهٽو پوئتي ڇڏي ڏنو. انهيءَ ٽيليويزن سيريز جي خوبصورتي ناول جي لڳ ڀڳ سمورن اهم ڪردارن ۽ واقعن جي تفصيلي خاڪي ڪشي آهي.

رابرٽ بولٽ کي پنهنجي ڪردارن ۽ انهن ۾ وڍ ڪٽ ڪرڻي پئي هئي. روسي ٽيليويزن سيريز لاءِ مقامي ليکڪ يوري ارابوف کي نئين پيشڪش لاءِ وڌ کان وڌ مواد شامل ڪرڻ جي اجازت هئي. پهل 1901 وارا ناول جا شروعاتي باب هجن جن ۾ انقلاب کان سورهن ورهيه اڳ واري روس جو بيان آهي يا زار روس جي دور ۾ زميني سڌارن جو ذڪر هجي، سيريز ۾ لين جي فلم واري تيز رفتاري ۽ وقت بوقت اوچتو ڦيرو ڪائڻ بدران ناول جي متن تي ڀرپور نظر رکي وئي آهي. بولٽ طرفان انقلاب کان اڳ وارن سالن جي ناڪافي پيشڪش انجي اسڪرين پلي کي اونهائي کان محروم ڪري ڇڏيو آهي جنهن جو اظهار نا پختي ڪردار نگاريءَ ۾ ٿئي ٿو.

ناول ۾ لارا جو ڪردار انتهائي شروعات ۾ ئي اُڀري ٿو اچي ۽ سيريز ۾ پڻ شروعاتي قسطن ۾ ئي نکري نروار ٿو ٿئي جڏهن ته لين جي لڳ ڀڳ اڌ فلم لارا جي ڪنهن معنيٰ ڀرئي ڪردار نگاريءَ کانسواءِ گذري ٿي وڃي ساڳي ريت پاسترناڪ جو ڪردار ڪو مورو فسڪي روسي سيريز ۾ اوڊا سيگر جي پيٽ ۾ انتهائي جاندار ۽ ڀرپور آهي. چپلن خماتوا، جولي ڪرسٽيءَ جي ابتڙ پنهنجي انداز ۽ حرڪتن سبب وڌيڪ روسي ٿي لڳي. جولي تمام گهٽي سهٽي ته ٿي سگهي ٿي پر پاسترناڪ جي لارا جي پيٽ ۾ ڦرندڙ گهرندڙ سياءُ واري ٿي پائنجي.

هڪ ٻئي خصوصيت جيڪا روسي پيشڪش کي من موهيندڙ ٿي بڻائي، سا اصل ماڳ مڪان آهن. لين کي اسپين جي ڪنبٽيءَ ڏيارينڊڙ ٿڌي مُند جي غير موجودگيءَ ۾ اسپين جي ڪوهيڙي ۽ ڌز تي ڀاڙڻو پيو هو، جتي انهيءَ فلم جي گهڻي ڀاڱي عڪسبندي ٿي هئي. روس جي جڳ پڌري سياري جو نقل ڪرڻ ايترو سولو ڪم به ناهي جيتوڻيڪ لين پلوڙ ڪم ڪيو آهي پر روسي سياري سان سندس سڌي سنئين واسطي نه هئڻ ڪي اُهي ماڻهو پلي پت محسوس ڪري سگهن ٿا جيڪي ماسڪو کان سائبيريا تائين پارو ڄمائيندڙ

موسم ۾ ڏک پچائي چڪا هجن. روسي سيريز جي پڇاڙ ۾ بابن جي خاڪي ڪشي هڪ رونگ (bonus) آهي ڇاڪاڻ جو ان ڏس ۾ لين جي فلم انتهائي مختصر ڪم ڪيو ويو آهي.

جيڪڏهن اوهان انهن مان ڪجهه ٻ نه ڏٺو آهي ته لين جي فلم ڪان شروعات ڪريو ۽ پوءِ ناول جو اڀياس ڪريو ۽ ان ۾ ٿيل ڪانٽ ڇانٽ پاڻ پروڙيو، انڪانپوءِ روسي سيريز حاصل ڪريو. جيڪڏهن روسي ٻوليءَ ڪان واقف نا هيو ته ذيلي ترجمي مان لاڀ پرائيندي گهٽ ۾ گهٽ هڪ هفتو ان ۾ ٽپي ضرور هڻو.



# سرد جنگ تي فلمون

جيڪڏهن انهيءَ ڳالهه جي هڪ جهلڪ ڏسڻ ٿا چاهيو ته سرد جنگ جي دور ۾ جنرل ايوب خان ۽ جنرل ضيا ڪهڙي ريت پاڪستان ڪي سوويت يونين جي خلاف هڪ مورچي طور استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني ته ٻه فلمون چارلي ولسن جي جنگ (2007) ۽ جاسوسن جي پُل (2015) جنهن ۾ ٽام هينڪس اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، ضرور ڏسڻ گهرجن. ٻئي فلمون پنهنجي تاريخي تناظر ۽ انهن ماڻهن جي ڪردار جي بلڪل درست عڪاسي ٿيون ڪن جن امريڪي مقصد اڳتي وڌائڻ لاءِ پاڪستان ۾ فوجي اڏا استعمال ڪيا ۽ نه رڳو سوويت يونين ڪي گوڏا ٽيڪڻ تي مجبور ڪيو پر پاڪستان ڪي پڻ هاٺوڪي افسوسناڪ صورتحال تائين پهچايو.

اسٽيون اسپيل برگ جي هدائتڪاريءَ ۾ ٺهندڙ فلم جاسوسن جي پُل سرد جنگ جي عروج وارن ڏينهن بابت آهي، جڏهن دنيا تي امڪاني جوهري خطرو ڇانيل هو ۽ امريڪا ۽ سوويت يونين ٻئي هڪٻئي جي جوهري صلاحيتن بابت وڌ کان وڌ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي هڻ هڻان ۾ هئا. هڪ سوويت جاسوس رڊولف آبيل (جنهن جي ڪردار لاءِ مارڪ ريلانس آسڪر

ايوارڊ حاصل ڪندڙ اداڪاري ڪئي) نيويارڪ ۾ پڪڙجي ٿو پوءِ ۽ مٿس مخبريءَ جو الزام ٿو ڌريو وڃي. وڪيل جيمس ڊونووان (ٽام هينڪس) کي ڪورٽ ۾ جوابدار جي بچاءَ جي ذميواري ٿي سونپي وڃي ته جيئن انصاف ٿيندي نظر اچي.

اِهو 1950 واري ڏهاڪي جو پڇاڙڪو زمانو هو جڏهن امريڪا سوويت يونين خلاف نيئر سوگها ڪري رهيو هو ۽ پاڪستان جهڙن ملڪن جا فوجي حاڪم پنهنجي آپيشاهاڻي حڪومتن جي پٺڀرائي عيوض انکي پنهنجون خدمتون آڇڻ لاءِ اُتاولا هوندا هئا. جنرل ايوب خان امريڪي جاسوس جهازن کي پشاور پرسان بڊابير هوائي اڏي تان اڏامڻ جي اجازت ڏني هئي ته جيئن اِهي سوويت حدن ۾ داخل ٿي انجي ڳجهي رٿائن جون تصويرون ڇڪي سگهن. فلم جاسوسن جي پُل انهن امريڪي هوابازن کي ملندڙ تربيت کي انتهائي جاندار انداز ۾ فلمبند ٿي ڪري جنڪي سي آءِ اي جو جاسوس بڻجڻو هو ته جيئن سوويت يونين ۾ ڪنهن به جوهري سرگرميءَ جي پٽڪ لهي سگهجي.

هڪ پاسي ڊونووان پنهنجي اصيل آبيل جو بچاءَ ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري جيڪو پنهنجو ڏوهه مڃڻ کان انڪاري آهي، سوسي آءِ اي ايجنٽ ڊونووان کي هيسائي ڪائنس آبيل جي ڏنل ڄاڻ حاصل ڪرڻ ٿا چاهين پروڪيل ساڻن سهڪار کان نابري ٿو واري. جيتوڻيڪ فلم ۾ ايئن ٿو پائنجي ته نيويارڪ ۾ جاسوسي وارو ڊرامو ۽ فوجي نڪائن جو جائزو وٺندڙ جهازن جي اڏامن جو سلسلو هڪ ئي وقت ۾ هلندڙ هو پر ٻنهي سرگرمين وچ ۾ ٻن سالن جي وٿي هئي. هوا بازن کي پشاور واري هوائي اڏي تي يوٽو جهاز ڏسڻ لاءِ اوڏي مهل آندو ويو جڏهن آڪٽوبر 1958 ۾ فوج پاڪستان جي اقتدار تي قبضو ڪري ورتو هو.

حڪومت امريڪي ٻارن کي به امريڪا تي سوويت حملي جي جذباتي هنيوچين ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو. اسڪولن کي حڪم ڏنو ويو ته اُهي ٻارن کي ائٽمي ڌماڪن ۽ انجي نتيجن بابت فلمون ڏيکارين ۽ ٻارن کي سيکاريو ويو ته ڪهڙي ريت هوا هڙي مامري لاءِ تيار رهن. ان ذريعي ماڻهن کي اهڙي چريائپ جو شڪار بڻايو ويندو آهي جو سندن ذهنن ۾ ڊونووان لاءِ



ناپسنديدگيءَ وارا جذبا ٿا پيدا ٿين ڇاڪاڻ جو ماڻهو سمجهن ٿا ته هو رياست جي ويريءَ جو بچاءَ ڪري رهيو آهي. ڪيس جي پڇاڙيءَ تي آبيل سمورن ڏوهن لاءِ ذميوار ٿو ليکجي، ڏسندڙ ته هُن لاءِ موت جي سزا ٿا چاهين پر ڊونووان جج کي قائل ٿو ڪري ته هُن کي ٽيهه سال ٽيپ جي سزا ڏني وڃي.

ڊونووان جي دور انديشي ڪيس سوويت يونين ۾ امريڪي جاسوس پڪڙجڻ جا امڪان ٿي ڄاڻائي ۽ هو سوويت يونين سان جاسوس جي امڪاني مٽا سٽا جي اڳواٽ تياري ٿو ڪري. سگهوئي سوويت يونين مشن ۾ شامل ٻن هوا بازن مان هڪ گيري پاورز جي جهاز کي زمين کان خلا ۾ وار ڪندڙ هڪ ميزائل ذريعي ڪيرايو ٿو وڃي، انهيءَ سوويت ميزائل جي امريڪا کي ڪا ڄاڻ ئي نه هئي. پاورز جي سوويت يونين جي قبضي ۾ اچڻ تي ان ڳالهه جو امڪان پيدا ٿي ويو ته پاورز جي عيوض آبيل کي ڇڏرائجي. هاڻ ڊونووان کي منٿ ڪئي وئي ته هو اوڀر جرمنيءَ ۾ ان ڏس ۾ ڳالهيون ٻولهيون ڪري. هو نه رڳو پاورز کي پر هڪ ٻئي امريڪيءَ کي، جيڪو هڪ يونيورسٽي شاگرد آهي، موٽرائڻ ۾ سوڀارو ٿو ٿئي جنهن کي اوڀر جرمنيءَ جي حڪومت جاسوسيءَ جي ڏوهه هيٺ قيد ۾ رکيو آهي. اِها فلم ڏسڻ وٽان آهي جنهن ۾ برلن ڀت جي اڏاوت ۽ اولهه جرمنيءَ ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش تي ماڻهن کي گوليون هڻندي پڻ ڏيکاريو ويو آهي.

ان فلم جي پيٽ ۾ چارلي ولسن جي جنگ هڪ هلڪي فلم آهي ڇاڪاڻ جو ان ۾ وسيع تصوير ڪشيءَ بدران ذاتي خصوصيتن تي ضرورت کان وڌيڪ زور ڏنو ويو آهي. چارلي ولسن امريڪي ڪانگريس جو ميمبر هو ۽ اسٽنگر ميزائل سندس اثرائتو هٿيار هو جنهن سوويت يونين کي افغانستان مان نڪرڻ تي مجبور ڪيو. فلم ۾ وڏي تعداد ۾ عورتون آهن جيڪي چارليءَ جي آفيس جو سينگهار بڻيل آهن ۽ جنڪي چارليءَ جو پريون ٿو سڏيو وڃي.

انهن ۾ هڪ با اثر سهونهن جي اڳوٽي راڻي جوان هير نگ آهي جنهن جو ڪردار جوليا رابرٽس ڪيو آهي، جيڪا سندس بد ترين ڪارڪردگين مان هڪ آهي ان ۾ گسٽ ايور ڪوٽوز (فلپ سيمر هافمين)، هڪ غير معمولي ڌاهپ واري سي آءِ اي ايجنٽ کي به شامل ڪجي ته اِهي

ٿئي افغانستان ۾ سوويت فوجن جي شڪست جو جشن ملهائيندي نظر ايندا. دانشوريءَ جي تڙڪو ڏيڻ لاءِ گيسٽ چارليءَ کي ڄاڻائي ٿو ته جيڪڏهن ڪانگريس افغانستان لاءِ معاشي امداد منظور نه ڪئي ته مستقبل ۾ تمام گهڻن مسئلن کي منهن ڏيڻو پوندو. اِتي فلم ۾ آئيندي جو نقشو پيش ڪندي ڄاڻايو ويو آهي ته افغانستان ۾ نظم ۽ ضابطي جي ڦيٽاري جي صورت ۾ طالبان جو اڀارٿي سگهي ٿو.

جرمني ڄائي هدائتڪار مائيڪ نڪولس، جيڪو 1967 ۾ هڪ انتهائي گرما گرم ۽ يادگار فلم "گريجويٽ" پيش ڪري چڪو هو، 1980 واري ڏهاڪي جي افغان جنگ جي ڳجهين چالبازين ڏانهن اسانجو ڌيان ڇڪرائڻ جي ڀلوڙ ڪوشش ڪئي آهي پر آسڪر ايوارڊ حاصل ڪندڙ يعني هينڪس، رابرٽس ۽ هافمين فلم جي غير معمولي سهل پسند بيانيي جو ازالو نه ڪري سگهيا آهن جيڪو اسانکي اِها خاطري ڪرائڻ ٿو چاهي ته صدر ريگن ۽ جنرل ضيا (اوم پوري) پنهنجي سموري سي آءِ اي ۽ آءِ ايس آءِ ادارن سوڌو اهو ڪردار ادا نه ڪري سگهيا جهڙو فلم جي مرڪزي ڪردارن ادا ڪيو آهي.

راڻي ۽ جوڪر سان تاش جي راند ۾ پنهنجي مخالف کي ناهوڪي شڪست ڏئي سگهجي ٿي پر حقيقي زندگيءَ ۾ دنيا جي ٻن وڏين طاقتن وچ ۾ لڙائيءَ ۾ ان کان گهڻو ڪجهه وڌيڪ هجي ٿو. واري حقيقت چارلي ولسن جي جنگ ۾ چڱي ريت بيان ڪئي وئي آهي. فلم جي ليکڪ ايرڪ سورڪن جتي ڪٿي برجستا جملا ۽ تمام گهڻي مزاح جا رنگ ڀريا آهن پر لفظن جي ادائيگيءَ ۾ جهول فلم کي نقصان رسايو آهي نه ته اِها تمام گهڻي دلچسپ ثابت ٿئي ها. ڪانگريس جي ميمبر جو ڪردار داغدار ڏيکاريو ويو آهي ۽ سي آءِ اي ڪارندن سان سندس تال ميل فلم کي مزاحيا رنگ ڏئي ڀئي سگهيو پر فلم طنز جي انهيءَ سطح تي ورلي ئي پهچي سگهي آهي جنهن جي ڪنهن سٺي فلم مان سڌ رکي سگهجي ٿي.

خوشقسمتيءَ سان هيءَ فلم گهڻو بي مزو به نٿي ڪري. هيءَ فلم جارج ڪرائل جي 2003 ۾ وڏي ڳاٽيٽي ۾ وڪرو ٿيندڙ ڪتاب جي پيجانوي منٽن ۾ تلخيص ڪرڻ ۾ ڪامياب رهي آهي. فلم جو اسڪرپٽ مزاحيا آهي جنهن ۾ ٽيڪساس جي هڪ گهٽ ڄاتل سڃاتل ڪانگريس ميمبر ۽ هڪ



عياش شخص جي زندگيءَ جي وهنوار ۾ تضادن تي روشني وڌي وئي آهي. فلم جا دلچسپ ترين ڏيک اُهي آهن جن ۾ اِهو عياش امريڪي سياستدان بناوٽي پارسا جنرل ضيا سان ملندو ٿو رهي، جيڪو اسلام آباد جي ايوان صدر ۾ ڪيس وهسڪي پيش ڪرڻ کان نابري ٿو واري. ويچارو ڪانگريسي ميمبر شربت تي گذارو ٿو ڪري ۽ پنهنجي ميزبان جي مذهبي زندگيءَ کان تنگ ايندي ملاقات ڪرڻ بدران ضيا حڪومت کي موتمار اسٽينگر ميزائل فراهم ڪرڻ جو بندوبست ٿو ڪري جيڪي نالي ڪٺي افغان مجاهدن تائين پهچي ٿا وڃن.

جاسوسن جي پُل ذڪر هيٺ چارلي ولسن جي جنگ کان گهڻو بهتر فلم آهي جيتوڻيڪ هينڪس ٻنهي فلمن ۾ مرڪزي ڪردار ڪيو آهي. شايد انهن ٻنهي ۾ فرق جو سبب اسٽيون اسپيل برگ آهي. انهن فلمن جي درجي بندي هڪٻئي کان مختلف آهي پر ان هوندي به ٻئي ڏسڻ جوڳيون آهن. پهرين فلم ڪنهن مخصوص دور جي ڊرامي جي حقيقي تصوير ڪشي ٿي ڪري جڏهن ته ٻئي اهو ادراڪ ماڻڻ لاءِ ڏسي سگهجي ٿي ته جنرل ضيا عياش سياستدانن سان انهيءَ ڪري بهتر ناتا رکندو هو جو هو سندس مقصدن ۽ مفادن جو پورائو ڪري ٿئي سگهيا.

# باڪسر سلور اسڪرين تي

ڏندين آڱريون وجهندڙ مقابلو تہ ڪنساشا ۾ ٿي رهيو هو پر روڊ رستا ڪراچيءَ جا ويران هئا. اِهو راندين جو انوکو ۽ اهم واقعو هو جيڪو ويهہ آڪٽوبر 1974 تي پاڪستان ٽيليويزن تان سڌو سنئون ڏيکاريو پئي ويو اُن وقت ڪجهہ ئي گهراڻن وٽ ٽيليويزن هوندو هو ۽ انهن جا مالڪ پنهنجا ٽيليويزن گهر کان ٻاهر ڪڍي آيا هئا تہ جيئن اوڙو پاڙو بہ ورلڊ هيوي ويٽ چيمپيئن جارج فورمين ۽ ڪيس للڪاريندڙ محمد عليءَ وچ ۾ ٿيندڙ اِهو مقابلو ڏسي سگهي. محمد عليءَ کي سچي دنيا جا هيرو پرست مسلمان اسلام جو چيمپيئن پائيندا هئا.

انهيءَ يادگار مقابلي ۾ فورمين کي هارائي محمد عليءَ پنهنجو عالمي چيمپيئن وارو اعزاز ٻيهر حاصل ڪري ورتو جيڪو ڪانئس اوڏي مهل کسيو ويو هو جڏهن هُن 1967 ۾ امريڪي فوج ۾ خدمتون سر انجام ڏيڻ ۽ ويٽنام وڃڻ کان نابري واري هئي. 1974 کان 1980 تائين محمد عليءَ جا انيڪ مقابلا پاڪستان ٽيليويزن تان سڌو سنئون ڏيکاريا ويا. ٽي ويءَ جي پڙدي تي سندس موجودگي سدائين متاثر ڪندڙ هوندي هئي، سندس پيرن ۾ ڳچيءَ جي شاندار لوڏ ڪيس ڪنهن ويڙهو



بدران نرتڪ ڀٽائي ڇڏيو هو. ڏسندڙن کي سندس اعتماد پسند هو تہ ڀڏندڙن کي سندس حرڪتون مزو ڏينديون هيون. مونکي ڪو اهڙو ٻيو باڪسر نٿو سُجهي جيڪو سندس دلڪشيءَ جي ويجهو بہ رسي سگهيو هجي.

ڏسندڙن جي نئين نسل لاءِ محمد عليءَ کي مائيڪل مان جي 2001 ۾ ٺاهيل فلم ابديت ڏني وئي آهي. مائيڪل مان پنهنجي رزميا فلم "پڇاڙڪا موهيڪن" (1992) جي حوالي سان چاتو سڃاتو ويندو آهي. باڪسرن بابت فرضي ۽ حقيقي ٻنهي نوعيت جون بيون فلمون پڻ ٺهي چڪيون آهن، مثال جي طور تي راڪي، ريجنگ بل (1980)، سنڊريلامين (2005)، ملين ڊالر بيبي (2004) ۽ هيري ڪام (2014) پر محمد عليءَ تي 2001 ۾ ٺهيل فلم مٿيري آهي، انجو سبب نہ رڳو ول اسمٿ جي غير معمولي اداڪاري آهي پر خود محمد عليءَ جي پرڪشش شخصيت پڻ آهي.

ريجنگ بُل جي جيڪ لاموٽا (رابرٽ ڊي نيرو) ۽ سنڊريلامين جي جيمس بريڊوڪ ((رسل ڪرو)جا ڪردار پڻ اثرائتي انداز ۾ نڀايا ويا آهن پر ڪين محمد عليءَ جهڙو زوردار ڪردار ڪرڻ جو موقعو نہ مليو آهي.

سينڊريلامين (2005) جو هدائتڪار رون هو ورڊ هو جنهن 2001 ۾ اُن وقت رسل ڪرو سان گڏ "هڪ خوبصورت ذهن" نالي فلم پيش ڪئي هئي جڏهن فلم "علي" پڻ سينيما جي پڙدي تي آيل هئي. اِها ڳالهہ دلچسپ آهي تہ ول اسمٿ ۽ رسل ڪرو ٻنهي کي آسڪر ايوارڊ لاءِ نامزد ڪيو ويو پر سندن بدران بهترين اداڪار لاءِ اِهو ايوارڊ "تربيت جو ڏيهاڙو" جي ڊينزل واشنگٽن جي حصي ۾ آيو. سنڊريلامين ۾ عالمي هيوي ويٽ چيمپيئن بريڊوڪ کي امريڪي معاشي لاٽ واري دور ۾ ڏيکاريو ويو آهي جڏهن عالمي حيثيت واري باڪسر کي امدادي رقم حاصل ڪرڻ لاءِ قطار ۾ ٿو بيهڻو پوي. باڪسر بريڊوڪ کي هڪ خوددار شخص طور ڏيکاريو ويو آهي جيڪو پنهنجي ٻارن کي پنهنجي ساهرن نٿو اُماڻڻ چاهي، ڀل هو سندس خرچ پڪو نہ پيو ڪري سگهي پر اِهو ساڳيو شخص پنهنجي اڳوڻن سيٺن کي پئسن ڏوڪڙن لاءِ منٿ ميڙ ڪرڻ ۾ ڪو عار نٿو محسوس ڪري.

ساڳي ريت ريجنگ بُل ۾ رابرٽ ڊي نيرو پڻ جيڪ لاموٽا جو ڪردار شاندار طور نڀايو آهي پر هو باڪسر جي ذاتي اوگڻن کي مڪمل طور تي ڇنڊڻ

۾ ناڪام رهيو آهي جيڪو هڪ غلط ڪار ۽ عادي ڏوهاري آهي. هو انتهائي بيشرميءَ سان شراب ٿو پيئي ۽ بنان ڪنهن هٻڪ جي عورتن کي مارڪٽ ٿو ڪري ۽ پنهنجو پاڻ کي ساڙڻ جو ماحول ٿو پئدا ڪري. جيڪ هڪ ناڪام شخص آهي، جيتوڻيڪ هو پنجانوي ورهين جي ڄمار ۾ اڄ به جيئرو آهي پر جيڪڏهن مارٽن اسڪارسيزي سنڌس بابت فلم نه ناهي ها ته اڄ ڪنهن کي ياد نه هجي ها.

ريجنگ بُل ۽ سنڊريلامين جي پيٽ ۾ فلم "علي" وڏيڪ وسيع سياسي، نسلي ۽ مذهبي تناظر تي پيش ڪري جنهن سان نه رڳو امريڪي معاشري ۾ پر افريڪا تائين ۾ عام رسمن رواجن کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ٿي ملي. اولمپڪ راندين ۾ سونو ٻلو کٽڻ جي باوجود محمد عليءَ کي نسلي مت ڀيد تي سهڻي پوي، جنهن سبب ڪاري چمڙيءَ وارن امريڪين جي ابتر حالت تي سنڌس مايوسيءَ ۾ اڃائين وڌيڪ اضافو ٿو ٿئي. ڪاري ڪاري چمڙيءَ وارا امريڪي بالادست اڇي چمڙيءَ وارن اينگلو سيڪسن پروٽسٽنٽ واري تلغ بيانيي جو اورچائپ سان متبادل ڦلهوري رهيا هئا. محمد عليءَ جي زندگيءَ تي ڏيان ڏريندي فلم سنڌس زندگيءَ جي اهم شخصيتن جهڙوڪ نيشن آف اسلام جي اڳواڻ عاليجاه محمد ۽ ميلڪم ايڪس کي پڻ نظر انداز نٿي ڪري.

مائيڪل مان نيشن آف اسلام تنظيم اندر اقتدار جي اندروني ڇڪتاڻ کي انتهائي هنرمنديءَ سان ٿو پيش ڪري. عاليجاه محمد طرفان پنهنجن انهن پيروڪارن کي، جنکي هو پنهنجي بالادستيءَ لاءِ خطرو ٿو ڀانئي، هرهر معطل ڪرڻ واري ڪاروائي اڃرج ۾ ٿي وجهي. ميلڪم ايڪس جي قتل واري ڏيک ۾ مائيڪل مان عاليجاه محمد جي اصل مقصدن تي سوال ٿو اُٿاري جيڪو مسلمان هئڻ جو دعويدار ته آهي پر هڪ اهڙي فرقي جو اڳواڻ بڻيل آهي جيڪو مذهبي، صوفيائي ۽ ايستائين جو بناوٽي سائنسي اعتقادن جو هڪ نئون گاڏڙ آهي.

فلم ۾ محمد عليءَ ڏانهن امريڪي اسٽيبلشمنٽ جي ڌڪار تي به روشني وڌي وئي آهي جيڪا نه رڳو انهيءَ ڪري آهي جو هو ڪاري چمڙيءَ وارو آهي پر انهيءَ ڪري به جو هُن اسلام قبولي ورتو هو ۽ حضرت عيسيٰ



ڪي پنهنجو نجات ڏياريندڙ ليکڻ کان انڪاري آهي. جڏهن ڪيس جيل ۾ واڙڻ جي ڌمڪي ڏني وئي ته هُن پنهنجو پاڻ کي اڳيئي چار سئو سالن کان قيدي چاتايو. جيستائين فلم جو تعلق آهي ته هدائتڪار ويٽنام نه وڃڻ جي حوالي سان محمد عليءَ جي بهترين مڪالمن جي چونڊ ڪئي آهي. سنڌس چوڻ هو ته ويٽ ڪانگ ڪيس ڪو به هاڃو نه رسايو آهي سو سنڌس من ۾ هنن لاءِ ڪاڏ ڪار ناهي انڪري هو هزارين ميل پري وڃي ويڙهه ڇوڪري ۽ ڇو نه امريڪا ۾ ڪيس ايذاءُ رسائيندڙن خلاف ويڙهه جوٽي ؟

فلم ۾ ان ڳالهه جو به خيال رکيو ويو آهي ته محمد عليءَ کي فرشتي صفت يا اخلاقي راستبازيءَ لاءِ مثالي نمونو بڻائي پيش نه ڪيو وڃي. ڪيس عورتن ڏانهن رغبت وارو سياءُ رکندڙ طور ڏيکاريو ويو آهي ۽ هو ڪاوڙجي به اوڏي مهل ٿو جڏهن سنڌس گهر واريون ناهوڪا ڪپڙا نٿيون پهرين. سنڌس نظرون سهڻين ڇوڪرين جي ڳولا ۾ ڀٽڪنديون ٿيون رهن ۽ ان ڏس ۾ هو ڪڏهن به ناڪام نٿو ٿئي. جيئن ته فلم ۾ سنڌس زندگيءَ جي فقط ڏهن ورهين يعني 1964 کان 1974 جو احاطو ڪيو ويو آهي تنهنڪري پنهنجي ٻارن سان سنڌس ناتن کي مناسب ريت پيش نه ڪيو ويو آهي، ايستائين جو سنڌس زال پڻ اوڏي مهل سنڌس ساٿ ڏيڻ کان بابري ٿي واري جڏهن هو فورمين خلاف پنهنجي زندگيءَ جو اهم ترين مقابلو ڪرڻ وارو هو. محمد عليءَ هجوم مان هڪ ٻئي ڇوڪريءَ جي چونڊ ڪرڻ ۾ ويرم ئي نه لڳائي ۽ پنهنجي زال ۽ ٻارن کي ذري گهٽ وساري ويٺو.

فلم پنهنجي آخري ويهن منٽن ۾ اُن وقت عروج واري نقطي تي ٿي پهچي جڏهن ڪانگو جو آمر موبوتو مٿي ذڪر ڪيل مقابلي لاءِ سڄي دنيا جا اڪابر پنهنجي راڄڌاني ڪنساشا ۾ ٿو گڏ ڪري. ورلڊ چيمپيئن جو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ هدائتڪار هڪ حقيقي باڪسر جي چونڊ ٿو ڪري جيڪو حيرت انگيز طور تي فورمين جي منهن مهانڊي جهڙو آهي. مقابلي جا شروعاتي رائونڊ محمد عليءَ جي مداحن لاءِ مايوسيءَ ڀريا هئا ڇاڪاڻ جو هو رسين جي سهاري تي ئي بيٺو رهيو ۽ چيمپيئن ڪيس ڪُٽيندو رهيو. پنهنجي حڪمت عمليءَ جي ماهراڻي عمل ڪانپوءِ فورمين کي ايترو ٿڪائڻ ڪانپوءِ جو هو ڇرڻ ڦرڻ کان به قاصر ٿو ٿئي، اوڏي مهل محمد علي مٿس جوابي اُلر ٿو ڪري ۽

ائين رائونڊ ۾ ڪيس ڪجهه زورائتا ٺونشا هڻي ناڪ آئوٽ ٿو ڪري وجهي.

فلم جي ڪامياب پڄاڻيءَ تي محمد عليءَ تي فخر محسوس ٿئي ٿو، نه رڳو انڪري جو هو ڪاري چمڙيءَ وارو ۽ مسلمان هو پر انڪري به ته هو هڪ زنده دل شخصيت رکندڙ عظيم رانديگر هو جيڪو اڻبرابريءَ خلاف سينو سپر ٿيو ۽ اسٽيبلشمنٽ جي دٻاءُ آڏو جهڪڻ کان نابري واري غير اهم ۽ ڪمزور انسانن لاءِ هڪ مثال قائم ڪري ويو.



# سرڪشيءَ جو حوصلو

هاليووڊ هجي يا باليووڊ يا اجائين دنيا جي ڪنهن ٻئي ملڪ جي فلمي صنعت، ورلي ئي ڪا اهڙي فلم نظر ٿي اچي جنهن ۾ ڪنهن سگهاري ۽ بهادر عورت جو ڪردار نمايان ڪري پيش ڪيو ويو هجي. ايترو ضرور آهي جو اهڙيون ڪيتريون ئي اهم فلمون موجود آهن جن ۾ داستاني يا تاريخي طور تي عورتن جي ڪردار کي مرڪزي حيثيت ڏني وئي آهي. انهن فلمن ۾ نظر ايندڙ عورتن جو وڏو تعداد سماجي قدرن خلاف جدوجهد ٿو ڪري يا وري جسماني ۽ ذهني تشدد جو نشانو ٿو بڻجي. انهن فلمن مان ايڪڙ ٻيڪڙ ۾ ئي عورتن کي پنهنجي جدوجهد ۾ ڪامياب ٿيندي ڏيکاريو ويو آهي، جڏهن ته باقي نه رڳو سماج پر پنهنجي پيارن جي به انتهائي دٻاءُ آڏو هٿيار ڦٽا ڪندي ڏيکاريون ويون آهن. ڏيکاريو ويو آهي. ٿيون ڪن.

هن مضمون ۾ اينا ڪرينا، مادام بواري يا راڻي ايلزبيٿ جي ذڪر کان پاسو ڪيو ويو آهي. هيءُ اُهي ڪردار آهن جن تي تمام گهڻيون فلمون ٺاهيون ويون آهن ۽ انهن تي ڳالهائڻ جڻ ته معمول واري ڳالهه ٿيندي.

چليءَ چاول فلم ڊائريڪٽر الي هاندروايمنبار جي تاريخي ڊرامي اگورا جي وڏي پئماني تي پذيرائي ٿي آهي جنهن ۾ مذهبي فاشزم ۽ عورت

بيزاريءَ کي مرڪزي نڪتو بڻايو ويو آهي. هائپيشيا انهيءَ فلم جو مرڪزي ڪردار آهي جنهن کي دنيا جي پهرين عورت رياضي دان، فلڪيات جي ماهر ۽ فلسفي ليکيو ٿو وڃي، جنهن بابت تاريخي ريڪارڊ پڻ موجود آهي. پنجين صدي عيسويءَ ۾ هوءَ مصر جي شهر اسڪندريا ۾ افلاطوني اسڪول جي سربراهه هئي. مصر ان زماني ۾ اوڀر يورپ سلطنت جو حصو هو. راڪيل ويلز انتهائي متاثر ڪندڙ انداز ۾ هائپيشيا جو ڪردار ادا ڪيو آهي جيڪا سائنسدان هئڻ سبب اڀياس، تحقيق ۽ سيکارڻ سان جنون جو عشق ٿي ڪري. هوءَ آسماني ۽ زميني وجودن بابت اڀياس ڪرڻ ۽ بطليموس جي اپگرهن جي حرڪت واري نموني تي بحث مان مزو ٿي ماڻي. هوءَ ان وقت اسڪندريا جي لائبريريءَ ۾ سائنسي سوالن تي بحث مباحثو ٿي ڪري، جڏهن اهو شهر انهن تعصب ڀريل پرتشدد عيسائين طرفان فتح ٿيڻ جي ويجهو هو جنکي تازو ئي اختيار مليو هو.

هائپيشيا نه ته خدا جي وجود جي انڪاري آهي ۽ نه ئي وري عيسائين جي خدا جي مڃي ٿي. هوءَ تشڪيڪ پسند آهي جيڪا هر شئي تي سوال ٿي اٿاري. عيسائين جي هجوم طرفان لائبريريءَ جو محاصرو ڪرڻ مهل هائپيشيا لائبريريءَ اندر موجود هجي ٿي. جيئن ته رومن ڳاڻيٽي جي لحاظ کان گهٽ آهن تنهنڪري حاڪم اعلان ٿو ڪري ته عيسائين کي لائبريريءَ ۾ داخل ٿيڻ ۽ اُتي سڀڪجهه ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي. هائپيشيا عيسائين طرفان لائبريريءَ تي قبضي ۽ انکي تباهه ڪرڻ کان اڳ انتهائي اهم ڪتاب ۽ مسودا بچائڻ جي ڪوشش ٿي ڪري جڏهن ته رومي سپاهي خاموشيءَ سان بيهي لائبريريءَ جي تباهي ڏسندا ٿا رهن. ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي ان ريت ٿي ٿئي جو هجوم هائپيشيا کي قتل ٿو ڪري ۽ ان ريت مذهبي وحشي پڻي ۽ تنگ نظر عقيدي هٿان ڏاهپ جي هڪ دور جي پڇاڙي ٿي ٿئي.

هندستان جي تاريخ ۾ رضيا سلطانا هڪ انتهائي اهم ۽ دلچسپ مسلمان عورت ليکي ٿي وڃي. اڄ کان ست سئو سال اڳ يعني تيرهين صديءَ ۾ اِهو تصور ڪرڻ به ناممڪن هو ته هندستان جهڙي وشال ملڪ تي ڪا عورت حڪمراني ڪري سگهي ٿي ۽ ان دوران اِهو پڻ ثابت ڪري ته هوءَ پنهنجي ويري مردن کان ڪنهن به ريت گهٽ ناهي. مشهور فلمساز ۽



هدائتڪار ڪمال امروهيءَ (1918 کان 1993) جڏهن رضيا سلطانا تي فلم ٺاهڻ جو ارادو ڪيو ته کيس انهيءَ ڳالهه جو قطعي اندازو نه هو ته انهيءَ رٿا جي مڪمل ٿيڻ ۾ هڪ ڏهاڪي کان وڌيڪ عرصو لڳي ويندو. ڪمال امروهي پنهنجي فلم پاڪيزه (1972) جي ڪاميابيءَ تي ڦونڊيل هو. هُن پنهنجي نئين فلم ۾ رضيا سلطانا جو هرڪائيندڙ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ هندستاني سينيما جي ڊريم گرل هيما مالنيءَ جي چونڊ ڪئي ۽ هيما انهيءَ ڪردار ۾ شاندار اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا.

انهيءَ فلم ۾ هيما مالنيءَ سرڪشي ۽ مقابلي ڪرڻ واري اُن جذبي کي پنهنجي اندر ۾ اوتي ڇڏيو آهي جيڪو رضيا سلطانا جي شخصيت جي سڃاڻپ هو. هوءَ پنهنجي اڳوڻي غلام ۽ هاڻ جنرل جي عهدي تي فائز ياقوت (ڌرميندر) جي مدد سان پنهنجي ويرين کي چٽي ٿي ڇڏي. جيتوڻيڪ تاريخ ۾ رضيا سلطانا ۽ سندس اڳوڻي افريڪي نسل واري غلام جي عشق جو داستان تڪراري آهي پر فلم ۾ ان پاسي کي انتهائي مهارت ۽ سندرتا سان پيش ڪيو ويو آهي. انهيءَ فلم ۾ لتا منگيشڪر جا ڳاتل به لازوال گانا "اي دلِ نادان" ۽ "جلتا هي بدن" ڪير ٿو وساري سگهي.

رضيا سلطانا کي انهيءَ فلم ۾ هڪ اهڙي سيڪولر حاڪم طور پيش ڪيو ويو آهي جنهن کي ذات پات ۽ عقيدي کان مٿڀرو ٿي پنهنجي ديس واسين جي بهتري ۽ خوشحاليءَ جو اُڻو آهي. هوءَ پنهنجي رعيت ۾ هم آهنگي ۽ ايڪتا وارو جذبو ٿي پيدا ڪري. انهيءَ فلم ۾ هيما مالني پنهنجي همعصرن جي ڀيٽ ۾ انتهائي وڏي ۽ اعليٰ شخصيت جي روپ ۾ نظر ٿي اچي. ڏاکڻين هندستان جي ڇوڪريءَ لاءِ اترئين هندستان جي راڻيءَ جو ڪردار ادا ڪرڻ ۽ اڙدو ۾ اهڙا مڪالما ادا ڪرڻ پڪ سان ڏکيو هوندو جن ۾ اجوڪي اڙدو جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻا عربي ۽ فارسي لفظ استعمال ڪيا ويا هئا.

هيءَ فلم ڪاروباري لحاظ کان ڪامياب نه ٿي. باڪس آفيس تي فلم جي ناڪاميءَ جو سبب شايد ان جو سست رفتاريءَ سان اڳتي وڌڻ ۽ ڏکيا مڪالما هو. بهرحال، اِها هندستاني سينيما جي هڪ شاهڪار فلم ليکي ٿي وڃي.

جون آف آرڪ جو جنون يورپ ۾ ناهيل آخري خاموش فلمن مان هڪ آهي جنهن ڪانپوءِ ڳالهائيندڙ فلمن جو دور شروع ٿي ويو. جون آف آرڪ پندرهين صدي عيسويءَ جي فرانس جي هڪ تاريخي شخصيت هئي جيڪا سئو سالن واري لڙائيءَ ۾ انگريزن جي حاڪميت خلاف سينو سپر هئي.

جون انهن فرانسيسين ڪي منظم ۽ متحرڪ ڪيو جيڪي حملي آورن خلاف تيزيءَ سان حوصلو وڃائي رهيا هئا. ڪيس الحاد، بدعت ۽ عورتن لاءِ غير مروج پوشاڪ پائڻ جي الزام هيٺ ٿنيپ سان ٻڌي اُن وقت ساڙيو ويو جڏهن سندس چمار فقط اوڻويهه ورهيه هئي. هُن دشمن فوجن خلاف پنهنجي قوم ۾ حوصلو پيدا ڪرڻ لاءِ مذهب جو استعمال ڪيو ۽ اعلان ڪيو ته هوءَ فرشتن جي حڪم تي فرانس ڪي ويرين کان بچائڻ جي ويڙهه ۾ رڌل آهي.

فلمسازيءَ جي تاريخ ۾ جون آف آرڪ هڪ سنگ ميل واري حيثيت رکي ٿي. اِها فلم فلمسازيءَ جي نصاب ۾ تربيتي مواد طور استعمال ٿئي ٿي.

ريني جيني فالڪونيٽيءَ انهيءَ فلم ڪانپوءِ ڪنهن ٻئي فلم ۾ اداڪاريءَ جا جوهر نه ڏيکاريا پر ان سڄي فلم دوران پنهنجي اداس چهري سبب هوءَ ڪنهن مورتيءَ جيان ٿي پائنجي. فلم ۾ سندس ۽ ڪيس اذيتون ڏيندڙن جي چهرن جا ڪلوزاپ شاٽس واقعن ڪي اثرائتي انداز ۾ ڏيکارڻ لاءِ وڌا ويا آهن، جنهن سندس اداڪاريءَ ڪي اَمُلهه بڻائي ڇڏيو آهي. وچٿين دور جي يورپي تاريخ ۾ دلچسپي رکندڙن يا فلم جي فن جي شاگردن ۽ 1920 واري ڏهاڪي جي سينيما جي فني پاسن تي نظر رکندڙن ڪي هيءَ فلم ضرور ڏسڻ گُهرجي.

جن ۾ "بورجوازيءَ جي پُنڪائيندڙ هرڪ" (لوئي بو نويل، 1972) ۽ "افريڪا کان ٻاهر" (سڊني پولاڪ، 1985) فلمون ڏنيون آهن، تن جي ذهنن ۾ اسٽيفني اودران ۽ ڪيرن بيلڪسن جا نالا ضرور موجود هوندا. اسٽيفني اوردران هڪ فرانسيسي اداڪارا آهي جنهن لوئي بو نويل جي مشهور فلم ۾ ڪردار ادا ڪيو هو جڏهن ته ڪيرن بيلڪسن ڊينمارڪ جي ليکڪا آهي جنهن افريڪا کان ٻاهر ۽ بابيٽيءَ جي مزماني ڪهاڻيون لکيون هيون.

بابيٽيءَ جي مزماني هڪ فرانسيسي راڌائو بابيٽ جي ڪهاڻي آهي جيڪا لاڳيتو جنگين ۽ انقلابن کان بچڻ واسطي اوڻهويهين صديءَ جي



فرانس ۾ آسائش ڀري زندگي ڇڏي ڊينمارڪ جي هڪ ڳوٺڙي ۾ ٻن ڀينرن جي نوڪريائيءَ طور پناهه تي حاصل ڪري. بابيٽ ويڙهو آهي نه ڪي فلسفي. هوءَ هڪ اهڙي عورت آهي جيڪا ڳوٺ واسين ۾ سرهائي ورهائڻ واسطي لاٽريءَ ۾ ڪٽيل پنهنجي سموري رقم خرچ ڪرڻ جو غير متوقع فيصلو ٿي ڪري. يورپ جي علائقائي فرق کان واقف ڏسندڙ پروٽسنٽ جي سادي ۽ ڪيٿولڪ اشرافيا جي شاهاڻي زندگيءَ ۾ تضاد چڱي ريت پروڙي سگهن ٿا.

1852 ۾ برطانوي راڄ خلاف سورهيائپ سان وڙهندي پنهنجي زندگي ارپڻ مهل جهانسيءَ جي راڻي لڪشمي ٻائيءَ جي چمار فقط ٽيهه ورهيه هئي. سهراب موديءَ (1897 کان 1984 ۽ سندس نريندر موديءَ سان ڪو سنگ سياپو ناهي) انهيءَ تاريخي داستان ۾ لڪشمي ٻائيءَ جي ڪردار لاءِ پنهنجي گهرواري مهتاب کي چونڊيو. سهراب موديءَ جو تعلق مينروا مودي ٽون سان هو ۽ هو هندستاني ناٽڪ جو اُستاد هو. هُن ٽي شاهڪار فلمون تخليق ڪيون، جن ۾ پڪار (1939)، سڪندر (1941) ۽ پرٿوي ولڀ (1943) شامل آهن. جهانسيءَ جي راڻي ناهڻ مهل هن هڪ قدم اڳتي وڌائيندي هاليووڊ جي مهارت مان لاڀ پرايو ۽ پهرين هندستاني ٽيڪني ڪلر فلم تيار ڪيائين.

رضيا سلطانا ۽ جون آف آرڪ وانگر جهانسيءَ جي راڻي پڻ برطانوي فوج جي شديد مزاحمت ڪري همت جي هڪ علامت ۽ جنگ آزادي (1857-58) جي هڪ اهم شخصيت بڻجي وئي. مهتاب جهانسي جي راڻيءَ جي روپ ۾ غير معمولي اداڪاريءَ جو مظاهرو ڪيو ۽ اِهو ثابت ڪيو ته سندس مڙس مٿس جيڪو اعتماد ڪيو هو سو هروڀرو غلط به نه هو.

سهراب موديءَ جو هاڃو اِهو هو ته سندس فلم شاندار معيار واري پيشڪش هوندي به مالي تباهيءَ جو شڪار بڻي. جيڪڏهن اوهان به اسان سيني وانگر پاڪستان جي نصابي ڪتابن ۾ پڙهيو آهي ته رڳو مسلم ليگ ئي آزاديءَ لاءِ پتوڙيو هو يا جيڪڏهن اوهان جي هندستاني تاريخ جي نظرانداز ڪيل باب کي اُٿلائڻ ۾ ڪا دلچسپي آهي يا اوهين مهتاب يا سهراب موديءَ جا پرستار آهيو ته اِها فلم ڏسڻ اوهان لاءِ سرهائي ڀريو تجربو هوندو.

# واچوڙن سان ٽڪرائجندڙ عورتون

هن مضمون جي پوئين حصي ۾ فلمن سان لاڳاپيل جن ڪردار جو ذڪر ڪيو ويو آهي تن جو تعلق ويهين صديءَ کان اڳ هو، جن ۾ هائپيشيا، رضيا سلطانا ۽ جون آف آرڪ نالي فلمن ۾ ڪم ڪندڙ اداڪارائن جي ڳالهه ڪئي آهي. مضمون جي هن آخري ۽ پڇاڙيءَ واري ڀاڱي ۾ مختصر طور تي ڇهن ڪردارن کي متعارف ٿا ڪرايون، جن جو ٻن ٻن هندستاني، ايراني ۽ اطالوي فلمن سان تعلق آهي. شروعات اطالوي فلم ڊائريڪٽر وٽروريو ديسيڪا جي 1960 ۾ رليز ٿيل شاهڪار فلم لاسيو سيارا (ٻه عورتون) سان ٿا ڪريون جيڪا ناميار ي ليکڪ البرٽ موراويا جي ناول تي ٺاهي وئي هئي. انهيءَ فلم ۾ صوفيا لارين غير معمولي اداڪاريءَ جو مظاهرو ڪيو آهي، جنهن ڪري هوءَ پهرين اداڪارا هئي جنهن کي پرڏيهي ٻوليءَ ۾ ٺهيل ڪنهن فلم لاءِ اڪيڊمي/آسڪر ايوارڊ ڏنو ويو. هيءَ فلم ٻين مهاڀار لڙائي جي آخري مهينن ۾ فلمبند ڪئي وئي. انجي ڪهاڻي هڪ ماءُ ۽ سندس ڌيءَ جي چوڌاري ڦري ٿي، جنهن جي شروعات پنهنجي اباڻي شهر ڏانهن سفر کان ٿي ٿئي جنهن دوران هنن ٻنهي جي ناتن ۾ اوڏي مهل تبديليءَ ٿي اچي جڏهن هڪ اُجڙيل چرچ ۾ ڪجهه فوجي کين انتهائي ظالماڻي انداز ۾ پنهنجي حملي جو نشانو ٿا بڻائين.



هن فلم ۾ هڪ وڏوا عورت جو ڪردار آهي جيڪا پنهنجي ڪچڙي ڄمار واري ڌيءَ سان انتهائي پيار ٿي ڪري پر اوڏي مهل انتهائي ڏکيائي جو شڪار ٿي بڻجي جڏهن مشيل نالي هڪ نوجوان (جنهن جو ڪردار جال پال بلموندي ڪيو آهي) سندس آڏو پنهنجي پيار جو اعتراف ٿو ڪري. وڏوا جي ڌيءَ پڻ انهيءَ نوجوان ۾ دلچسپي ٿي وٺي. هيءُ اُهو وقت آهي جڏهن اتحادي فوجون اٽليءَ پرسان پهچڻ واريون آهن ۽ سندن طرفان بمباريءَ ۾ تيزي آيل آهي. ڊنل جرمن سپاهين مشيل کي مجبور ڪيو ته هو کين اُتان نڪرڻ جو جبلن وچان لنگهندڙ رستو ڄاڻائي. وڏوا عورت پنهنجي ڌيءَ سوڌو پنهنجي ڳوٺان نڪري روم شهر ڏانهن وڃڻ جو فيصلو ٿي ڪري. انهيءَ مسافريءَ دوران بمباريءَ وگهي تباهه ٿيل هڪ چرچ ۾ پناهه وٺندي، مضبوط اعصابن جي مالڪ هوندي به هوءَ پنهنجي ڌيءَ کي اتحادي فوجين جي ڏاڍاين کان بچائڻ ۾ ناڪام ٿي ٿئي.

هن فلم ۾ موراويا ۽ ڊي سيڪا انهيءَ دور جي بالادست بيانيي ۾ هڪ همت ڀري تبديلي آندي جنهن ۾ رڳو جرمن سپاهين کي ئي ولين طور ڏيکاريو ٿي ويو. هنن فلم "ٻه عورتون" ۾ انتهائي ڪاميابيءَ سان اِها حقيقت واضح ڪئي آهي ته جنگ جا ڀيانڪ وار عام ماڻهن کي ڪنهن به ڌر جي لشڪر جو نشانو بڻائي سگهن ٿا.

اٽليءَ ۾ ٻين مهاڀاري لڙائي بابت هڪ ٻئي عظيم الشان فلم ٺاهي وئي جنهن ۾ هڪ يادگار عورت جو ڪردار هو. فلم جو نالو ملينا (2000) هو جنهن ۾ اداڪارا مونيڪا بيلوسيءَ ڪم ڪيو هو. جنگ جي شروعاتي سالن ۾ ٺاهيل ان فلم جي ڪهاڻي هڪ سهڻي نوجوان عورت مونيڪا جي چوڌاري ڦري ٿي جيڪا وهان ڪانپوءِ پنهنجي مڙس جي گهر ٿي ٽانيڪو ٿئي، سندس مڙس وهان کان ترت پوءِ لڙائي تي ٿو روانو ٿئي ۽ ملينا پنهنجي غربت ۽ سونهن سان شهر جي عياش، بدڪار مردن ۽ حاسد عورتن جي رحم ڪرم تي زندگي گهارڻ تي مجبور ٿي ٿئي.

پنهنجي شاندار ۽ پرشڪوه شراڪت سان، ملينا پنهنجي صدمي ۽ هاڃي جي هڪ رازدان فضا ٿي تخليق ڪري، سڄي فلم ۾ سندس پيڙا جو اظهار نٿو ٿئي. سندس نيڻ ڏکويل آهن ۽ سندس داستان ڪچڙي ڄمار وارو

هڪ نوجوان ڇوڪرو ٿو بيان ڪري جيڪو سندس سونهن تي فدا آهي. هوءَ پنهنجي سر ئي ماڻهن جا عذاب ٿي برداشت ڪري. فلم جي پڇاڙي تي هوءَ سگهاري حوصلي سان جرمن يا اتحادي فوجن طرفان نہ پر پنهنجي پاڙيسرين هٿان تشدد جو نشانو ٿي بڻجي.

پريشانيءَ ۾ وڪوڙيل ملينا جو ڪردار سمجهڻ لاءِ اِها فلم ڪيترائي ڀيرا ڏسڻي پوندي. هر ڀيري ان فلم جو هڪ نئون پاسو تو سامهون اچي. مونيڪا بيلوسيءَ انهيءَ ڪردار ۾ بيشڪ پنهنجي بهترين صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو آهي.

اسانجي فهرست ۾ شامل ايندڙ ٻن اداڪارائن جو تعلق هندستاني فلمن سان آهي. فلم "مدر انڊيا" (1957) ۾ راڌا جي ڪردار ۾ اداڪارا نرگس ۽ فلم "ڀوميڪا" (1977) ۾ اوشا جي ڪردار ۾ اداڪارا سميتا پاٽيل. مشهور هدائتڪار محبوب خان مدر انڊيا جو هدائتڪار هو. انڪان اڳ هو هندستاني سينيما کي انداز (دليپ ڪمار ۽ مڌوٻالا، 1949) ۽ امر (دليپ ڪمار، راج ڪپور ۽ نرگس، 1954) جهڙيون ٻہ شاندار فلمون ڏئي چڪو هو. مدر انڊيا کي بهترين پرڏيهي فلم جي آسڪر ايوارڊ لاءِ پڻ نامزد ڪيو ويو پر فلم اِهو ايوارڊ حاصل ڪري نہ سگهي، ان جو سبب شايد ميلو ڊرامو هو جيڪو تن ڏينهن جي هندستاني فلمن ۾ عام جام هو.

فلم مدر انڊيا جي راڌا هڪ ڳوٺاڻي عورت آهي جنهن کي سندس مڙس (راجڪمار) معذور ٿيڻ تي ڇڏي ٿو ڏئي. سندس سس ڳوٺ جي هڪ وياج خور سکي لال جي ڪڍهن بہ ختم نہ ٿيندڙ قرض ۾ ڦاٿل آهي ۽ جنهن انهيءَ قرض جي اوڳاڇيءَ لاءِ راڌا کي جبري پورهيت بڻائي ڇڏيو آهي. راڌا، وياج سوڌو اِهو قرض چڪتو ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات پورهيو ٿي ڪري ۽ ڏکيائي سان پنهنجي ٻارن جو گذر سفر ڪري ٿي سگهي. انهيءَ دوران راڌا جا ٻہ پٽ هڪٻئي کان بنهہ ڌار انداز ۾ وڏي جوان ٿا ٿين. رامو (راجندر ڪمار) هڪ ٿڌي مزاج وارو سچار جڏهن تہ برجو (سنيل دت) هڪ اهڙو باغي بڻجي ويل آهي جنهن جي من ۾ سکي لال خلاف ڌڪار ڀريل آهي. مدر انڊيا ۾ ٻين هندستاني فلم وانگر گانن ۽ ناچ تي ٻڌل ڏيک بہ آهن پر هيءَ شايد پهرين هندستاني فلم هئي جنهن ۾ هڪ سگهاري عورت جو ڪردار پورا ٽي ڪلاڪ اسڪرين تي ڇانيل رهيو. سڄي فلم دوران نرگس ڪنهن بہ پل ڏسندڙن جو ڌيان ڪنهن ٻئي پاسي ٿيڻ ئي نٿي ڏئي. هوءَ وقتي خوشين ۽ اڻکٽ مايوسين جي سفر ۾ اوهان کي پاڻ سان گڏ ٿي وٺي هلي. فلم جي پڇاڙيءَ تي هوءَ پنهنجي پٽ کي گولي هڻي مارڻ جو فيصلو ٿي ڪري جنهن سکي لال جي ڌيءَ سان بدتميزي ڪئي هئي. هيءَ اُهوئي سکي لال آهي جنهن ڏهاڪن کان راڌا کي پيڙائن جو شڪار بڻائي رکيو هو.

فلم ڀوميڪا ۾ اوشا جو ڪردار راڌا کان بنهہ مختلف آهي. جڳ مشهور فلم هدائتڪار شيام بينگل جي هيءَ شاندار فلم، فلمن ۾ ڪم ڪندڙ عورتن جي زندگين تي ٻڌل آهي. شيام بينگل انهن عورتن جي پيڙائن کي واضح ڪيو آهي جيڪي سينيما جي پڙدي تي انتهائي گُدگُد ٿيون نظر اچن پر ڪين سينيما انڊسٽريءَ ۾ موجود ۽ ڪڏهن تہ انتهائي احترام جوڳن هدائتڪارن ۽ پروڊيوسرن هٿان شديد نوعيت جي جسماني ۽ نفسياتي استحصال جو نشانو بڻجڻو ٿو پوي. اوشا هڪ باغي عورت آهي جنهن شروعات ۾ تہ پنهنجي ماءُ جي هر صلاح ٿي مڃي پر اڳتي هلي وهان ڪانوڻي زندگيءَ جي ٻين مامرن ۾ پنهنجي قسمت جا فيصلا پنهنجي سر ٿي ڪرڻ لڳي. هوءَ پنهنجي ذاتي ۽ پيشيوراڻي زندگيءَ ۾ همت ڀريا فيصلا ٿي ڪري پر آخرڪار هڪ بيرحم جاگيردار جي ڄَٽ ۾ ڦاسي ٿي پوي جيڪو کيس هڪ وڏي شاهي حويليءَ اندر محدود ٿو ڪري ڇڏي. اوشا قيد تہ ضرور ٿئي ٿي پر انهيءَ نيٺر ۾ بہ پنهنجي همت ۽ جذبن کي اوچو ٿي رکي.

هاڻ جن ٻن ڪردارن بابت ڳالهہ ڪنداسين تن جو تعلق ايراني سينيما سان آهي، جنهن گذريل ڪجهہ ڏهاڪن ۾ ڪجهہ انتهائي غير

معمولي فلمون تخليق ڪيون آهن. انهن مان هڪ فلم جو نالو ”دو زن“ (ٻه عورتون) آهي جيڪا ايران جي جڳ مشهور عورت فلم ڊائريڪٽر تهمينا ميلانيءَ جي هدائتن جو شاهڪار آهي. جن ٻن ڪردارن جو ذڪر اڳتي ايندو انهن مان پهريون ڪردار فرشتي جو آهي جڏهن ته ٻيو ڪردار فلم بارڊر ڪيفي (2005) جو ڪردار ريحان آهي.

دو زن نالي فلم اهڙين ٻن عورتن جي ڪهاڻي آهي جيڪي هر ڏکئي سکئي وقت هڪ ٻئي جون پيچي ۽ پرجهلو آهن. انهن مان هڪ خوشگوار پرڏيل زندگي گهاري رهي آهي جڏهن ته ٻئي کي هڪ ڦوڪنديل شخص لاڳيتو هيسائي رهيو آهي. ڪيس پيڙا ڏئي رهيو آهي. ان عورت جا زندگيءَ ۾ پنهنجي ليکي ڪجهه ڪاميابيون ماڻڻ جا سپنا چڪنا چور ٿيو وڃن ۽ ڪيس گهر ۾ جهڙوڪ اڪيلائپ واري قيد ۾ ٽو رکيو وڃي پوءِ به هوءَ حالتن آڏو هٿيار ڦٽا ڪرڻ کان نابري ٿي واري. فلم ۾ هڪ ڊرامائي ۽ غير متوقع موڙ اوڏي مهل ٿو اچي جڏهن سندس مڙس اوچتو ئي اوچتو گذاري ٿو وڃي. هوءَ پنهنجي ساهيڙيءَ کي پنهنجي مڙس جي مرتئي جو اطلاع ڏيڻ لاءِ ٿي گهرائي ۽ ساڻس زندگيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ انهن نون امڪانن بابت صلاح مشورو ٿي ڪري جيڪي مڙس جي گذاري وڃڻ ڪانپوءِ هُن لاءِ پيدا ٿيا آهن.

فلم بارڊر ڪيفي ۾ هڪ وڌوا عورت جي زندگي ڏيکاري وئي آهي جيڪا پنهنجي سمورن ڪٽنب ڀاتين جي توقع جي ابتڙ پنهنجي ڏير سان وهان ڪرڻ کان نابري ٿي واري. هوءَ ڪنهن آزاد ۽ خودمختيار عورت طور پنهنجي زندگي گهارڻ جو فيصلو ٿي ڪري ۽ پنهنجي مرحيات مڙس جي هوٽل هلائڻ جو ارادو ٿي ڪري جيڪا هاءِ وي تي هڪ سرحدي شهر ۾ آهي. جيڪڏهن



اوهان ڊينمارڪ جي فلم بابيٽيءَ جي مزماني کي پسند ڪيو آهي، جنهن جو ذڪر هن مضمون جي پهرين حصي ۾ ڪيو ويو آهي ته هن شاندار ايراني فلم جي مرڪزي ڪردار جون طعام پچائڻ واريون صلاحيتون پڻ اوهانکي پسند اينديون.

بارڊر ڪيفي جي ريحان سهڻي، نرم دل پر سرڪش عورت آهي. هوءَ انهن مسافرن جي اڳتي وڌي مدد ٿي ڪري جيڪي پنهنجي گهرن کان پري ڪنهن چڱي گهريلو ماحول جي سڌ تا ڪن.

مضمون جي پڇاڙي ۾ هڪ جرمن ۽ هڪ روسي فلم کي متعارف ڪرائڻ مهلائتو ٿيندو. انهن ۾ جرمن هدائتڪار فاسبنڊر جي فلم ”علي: ڊپ روح کي کائيو ڇڏي“ (1974) ۽ ولاديمير منشوف جي آسڪر ايوارڊ يافتا فلم ”ماسڪو ڳوڙهن تي ويساهه نٿو رکي“ (1980) شامل آهن. انهن ٻنهي فلمن ۾ سگهاري عورتن جا ڪردار پيش ڪيا ويا آهن جيڪي پنهنجا فيصلا پاڻ ٿيون ڪن ۽ هر ڏکئي پل پنهنجي دليري ۽ صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ٿيون ڪن.

# لڏپلاڻ جي موضوع تي فلمون

اِهو تصور تہ يورپ هڪ اهڙو قلعو آهي جنهن ۾ ڪاٽ هڻڻ ممڪن ناهي، هاڻ هڪ جوڪم جو شڪار آهي. هزارين پناهگير هنگري ۽ سلووينيا جون رڪاوٽون اورانگهي يورپ ۾ داخل ٿي رهيا آهن. اِها ڳالهہ غور ڪرڻ جوڳي آهي تہ انهيءَ وڏي انساني هاڃي بابت ادب ۾ ڇا لکيو ويو آهي يا فلمن ۾ انجي ڪيتري عڪاسي ڪئي وئي آهي. هولوڪاسٽ کي ست ڏهاڪا گذرڻ ڪانپوءِ بہ، ورلي ئي ڪو اهڙو سال لنگهيو هوندو جنهن ۾ ڪا فلم دنيا کي اِهو ياد ڪرائڻ لاءِ نہ ٺهي هجي تہ يهودين سان نازين ڪهڙا ڪلور ڪيا هئا. هولوڪاسٽ جي موضوع تي ٺهندڙ فلمن جي وڏي پئماني تي پذيرائي ٿي آهي ۽ انهن کي عالمي فلم ميلن ۾ ڪيترن ئي اعزازن سان نوازيو ويو آهي.

اهڙيون فلمون تمام ٿورڙيون آهن جن ۾ هڪ ماڳ کان ٻئي ڏانهن لڏپلاڻ ڏيکاري وئي هجي، پوءِ پل اُها ملڪ اندر ٿيندڙ لڏپلاڻ هجي جيڪا 1930 واري ڏهاڪي ۾ ٺهندڙ فلم "ڏمر جا انگور" ۾ ڏيکاري وئي هئي جيڪا ڊان اسٽين بيڪ لکي هئي يا 1973 ۾ عصمت چغتائيءَ جي لکيل فلم "گرم



هوا" هجي.

ويهين صديءَ ۾ ٿيندڙ لڏپلاڻن انسانيت تي جيڪي شديد اثر وڌا آهن تن جو تجزيو ڪرڻ تي پتو لڳندو تہ انهيءَ عمل هيٺ دنيا جي لڳ ڀڳ سمورن ڪنڊن جي رهواسين بي انت مصيبتون ۽ پيڙائون سٺيون آهن. انهيءَ مامري تي ڳالهائي سگهجي ٿو تہ انهن لڏپلاڻن پهرين ۽ ٻين مهاڀاري لڙاين جي پيٽ ۾ انسانن تي گهڻا وڏيڪ ڏور رس اثر وڌا آهن.

لڏپلاڻ واري موضوع تي ٺهندڙ فلمن جي ڪوٺ جو نتيجو هڪ اهڙي صنف جي صورت ۾ نڪتو آهي جنهن جي ڪابہ درجي بندي نٿي ڪري سگهجي. منظرڪشي فن يا ادب جو هڪ انداز يا اسلوب آهي، جيڪو سينيما جي شروعاتي دورن ۾ ڪنهن خاص نوعيت جي فلم جي تياريءَ ۾ ڪتب آندو ويندو هو. 1960 ع واري ڏهاڪي ۾ اِهو اينگلو-سيڪسن فلم انڊسٽريءَ جو هڪ اهم نظريو بڻجي ويو. منظرڪشيءَ واري اسلوب کي ڪنهن عمومي فهرست جو حصو نٿو بڻائي سگهجي ۽ نہ ئي انجي ڪنهن مخصوص انداز واري فلم سان ڪا نسبت آهي بلڪہ ان قسم جي فلمن ۾ ڏسندڙن جي توقعات موجب اِهو طئي ڪيو ويندو آهي تہ فلم جي ڪهاڻي ڪهڙي ريت اڳتي وڌندي ۽ انجي پڇاڙي ڪهڙي ريت ٿيندي.

اِها ئي صورتحال آهي جنهن ۾ لڏپلاڻ تي ٺهندڙ فلمن لاءِ "مسافري" (Road Movies) جهڙو عمومي اصطلاح اٿپورو ٿو ثابت ٿئي. اِهو دُرست آهي تہ ان نوعيت جي فلمن جا اهم ڪردار سفر ۾ ٿا رهن جهڙي ريت اولهہ وارين فلمن ۾ نظر ٿو اچي پر اِهي مزاحيا فلمون بہ ٿي سگهن ٿيون جهڙوڪ "هڪ رات جي وارتا" (فرينڪ ڪيپرا، 1934) يا سير سپاٽو ڪندڙن بابت فلم "سهولت پريو سوار" (ڊينس هوپر، 1969) يا وري تفريح ۽ آزاداڻي زندگيءَ جي ڳولا ۾ عورت سياحن ۽ مسافرن تي فلم "ٿيلما ۽ لوئيسي" (ريڊلي اسڪاٽ، 1991).

ڪنهن مخصوص نوعيت جي فلم جي اُپٽار لاءِ "ڏسندڙ جي توقع" هڪ اهم ڪردار ادا ٿي ڪري تنهنڪري ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ لڏپلاڻ واري موضوع تي ٺهندڙ فلمن لاءِ "لڏپلاڻ واريون فلمون" وارو اصطلاح ڪتب آندو وڃي تہ جيئن انساني لڏپلاڻ جي پيڙائتي تفصيلن جو حقيقي احاطو ٿي

سگھي جنهن جي ”مسافريءَ وارين فلمن“ مان عام طور تي توقع نٿي رکي سگھجي.

جيستائين ملڪن اندر لڏپلاڻ تي ٺهيل فلمن جو تعلق آهي تہ شايد ان جو بهترين مثال ڏمر جا انگور ٿي سگهي ٿي جنهن جي اداڪارن ۾ هينري فونڊا ۽ جين ڊارويل شامل هئا. انهيءَ صاف ۽ واضح حقيقت پسند شاهڪار فلم تي جون فورڊ کي بهترين هدائتڪار جو آسڪر ايوارڊ پڻ ڏنو ويو.

هڪ دلچسپ ۽ ڌيان ڌرڻ جوڳي ڳالهہ اِها آهي تہ 1930 واري ڏهاڪي ۾ امريڪي سٽسماءُ وارن ذريعن جو گھڻي ڀاڱي ڌيان هٽلر ۽ اسٽالين تي هو ۽ سندن هدف نازي ازم ۽ ڪميونزم هئا جن کي هو لکين انسانن جي قتل جو اصل ذميوار ليکي رهيا هئا. امريڪي سٽسماءُ جا ذريعا انتهائي سولائي سان منديءَ ۾ لاٽ سبب پئدا ٿيندڙ انهن تباهڪارين کان نظرون هٽائي رهيا هئا جيڪي سرمائيداراڻي نظام جي هٻڇ جو نتيجو هيون. جڏهن چارلي چپلن جديد دور، شهر جون بتيون ۽ ٻار جهڙيون فلمون ٺاهيون تہ کيس Commie (ڪميونسٽن لاءِ طنز طور استعمال ٿيندڙ لفظ) ۽ سوويت ايجنٽ سڏيو ويو. انهيءَ پسمنظر ۾ جون اسٽين بيڪ هڪ شاندار ناول ڏمر جا انگور لکي منديءَ جي وڏي لاٽ واري دور ۾ پئدا ٿيندڙ تباهي ۽ ويڳاڻپ کي ماڻهن آڏو وائکو ڪيو.

ان ناول تي ٺهندڙ فلم جي هدائتڪاري ڪندي جون فورڊ ڪتاب جي پڇاڙيءَ کان انحراف ڪندي ڪهاڻيءَ جي اُميد ڀري پڇاڙي ڏيکاري آهي جنهن ۾ پورهيتن جي بنيادي خوبين ۽ چڱاين جي تعريف ڪئي وئي آهي. هن فلم جي ڪهاڻي جوڊ گهراڻي جي چوڌاري ڦري ٿي ڦري. ٻنائي تي ٻني ٻارو ڪندڙ هن ڪٽنب کي اوڪلاهاما ۾ پنهنجي ٻني انڪري ڇڏڻي ٿي پوي جو انهيءَ گهوٽالي وارن ڏينهن ۾ زراعت جي متاثر ٿيڻ سبب اِهو علائقو واريءَ سان لٽجي ويو هو. واريءَ جو ڍڪ (Dust Bowl) جو اصطلاح ان علائقي ۾ هڪ علائقي ۾ علامت طور استعمال ڪيو ويو آهي جتي سوڪهڙي ۽ ويڳاڻپ سبب نباتاتي جيوت جو انت اچي ويو آهي ۽ سمورو علائقو هڪ بيابان ۾ تبديل ٿي ويو آهي. اوڪلاهاما جي ڌوڙ مٽيءَ وارو علائقو ٿيڻ تي جوڊ گهراڻو ڪيليفورنيا ڏانهن لڏپلاڻ ٿو ڪري، جنهن ڪانپوءِ کين پتو ٿو لڳي تہ اُتي تہ



اجائين وڏيڪ غربت ۽ بدتر حالتون آهن.

ناول ۽ فلم ٻنهي انهيءَ سرمائيداراڻي هٻڇ ۽ طمع خلاف فرياد آهن جنهن ڪري لاڏائو انتهائي بدترين حالتن ۾ ڪم ڪار ڪن ۽ انسان دشمن حالتن ۾ ٿا گهارين. ادب ۽ فن جي گهڻي ڀاڱي عظيم تخليقن جيان ڏمر جا انگور ۾ پڻ سماجي ناانصافيءَ خلاف شديد ڪاوڙ ۽ احتجاج جو اظهار ملي ٿو. اِها همت ڀري ۽ لبرل فلم امريڪي مخالف سرگرمين جي جانچ لهندڙ ايوان جي اُن ڪميٽيءَ جي منهن تي چماٽ هئي جيڪا هاليووڊ ۾ ڪميونسٽن کي ڳولهڻ لاءِ ناسون هڻي رهي هئي.

1953ع جي هڪ هندي فلم ”دو بيگها زمين“ ۾ پڻ ان نوعيت جي مسئلن ۽ لاڏن جي عڪاسي تي نظر اچي. بنگالي فلم هدائتڪار بمل راءِ (1909 کان 1966) انهيءَ فلم جي هدائتڪاري ڪئي. راءِ هندستاني سينيما کي ڪجهہ شاندار فلمون ڏنيون جن ۾ مشهور فلم ديوداس پڻ شامل آهي. جڏهن 1953 ۾ پهريون ڀيرو اِها فلم ٺاهي وئي تہ بمل راءِ انهيءَ فلم لاءِ سينيما ٽو گرافر طور ڪم ڪيو هو جنهن جو هدائتڪار بي سي برو‌ا هو. 1955 ۾ ٻيهر اِها فلم ٺاهي وئي جنهن جو هدائتڪار بمل راءِ هو. سندس ٻين فلمن ۾ رتوڪ گهاتڪ جي ڪهاڻيءَ تي 1958 ۾ ٺاهيل فلم مڌومتي ۽ بنڌڻي هئي جنهن ۾ نوتن ۽ اشوڪ ڪمار اداڪاري ڪئي هئي. اِها فلم 1963 ۾ رليز ٿي هئي.

دو بيگهہ زمين جي ڪهاڻي سليل چوڌري (1923 کان 1995) لکي هئي جيڪو بنيادي طور تي هڪ سنگيتڪار هو. ايئن ٿو لڳي تہ ڄڻ هن نہ رڳو ڏمر جا انگور پر ويٽوريو ڊي سيڪا جي فلم سائيڪلن جا چور (1948) جيڪا جديد حقيقت پسنداڻي اطالوي سينيما جي هڪ شاهڪار فلم هئي، کان متاثر ٿي دو بيگهہ زمين جي ڪهاڻي تخليق ڪئي هئي. اِها هڪ هاريءَ (بلراج ساهني) جي ڪهاڻي آهي جيڪو هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي جو رهواسي آهي جتي سوڪهڙو آيل آهي (هندستان جو واريءَ وارو ڍڪ). کيس مجبوري وچان پنهنجي ڳوٺان لڏپلاڻ ڪري ڪلڪتي ٿو وڃڻو پوي جتي سائيڪل رڪشا ٿو هلائڻ شروع ڪري تہ جيئن ڳوٺ جي زميندار وٽ گروي رکيل پنهنجي زمين ڇڏرائڻ لاءِ ڪا رقم ميڙي سگھي.

بلراج ساهنيءَ ڪنهن وقت شانتي نڪيتن ۾ انگريزيءَ جي اُستاد

طور پڙهايو هو پر آخرڪار چاليهن ورهين جي ڄمار تي رسي هُن هڪ پوئتي پيل، غريب پر اُميد پرست هاريءَ طور دائمي شهرت حاصل ڪئي. هينري فونڊا ڪيليفورنيا ۾ جيڪو ڪم ڪيو هو، ساڳيو ئي بلراج ساهنيءَ هڪ غليظ ميري ڪوجهي ڌرتيءَ جي لال جي عڪاسيءَ ذريعي ڪيو جيڪو ڪوهيڙي ۾ ورتل ۽ گهميل ڪلڪتي ۾ سخت پورهئي ۾ رڌل آهي. ٻنهي فلمن جا مرڪزي ڪردار پنهنجي پنهنجي ڪٽنبن جي غربت ۽ پيڙا مان آجپي لاءِ سمورين ڏکيائين جو ڪاميابيءَ سان مقابلو ٿا ڪن.

لڏپلاڻ جي موضوع تي ٺهيل فلمن ۾ پوئتي پيل هندستان تي پوندڙ انجي اثرن تي ڳالهائيندي جيڪا ايندڙ فلم ذهن تي تري ٿي اچي سا آهي گرم هوا. جنهن جو هدائتڪار ايم ايس ستيو هو، جڏهن ته انجي ڪهاڻي عصمت چغتائيءَ جي لکيل آهي. بلراج ساهني پنهنجي شاندار اداڪاريءَ سبب سڄي فلم تي ڇانيل رهيو، جنهن ۾ مشهور اڙدو شاعر ڪيفي اعظميءَ جي گهر واري شوڪت ڪيفي ۽ اي ڪي هنگل پڻ پنهنجي فن جا جوهر ڏيکاريا آهن. اصل ۾ اِهي سمورا هندستان جي ترقي پسند تحريڪ خاص طور تي انڊين پيليز ٿيٽر ايسوسيئيشن (IPTA) ۾ تمام گهڻو سرگرم هئا. هيءَ فلم آگري جي هڪ مسلمان ڪاروباري گهراڻي بابت آهي جنهن کي 1947ع ۾ سخت ڏکائين ۽ آزمائشن مان ٿو لنگهڻو پوي. ورهاڱي ڪانپوءِ سليم مرزا (بلراج ساهني) پنهنجي وطن ۾ رهڻ کي ترجيح ٿو ڏئي جڏهن ته سندس پيءُ، پيڻ ۽ ڪٽنب جا ٻيا ڀاتي لڏپلاڻ ڪري ڪراچي ٿا هليا وڃن. سليم مرزا جي گهراڻي کي آگري واري ڪاروبار ۾ تمام گهڻو گهاٽو ٿو ٿئي ڇاڪاڻ جو هندستان ۾ مسلمانن لاءِ حالتون انتهائي ابتر ٿينديون پئي ويون. انهيءَ دوران سليم مرزا جي ڪٽنب کي آيل ڏکيائين جي هدائتڪار ستيو انتهائي شاندار عڪاسي ڪئي آهي.

ستيو فلم ۽ ناٽڪ جو هڪ وڏو ۽ معتبر نالو هو. 04-2003 ۾ سندس هڪ ناٽڪ دهليءَ ۾ پيش ڪيو ويو جنهن جو عنوان دارهہ شڪوه هو. انهيءَ ناٽڪ کي هڪ جديد ڪلاسڪ واري حيثيت حاصل آهي، جنهن جي بيانئي کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ولي دڪنيءَ جي شاعري ۽ ڪٿڪ نرت استعمال ڪيا ويا. پنجاسي ورهين جي ڄمار ۾ ستيو اوڏي مهل هر ڪنهن کي اچرج ۾ وجهي



ڇڏيو جڏهن هُن اُسهپ واري مامري تي بي جي پي حڪومت جي ناٽي واري وزير ارون ڄيٽلي جي حمائت ڪندي اعلان ڪيو ته ليکڪن ۽ فنڪارن طرفان سرڪاري ايوارڊ وٺڻ کان نابري وارڻ پويان سياسي محرڪ آهن. انهيءَ تڪرار جي باوجود، سندس فلم "گرم هوا" هندستاني سينيما جي تاريخ ۾ هڪ تمثيل واري حيثيت رکي ٿي.

هڪ ڊگهي عرصي کان لاطيني امريڪا جا رهواسي پڻ اتر يعني امريڪا ڏانهن لڏپلاڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن. ان حوالي سان پڻ غير معمولي فلمن جو ذڪر ڪرڻ مناسب ٿيندو، جن مان هڪ EL Norte يعني "اتر" آهي جيڪا 1983 ۾ ٺهي جڏهن ته ٻئي 2007 ۾ ٺهندڙ "ساڳئي چنڊ هيٺان" آهي. اتر جي هدائتڪاري گريگوري ناوا ڏني، جنهن فريدا (2001) جو اسڪرپٽ پڻ لکيو هو، جيڪا فريدا ڪاهلو جي جيون ڪٿا تي آهي ۽ جنهن ۾ سلما هائيڪ اداڪاري ڪئي آهي.

اتر جي ڪهاڻي انتهائي سادي آهي جيڪا انتهائي شاعراڻي انداز ۾ بيان ڪئي وئي آهي. گوئٽيمالا جا ٻه ڀاءُ ڀيڻ روزا ۽ انريڪي، ميڪسيڪو رستي اتر ڏانهن ڊگهو سفر ٿا اختيار ڪن. ٻين ٻلي فلمن جيان ان ۾ به پنهنجي وقت جي سياسي حقيقتن جي عڪاسي ڪئي وئي آهي ۽ انجي اهم ڪردارن کي نه ته عظيم الشان ۽ نه ئي وري عاجزيءَ ڀريو پيش ڪيو ويو آهي.

گوئٽيمالا جا هاري انتهائي ڏکين ۽ پيڙا ڀري حالتن ۾ ٿا گهارين. جڏهن به پنهنجو پاڻ کي منظم ڪرڻ يا احتجاج ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته سندن ميڙ تي فوجي ڪاهه ڪندا آهن، ميڙ ۾ شريڪ گهڻي ڀاڱي هاري ماريا ويندا آهن يا گرفتار ڪيا ويندا آهن. فلم جا ڀاءُ ڀيڻ ڪوئن سان ستيل نڪاس

جي پراڻين نالين منجهان ميلن جي مسافري ڪندي امريڪا پهچڻ جي ڪوشش ٿا ڪن پر امريڪي شهر لاس اينجلس واري پنهنجي "سپنن جي سرزمين" تي پهچڻ کانپوءِ کين احساس ٿو ٿئي تہ اِها سپنن جي دنيا نہ پر رُڃ آهي. هو منائيءَ جي هڪ دڪان تي پورهيو ٿا ڪن جتي روزا هڪ موتمار بيماريءَ جي ور ٿي چڙهي وڃي. سندس ننڍو ڀاءُ اهڙين ئي حالتن ۾ محنت ڪرڻ تي مجبور آهي جيڪي گوئٽيمالا کان ڪو گهڻو مختلف ناهن.

"ساڳئي چنڊ هيٺان" ۾ ميڪسيڪو جي هڪ ڪٽنب جي ڪهاڻي بيان ڪئي وئي آهي. هڪ اڪيلي ماءُ پنهنجي پنجن ورهين واري پُٽ کي نانيءَ وٽ ڇڏي امريڪا لڏي ٿي وڃي. چار سال لنگهڻ کانپوءِ بہ هوءَ هڪ غير قانوني لاڏائو طور ماڻهن جي گهر تي ڪم ڪار ٿي ڪري ۽ رات جي پهر ۾ ڪپڙا ٿي سبي تہ جيئن پنهنجي پٽ ۽ ماءُ کي ڪجهہ رقم اُماڻي سگهي. ٻار جي ناني گذاري ٿي وڃي ۽ هو بہ امريڪا اُسهڻ جو فيصلو ٿو ڪري. پنهنجي ڏکي سفر دوران کيس تمام گهڻن چڱن ۽ خراب واقعن جو منهن ڏيڻو پوي. کيس جنسي غلام بڻائڻ لاءِ اغوا جي ڪوشش پڻ ڪئي ٿي وڃي جنهن کان هو بچي ٿو وڃي. آخرڪار هو پنهنجي ماءُ تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿو ٿئي.

يورپ ۾ هاڻوڪي وقت ۾ لڏپلاڻ ڪري ايندڙ لاڏائون جي تناظر ۾ ڪوستاگيوراس جي هدائتڪاريءَ ۾ 2009 ۾ ٺهيل فلم "اولهہ عدن آهي" جو ذڪر ڪرڻ گهرجي. ڪوستاگيوراس يونان ڄائو آهي ۽ سندس گهڻي ڀاڱي فلمن جا موضوع سياسي نوعيت وارا آهن. ان ڏس ۾ سندس سڀ کان وڌيڪ مشهور فلم زيڊ (Z) آهي جيڪا هُن 1969 ۾ ٺاهي.

اولهہ عدن (بهشت) آهي جي شروعات هڪ ٻيڙيءَ جي ڏيک سان ٿي ٿئي، جنهن تي مختلف قوميتن سان تعلق رکندڙ ماڻهو سوار آهن ۽ يورپ ڏانهن مسافريءَ ۾ آهن. ڪناري جي ڀرسان نظر ايندي ئي ٻيڙياتو ٻيڙيءَ هڪ ڇاڙ ۾ وجهيو ڇڏي ۽ مسافر ڏنل حالت ۾ سمنڊ ۾ ٽپو ٿا ڏين. ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار هڪ سهڻي ۽ من موهڻي نوجوان جو آهي جيڪو ترندي هڪ اهڙي پيهہ واري ٻيٽ تي ٿو پهچي جيڪو رڳو اگهاڙن ماڻهن لاءِ ئي مخصوص آهي. اُتان پئرس ڏانهن سندس سفر جي شروعات ٿي ٿئي جنهن دوران کيس



هر قسم جي سواري ٿي استعمال ڪرڻي پوي ۽ هو مختلف سڀائن جي ماڻهن سان ٿو ملي. جيڪڏهن ڪنهن ۾ اِهو ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ جي ولوڙ آهي تہ انسانن کي ڪنهن محفوظ ۽ خوشحال ماڳ تائين رسڻ ۾ ڪهڙن مرحلن مان ٿو گذرڻو پوي تہ انکي اِها فلم ضرور ڏسڻ گهرجي.

جهڙي ريت ڏٺوسين تہ لڏپلاڻ جي موضوع تي ٺهندڙ گهڻي ڀاڱي فلمون مسافريءَ واريون فلمون آهن پر اِها ڳالهہ بہ درست آهي تہ سموريون مسافريءَ واريون فلمون لڏپلاڻ واري موضوع يا مسئلي جو احاطو نٿيون ڪن. "ڏمر جا انگور" ۽ "دوبيگهہ زمين" هڪ ئي ملڪ اندر ماڻهن جي لڏپلاڻ جي عڪاسي ڪن ٿيون ڪن. گرم هوا ڪنهن بہ ريت ڪا مسافريءَ واري فلم ناهي پر اِها اُن لڏپلاڻ جي پيڙائن کي ٿي سامهون آڻي جيڪا مذهب جي بنياد تي ملڪ جي ورهاڱي سبب عمل ۾ آئي هئي. جيڪڏهن لاطيني ۽ اتر امريڪين وچ ۾ موجود واضح تضاد بابت ڄاڻڻو آهي تہ "اتر" ۽ "ساڳئي چنڊ هيٺان" ضرور ڏسجن. اڄوڪي دور جي گهوٽالي جي ادراڪ لاءِ "اولهہ عدن آهي" پڻ ڏسڻ ضروري آهي.

هاڻ انهن فلمن ڏسڻ جي شروعات ڪريو. پنهنجي پسند جو مشروب تيار ڪري شام جي پهر ۾ پنهنجي ذوق موجب ڪا فلم ڏسو ۽ پنهنجي ڀاڱن سان ريس ڪريو تہ اوهان گهٽ ۾ گهٽ انهن ماڻهن جيان هيل تائين ڪنهن ٻيڙيءَ يا ٽرڪ ۾ مسافريءَ جو عذاب ناهي سٺو.

# موهيندڙ ذهن جون رانديون

ذهني وهم، سرياٽ، مطالعو، ذهني لاها چاڙها، ماليا خوليا، انگي حساب، معاشيات، حرفت، خوش طبعي، ڦلهور، سرد جنگ ۽ گرم محبت جهڙيون ڪيفيتون جوڙيبيون تہ ڪو موهيندڙ ذهن وجود ۾ ٿو اچي. اسان کي جون هوورڊ جو ٿورائتو هئڻ گهرجي جنهن 2001 ۾ هڪ موهيندڙ دماغ جي سري هيٺ فلم تخليق ڪئي جيڪا نوبل انعام يافتا معيشت ۽ رياضي دان جون ناش جي جيون تي ٻڌل هئي. انهيءَ فلم ناش کي سڄي دنيا ۾ مشهور ڪري ڇڏيو ۽ اُهي ماڻهو بہ ڪيس سڃاڻڻ لڳا جن جو رياضي ۽ معيشت جهڙن موضوعن سان ڪا دلچسپي ئي نہ هئي. جون ناش ڇهاسي ورهين جي ڄمار ۾ 23 مئي 2016 تي پنهنجي زال سميت نيوجرسيءَ ۾ هڪ موٽرڪار حادثي دوران اوڏي مهل مارجي ويو جڏهن ناروي مان رياضيءَ جو نوبل انعام حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ وطن موٽي پنهنجي گهر ڏانهن راهي هو.

جون ناش جي آتم ڪهاڻي جرمنيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ امريڪي ليکڪا سلويا نصر 1989 ۾ لکي. ڪتاب جي ليکڪا جا والدين ازبڪ ۽ جرمن هئا ۽ هُن معاشيات ۾ ڊگري حاصل ڪئي هئي. ان ڪتاب کي نقادن طرفان ڪافي



پذيرائي ملي جنهن ڪري جون هاروورڊ ان ڪتاب ڏانهن لڙيو، جنهن ان ڪهاڻيءَ کي اهڙي متاثر ڪندڙ فلم ۾ بدلائي ڇڏيو جيڪا فلمي تاريخ ۾ سدائين ياد رکي ويندي. اها فلم 2001 ۾ اٺن آسڪر ايوارڊن لاءِ نامزد ٿي جڏهن تہ چار حاصل پڻ ڪيائين جن ۾ بهترين فلم ۽ بهترين هدائتڪاريءَ جا ايوارڊ پڻ شامل هئا.

رسل ڪرو ان فلم ۾ جون نوش جي روپ ۾ يادگار ڪردار ادا ڪيو آهي پر هو بهترين اداڪاريءَ لاءِ آسڪر ڪميٽيءَ کي شايد انڪري متاثر نہ ڪري سگهيو جو ڪيس گذريل سال ريڊلي اسڪاٽ جي هدائتڪاري ۾ ٺهندڙ فلم گليڊيئٽر (2000) ۾ بهترين اداڪار جو ايوارڊ ملي چڪو هو.

فلم جي شروعات 1974 جي وچ ڌاري پرنسٽن يونيورسٽيءَ ۾ ٿيندڙ هڪ پرجوش ڳالهہ ٻولهہ جي ڏيک ڪان ٿي ٿئي جيڪا جون ناش پڻ ٻڌي رهيو آهي. انهيءَ ڳالهہ ٻولهہ ۾ شاگردن کي همٿايو ٿو وڃي تہ هو سوويت يونين خلاف ڪم ڪن جنهن جو مقصد سڄي دنيا تي ڪميونزم مڙهڻ آهي. شاگردن جي ذهنن ۾ انهن لفظن سان خلل وجهڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي وڃي تہ، "طب جو شعبو هجي يا معاشيات جو، ٽيڪنالوجي هجي يا خلا جو شعبو هرهنڌ ويڙهہ جي ليڪ ڪڍي پئي وڃي. انهيءَ ويڙهہ ۾ سوڀ لاءِ اسان کي عملي نتيجن جي گهرج آهي، اهڙا نتيجا جيڪي شائع ٿي سگهن ۽ جيڪي لاڳو ڪرڻ ممڪن هجن. اوهان مان ڪير تاريخ جو ايندڙ آئنسٽائن ٿيندو؟ اوهان مان ڪير جمهوريت آزادي ۽ ڦلهور جي ميدان ۾ سرواڻ جو ڪردار ادا ڪندو؟"

اِهي ڳالهيون ڇاتل سُڃاتل ٿيون لڳن! اسان کي ٻين مهاڀاري لڙائي ڪانپوءِ وارو امريڪا ٿو ياد اچي، جتي نوجوانن کي هڪ اهڙي ويريءَ خلاف ڀڙڪايو ۽ مچرايو پئي ويو جنهن بابت اِهو طئي ڪيو ويو هو تہ هو امريڪي معاشري جي نام نهاد بنيادي قدرن يعني آزادي ۽ جمهوريت کي تباهہ ڪرڻ پويان هٿ ڌوئي پئجي ويو آهي. اِهو هڪ اهم ڏيک آهي جيڪو نوجوان ناش جو ذهني لاڙو بدلائي ٿو ڇڏي. پنهنجي ڪمري ۾ موٽي اچڻ تي غير متوقع طور تي پنهنجي ڀيڇي چارلس کي ڪمري ۾ ٿو ڏسي جيڪو ادب جو شاگرد آهي ۽ سگهوئي سندس بهترين دوست بڻجڻ وارو آهي. انگن بابت ناش جي

سياءَ ۾ هڪ لاڙو ۽ صلاحيت آهي. هو هر هنڌ انداز (Pattern) ڳولهي ٿو لهي پوءِ پل اِها نيڪٽاءِ جي ڪا ڊيزائين هجي يا ڪو ڪاچ. ناش قياس ڪان متاهين سطحن ميز ۽ درين جي چوڪٽن سميت، ۾ شڪليون جوڙي ٿو ۽ انگي حساب ٿو حل ڪري. ڪڏهن ڪڏهن هو مقامي شراب خاني ۾ عورتن سان ڪچهريءَ جي ناڪام ڪوشش پڻ ڪري ٿو.

ناش ٻاويهن ورهين جي ننڍي ڄمار ۾ اڻ-سهڪاري رانديون واري موضوع تي اٺاويهن صفحن جو هڪ مقالو لکي پي ايچ ڊيءَ جي ڊگري حاصل ڪئي. هُن آخرڪار اُهو ڪيتر تخليق ڪيو جيڪو اڳتي هلي ناش توازن ( Nash Equilibrium) سڏيو ويو.

هو پنهنجي ڪمري جي اڳوٽي پيچي چارلس ۽ نوجوان پائيٽي مارسيءَ سان باقاعدي ملندو رهي ٿو. رياضيءَ جي پروفيسر طور ڪم ڪرڻ دوران ڪيس امريڪي بچاءَ کاتي جي هڪ ڳجهي شعبي طرفان پينٽاگون ۾ هڪ پيچيدي اشارتي لکٽي ٽوڙڻ لاءِ مدعو ڪيو ٿو وڃي. هو ذهني طور تي انکي ٽوڙي ساڳي ڪرت ۾ رڌل ٻين همراهن کي اچرج ۾ وجهيو ڇڏي. هو هڪ پر اسرار قسم جي فوجي ايجنٽ وليم چارلس سان مڪاميل ٿو ٿئي جيڪو ڪيس هڪ نئين منصوبي ۾ ٿو شامل ڪري جنهن جو مقصد اخبارن ۽ رسالن جي لاڙن ۽ ورتاءَ جو مشاهدو ۽ تجزيو ڪرڻ آهي ته جيئن سوويت يونين جا ڳجها منصوبا ناڪام بڻائي سگهجن. ناش ڪيس پنهنجي نتيجن ڪان واقف ڪندو ٿو رهي ۽ هو اِهي هڪ مخصوص ٽپالي دٻي ٿو سنڀالي رکي. روسي سندس پُٺ وٺڻ شروع ٿا ڪن ۽ سندس دماغي خلل تيزيءَ سان وڌڻ ٿو لڳي ۽ هو بڏتر ۽ غير مستقل مزاج وارو ٿيو پوي.

چارلس، مارسي ۽ پارچر سان ناش جا رابطا تمام گهٽا وڌي ٿا وڃن، جنهن سبب سندس زال اليسيا تمام گهڻو پريشان ٿي ٿئي ڇاڪاڻ جو انهيءَ صورتحال سبب ناش جي نفسياتي ڪيفيت ابتر ٿيندي گهٽي بگڙجي ٿي پوي. ناش پنهنجي زال کي ان ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه ٻُڌايو آهي ته هو پنهنجي ملڪ کي روسين ڪان بچائڻ واسطي هڪ ڳجهي منصوبي تي ڪم ڪري رهيو آهي. انهيءَ صورتحال ڪان پريشان ٿيندي آخرڪار اليسيا (جينيفر ڪونيلي، جنهن ان فلم لاءِ بهترين اداڪارا جو آسڪر ايوارڊ حاصل



ڪيو) هڪ نفسياتي اسپتال سان رابطو ٿي ڪري جتي اِهو فيصلو ڪيو ٿو وڃي ته ڪيس علاج واسطي اسپتال داخل ڪيو وڃي. انهيءَ نظربنديءَ ڪري ناش جو اِهو يقين اجائين وڌيڪ سگهارو ٿو ٿئي ته سوويت يونين وارا ڪائنس چاڻ حاصل ڪرڻ ٿا چاهين انڪري هو ڊاڪٽرن کي روسي اغوا ڪار ٿو ليکي.

انهيءَ فلم جي هدائتڪاري ايتري ته شاندار آهي جو پهريون پيرو فلم ڏسندڙن کي ناش جي ذهني ۽ نفسياتي خلل جو سندس زال اليسيا طرفان ٽپال ڊبو کولي ناش طرفان اُماڻيل انهن ڳجهن دستاويزن تائين رسائي حاصل ڪرڻ تائين اندازو ئي نٿو ٿئي. وقت گذرڻ سان ناش کي پڪ ٿيڻ ٿي لڳي ته هو وهم ۽ غير مستقل مزاجيءَ ۾ مبتلا آهي ۽ چارلس، مارسي ۽ پارچر سان سندس ميل ميلاپ رڳو فريب ۽ رچ ڪانسواءِ ڪجهه به ناهي.

اوهان اڪثر رستي پنڌ اهڙا "چريا" ضرور ڏٺا هوندا جيڪي اڪيلي سر بيهي ڏاڍيان آواز ۾ ڳالهائيندا آهن يا دانهون ڪوڪون ڪري بحث مباحثو ڪندا آهن. پر ڪين اِهو اندازو ئي نه هوندو آهي جيڪي ڪجهه ڪين نظر ٿو اچي ۽ جنهن سان هو ڳالهه ٻولهه يا بحث ڪري ٿا سگهن سو نظر جي دوکي ڪانسواءِ ڪجهه به ناهي. انهيءَ ذهني ڪيفيت جي فلم "هڪ موهيندڙ ذهن" ۾ ايتري ته شاندار عڪاسي ڪئي وئي آهي جو شايد نفسيات تي لکيل ڪيترائي ڪتاب اِهو مظهر ايتري جوڳي انداز ۾ بيان نه ڪري سگهن.

ڪنهن عام انسان لاءِ ذهن جي اهڙي بي ترتيبي سمجهڻ سولو ڪم ناهي جيڪا عمومي سماجي روين ۽ انهيءَ ادراڪ ۾ ناڪاميءَ سبب پيدا ٿيندي آهي ته اصل حقيقت ڇا آهي. انڪري اسين اِهو سوچڻ شروع ڪري ڏيندا آهيون ته اهڙو فرد ويچارن جي ولوڙجو شڪار آهي ۽ ڪيس رڳو اِهو پتو ناهي ته سماجي طور تي ڪيس ٻين سان ڪهڙو ورتاءُ اختيار ڪرڻ گهرجي. اِها فلم انهيءَ نوعيت جي ڪيترن ئي مفروضن کي ختم ڪندي اسانکي اِنهن جو ادراڪ ڪرڻ ۾ مدد ٿي فراهم ڪري جيڪي منتشر ذهن واري شخصيت جوڙين ٿا.

ناش اسپتال ۾ شاڪ ٿراپيءَ جي ڪيترن ئي مرحلن مان لنگهي ٿو جنهن ڪانپوءِ ڪيس انهيءَ شرط تي گهر وڃڻ جي اجازت ٿي ڏني وڃي ته هو اينٽي سائيڪوٽڪ دوائون استعمال ڪندو رهندو. اسپتال ڪان گهر ته اچي ٿو

۾ پنهنجي زال جي اُڏمن کي پورو ڪرڻ کان قاصر ٿو رهي ۽ پيهر نراسائي واري ڪيفيت ۾ ٿو هليو وڃي. پيهر دماغي خلل ۾ مبتلا ٿيڻ سبب سندس ذهني صلاحيت متاثر ٿي ٿئي.

هو پنهنجي خيالي دوستن سان پيهر ملاقاتون شروع ٿو ڪري ۽ پنهنجي گهر جي پويان هڪ پراڻي ڇپري کي آفيس ۾ تبديل ڪري پنهنجي ملڪ جي بچاءَ لاءِ ڪم ڪرڻ ٿو لڳي سندس زال جي اِهو ڇپرو ڳولهي لهڻ وارو ڏيک فلم ڏسندڙن تي تباهه ڪُن اثر ٿو وجهي. ڇپري جي پٽ اخباري خبرن سان ڍڪيل آهي جن ۾ ڪي اهڙيون ڳجهيون علامتون آهن جيڪي سوويت يونين وارا امريڪا کي تباهه ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري سگهن ٿا.

هيءَ فلم اُنهيءَ سموري نسل جي ذهني، نفسياتي ۽ سياسي زندگيءَ جي عڪاسي ٿي ڪري جيڪا سوويت حملي جي خطري واري صورتحال ۾ وڏي ويجهي. اڄ "عام تباهيءَ وارا هٿيار" ۽ مختلف قسمن جي دهشتگرد گروهن جا نوان خطرا اُڀاريا پيا وڃن. انهن ۾ ۽ فلم ۾ ڏيکاريل خطرن ۾ تمام گهڻي هڪجهڙائپ آهي.

ناش جو پيهر نفسياتي علاج ٿو ڪيو وڃي جنهن ڪانپوءِ ڪيس اِهو اندازو ٿو ٿئي ته سندس سمورو منصوبو جڙتو، بي بنياد ۽ نظر جي دولاب تي ٻڌل هو. آخر ۾ هو انهن ٽنهي ڪردارن کان جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري جن سان سندس ڳانڍاپو هو. اِهي ڪردار سندس ذهن ۾ هر هر اُڀرندا ۽ غائب ٿيندا ٿا رهن پر هو پنهنجي وهمن کي نظرانداز ڪرڻ سکي ٿو وٺي. ناش وڏي ڄمار ۾ پرنسٽن لائبريءَ ۾ ڪم ڪرڻ جي اجازت حاصل ڪري ٿو وٺي جتي هو سدائين انتهائي ٻاجهاري انداز ۾ هر نئين ملندڙ فرد سان ڳالهائيندي انهيءَ ڳالهه جي خاطري ٿو ڪري اُهو ڪو حقيقي فرد آهي نه ڪي ڪو خيالي. 1994 ۾ ناش کي معاشيات جو نوبل انعام سندس انقلابي ڪم تي ڏنو ويو جيڪو هُن 1950 واري ڏهاڪي ۾ رياضيءَ جي آڌار تي گيم ٿيوريءَ جي تناظر ۾ شروع ڪيو هو جنهن ۾ هڪجهڙا مفاد رکندڙ حريفن وچ ۾ رقابتن جو تجزيو ڪيو ويو هو.

ناش جي مرتئي سان هڪ دلچسپ باب پڄاڻيءَ تي رسيو. نفسياتي بيماريءَ تي قابو پائڻ لاءِ ذاتي پتوڙ ۽ قوت جي حوالي سان هو نمايان حيثيت



رکي ٿو. هڪ موهيندڙ ذهن ۾ ڳوڙهو ڏسندڙن لاءِ ڪيترائي پيغام لڪيل آهن. انهن مان سڀ کان وڏيڪ اهم حقيقت اِها آهي ته جيڪڏهن انسان پنهنجي من اندر ڪو حقيقي يا تصوراتي خطرو پيدا ڪري وٺي ته اِهو عمل وهم ۽ نظرجي دولاب جهڙا نفسياتي مسئلا پيدا ٿو ڪري جيڪو اسانجي سياءَ تي اثر انداز ٿيڻ شروع ٿو ٿئي.

هڪ اهڙي قوم جو تصور ڪريو جنهن ۾ ڪجهه مخصوص مقصدن جي پورائي لاءِ ڄاڻي ٻوجهي ان قسم جو وهم پيدا ڪيو وڃي ته انجو نتيجو اُهوئي نڪرندو جو اوهانکي پنهنجي اوسي پاسي اهڙا ماڻهو نظر اچڻ لڳندا جنکي هر مسئلي پويان ڪا سازش رڌل نظر ايندي هوندي ۽ آخرڪار اُها صورتحال اچي ويندي جو ماڻهو سماجي طور تي هڪٻئي کان ڏور ٿي ويندا ۽ پنهنجي هڪ اهڙي نئين دنيا تخليق ڪندا جنهن ۾ رڳو متاثر ٿيل قوم يا فرد ئي پنهنجو پاڻ سان مخاطب هوندا.

فلمن جا اهڙا شوقين فرد جيڪي نفسياتي مسئلن تي ٺهيل فلمن ۾ وڌيڪ دلچسپي ٿا رکن، تن لاءِ "اي اسٽريٽ ڪار نيمڊ ڊيزائر"، "سلنگ بليڊ" ۽ "چمڪ" (Shinning) جهڙيون فلم رٿي سگهجن ٿيون. ڳجهي علامت وائڪي ڪرڻ واري موضوع تي ايلن ٽيورنگ تي فلم ايميٽيشن گيمز هڪ واضع چوند آهي.

# سائنسدانن تي سوانحي فلمون

جڏهن ايڊي زيڊيمن کي هڪ سوانحي فلم "هر شئي جو نظريو" ۾ بهترين اداڪاريءَ تي آسڪر، گولڊن ۽ بافٽا ايوارڊن سان نوازيو ويو ته ڪنهن کي به اچرج نہ لڳي. انتهائي نامياري بيمار سائنسدان اسٽيفن هاڪنگ جو ڪردار هُن انتهائي غير معمولي انداز ۾ نڀايو هو. ان فلم جون هدائتون جيمس مارش ڏنيون هيون. اِها فلم ڏسندي عظيم الشان ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪندڙ ڪجهہ نالا ذهن تي تري آيا. انهن ۾ پال موني ۽ ڊينئل ڊي ليوس ڪانوئي پنڪج ڪپور تائين مختلف اداڪار شامل آهن.

آتم ڪهاڻين تي ٻڌل فلمن جي صنف اوتروئي پراڻي آهي جيتري خود سينيما جي تاريخ پر ان هوندي بہ انجي درجي بنديءَ جي حوالي سان ڪجهہ اختلاف آهن. ڪجهہ فلمي ناقد انکي وسيع تر ناٽڪ ۽ رزميا فلمن وارين صنفن جي هڪ ذيلي صنف ٿا ليکين. عام طور تي ان نوعيت جون فلمون ماضيءَ يا حال جي ڪنهن وڏي مرتبي واري تاريخي شخصيت جي جيون جي ڊرامائي انداز ۾ تصوير ڪشي ڪنديون آهن.

اِها ڳالهہ اڃان بحث هيٺ آهي تہ سوانحي فلمن جو باني هڪ



فرانسيسي فلمساز هو جنهن 1899 ۾ فيچر فلم وانگر ڊگهي دورانيي واري هڪ رزميا فلم "جيني ڊي آرڪ" ٺاهي، جنهن کي ان صنف يا ذيلي صنف جي پهرين فلم ليکيو ٿو وڃي. مارٽن اسڪورسيزيءَ فلم هيوگو (2011) ۾ ميليز جي ڪردار کي لافاني بڻائي ڇڏيو. ان فلم پنج آسڪر ايوارڊ حاصل ڪيا.

عام طور تي سمجهيو وڃي ٿو تہ 1930 وارو ڏهاڪو سوانحي فلمن جي عروج جو زمانو هو، جنهن ۾ عظيم جرمن هدائتڪار وليم ڊائٽرليءَ پال مونيءَ جهڙي اداڪار سان "لوئيس پاسچر جو داستان" (1936) ۽ "ايمائل زولا جو جيون" (1937) جهڙيون اعليٰ معياري فلمون تخليق ڪيون.

سوانحي فلمن ۾ بادشاهن ۽ راڻين جون زندگيون ڏيکارڻ وڏيڪ سولو هجي ٿو ڇاڪاڻ جو اهڙين فلمن ۾ جنگ جا ناٽڪ ۽ سازشون انتهائي اثرائتي انداز ۾ استعمال ڪري سگهجن ٿا. هندستان ۾ اِهو طريقو ڪتب آندو ويندو آهي جتي اشوڪ جهڙي عظيم بادشاهہ جي ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي بہ محبت جي ڪنهن بيوقوفاڻي ڪهاڻيءَ جيان ٿئي ٿي پر سينيما جي پڙدي تي سائنسدانن جي جيون جي تصور ڪشي انتهائي ڏکيو ڪم آهي ڇاڪاڻ جو اخلاقي ۽ طبعي سائنس ڏسندڙن ۾ وڏيڪ پذيرائي نٿيون رکن. جڏهن لوئيس پاسچر فلم رليز ٿي تہ اِها ڳالهہ واضع ٿي وئي تہ سينيما نہ رڳو پڙدي تي ڪا ڪهاڻي ڏيکارڻ جو هڪ اهم ذريعو آهي پر اِهو اهڙين سوچن ۽ تصورن جي تشهير پڻ ڪري سگهي ٿو جن ذريعي ماڻهو آزاد خيال، علم ۽ ڄاڻ حاصل ڪري سگهن ٿا.

اڳتي هلي تيار ٿيندڙ سوانحي فلمن جي اُبتڙ پراڻيون فلمون تاريخي ۽ سائنسي حوالي سان دُرست هونديون هيون ۽ انهن ۾ ڏيکاريا ويندڙ لڳ ڀڳ سمورا واقعا اُهيئي هئا جيڪي سائنسدانن جي زندگيءَ ۾ پيش آيل هئا. اڄ بہ پاڪستان جهڙن ملڪن ۾ فلم جي پنهنجي اهميت ۽ ڪارج آهي. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهائي واري عمل دوران انهيءَ مان مدد پرائي سگهجي ٿي تہ وائرس ۽ بيڪٽيريا بابت پڙهندڙ شاگرد ڪي دلچسپ سوال پُڇي سگهن.

پرپور ۽ اثرائتي انداز ۾ لوئيس پاسچر جو ڪردار ڪرڻ تي مونيءَ کي بهترين اداڪاريءَ جو آسڪر ايوارڊ ڏنو ويو. انهيءَ فلم جي پڄاڻي هڪ جذباتي ڏيک تي ٿئي ٿي جنهن ۾ پاسچر جا ساٿي ڪيس خراج تحسين ٿا

پيش ڪن ۽ پنهنجي پڇاڙڪي تقرير ۾ هو انتهائي جوش ۽ جذبي سان چوي ٿو ته سڀ کان اهم ۽ اعليٰ عمل انسانيت جي بهتريءَ لاءِ پتوڙڻ آهي. پاسچر سالن تائين چتر ۽ اڪيلائپ جو نشانو بڻيل رهيو جڏهن هُن بيمارين پکيڙڻ ۾ بيڪٽيريا جي ڀاڱي ڀائيواريءَ کي ڦلهوري لڌو هو. سندس تخليق آخرڪار قبولي وئي جنهن اڳتي هلي اسانجي دنيا بدلائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ان قسم جون فلمون اسان جي چوڏاري پکڙيل ٺوڪ بازيءَ خلاف ترياق جو ڪم ٿيون ڪن.

هاڻ ٽڙتڪڙ ۾ 1990 واري ڏهاڪي جي ڪجهه هندستاني فلمن جو ذڪر ڪندو هلجي. نامياري بنگالي هدائتڪار تپن سنها، جنهن جو ڳاڻيٽو هندستان جي چئن غير معمولي هدائتڪارن (جن ۾ باقي ٽي ستيا جيت ري، رتوڪ گهاتڪ ۽ مرينال سين شامل آهن) ۾ ٿئي ٿو. تپن سنها جي هدائتڪاريءَ ۾ هڪ فلم ناهي وئي "ايڪ ڊاڪٽر ڪي موت". اِها فلم ڊري ڊاري انداز ۾ هڪ هندستاني ڊاڪٽر سباش مکوپاڌيائي جي زندگيءَ تي ٺهيل هئي. ڊاڪٽر مکوپاڌيائي هٽرادو طريقي سان ڳڀائڻ (In-Vitro Fertilization) طريقي جو باني هو. جنهن وقت ڊاڪٽر مکوپاڌيائي پنهنجي تحقيق ۾ رڌل هو، لڳ ڀڳ ساڳئي وقت برطانيا ۾ هڪ سائنسدان ڊاڪٽر رابرٽ ايڊورڊس پڻ ساڳي ڪرت ۾ جنبيل هو. ڊاڪٽر مکوپاڌيائي ان طريقي سان دنيا جو ٻيو ۽ هندستان جو پهريون ٻار ڄڻايو.

ڊاڪٽر مکوپاڌيائي جي تحقيق ۾ رڌل هئڻ دوران کيس رياستي حڪومت طرفان هيسايو ويو ۽ کيس پنهنجي تحقيق ۽ انجا نتيجا عالمي سائنسي برادريءَ سان ونڊڻ کان جهليو ويو. انهيءَ صورتحال کيس ايترو ته نراس ڪيو جو 1981 ۾ آپگهات ڪري ڇڏيائين. جيتوڻيڪ هو درگا نالي هڪ ٻارڙي ڄڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪو هو جيڪا برطانيا ۾ ڄاول پهرين آءِ وي ايف ٻار کان ستهٺ ڏينهن پوءِ ڄائي هئي.

تپن سنها انڪان اڳ ڪيترين ئي شاهڪار فلمن جي هدائتڪاري ڪري چڪو هو جن ۾ رابندرناٿ ٽئگور جي ڪهاڻيءَ تي ٺهيل فلم "ڪابلي والا" (1957) ۽ 1942-43 جي پورهيت تحريڪ جي سچي ڪهاڻيءَ جي آڌار تي ناهيل فلم "سگينا ماهاتو" (1970) شامل آهن جنهن ۾ سائرا بانو ۽ دليپ ڪمار



ڪم ڪيو هو. اِها ڪهاڻي افسانوي ڪردارن ذريعي بيان ڪئي وئي آهي. تپن سنها "ايڪ ڊاڪٽر ڪي موت" ناهڻ مهل ڪنهن قانوني پيچيدگيءَ کان بچڻ واسطي اصل ڪهاڻيءَ ۾ ڪجهه تبديليون پڻ ڪيون.

انهيءَ فلم ۾، ڊاڪٽر ديپانڪر راءِ (هيءُ ڪردار پنڪج ڪپور ڪيو) ڪوڙهه جي مرض کان بچاءَ جي هڪ دوا تيار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿو ٿئي، جنهن ڪم تي هن ورهين تائين تحقيق دوران پنهنجي زندگي داءَ تي لڳائي ڇڏي هئي. هو هڪ سرڪاري اسپتال ۾ نوڪري ڪندڙ هو پر هُن اِها تحقيق پنهنجي گهر جي تجربيگاهه ۾ ڪئي هئي. هو ٻين ماڻهن جي پيشيوراڻي حسد ۽ پنهنجي اعليٰ عملدارن جي اختيارن جي غلط استعمال سبب انتهائي نراسائي جو شڪار ٿي پيو ۽ ان صورتحال ۾ سندس زال (شبانا اعظمي) ڪانسواءِ ڪوبه ٻيو سندس ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار نه هو. هو سرشتي خلاف پتوڙيندي اڳتي وڌڻ ٿو چاهي پر کيس عملدارن طرفان چنبيو وڃڻ ۽ سخت گهٽ وڌ ڳالهاءَ ٿو ٻوڌڻو پوي. اهڙي سخت دٻاءَ ڪري کيس دل جو دورو ٿو پوي پر کيس هيسائڻ وارو سلسلو بند نٿو ٿئي ۽ کيس هڪ ڏورانهين ڳوٺ ڏانهن بدلي ڪيو ٿو وڃي.

مٿين ٻنهي فلمن جي ڀيٽ ڪجي ته فلم "هر شئي جو نظريو" ۾ ڪيترن ئي حوالن سان ڪجهه خاميون آهن. هيءَ فلم اسٽيفن ۽ جين هاڪنگ جي زندگيءَ جي سندرتا ۽ ٻنهي وچ ۾ پريت ڪهاڻيءَ گهٽي حد تائين ڪجهه گهرائي سان ٿي پيش ڪري. ان فلم جو بنياد جين جي ڪتاب تي رکيو ويو آهي جيڪو 1965 کان 1995 تائين هنن ٻنهي جي ناتن جو داستان ٿو بيان ڪري. هن فلم ۾ ايڊي ريڊمين ۽ فليسٽي جونز ٻنهي اسٽيفن ۽ جين جا ڪردار انتهائي شاندار ريت ادا ڪيا آهن پر اِهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته ايڏي عظيم سائنسدان جي زندگيءَ تي ناهيل فلم مجموعي طور تي ڏسندڙن ۾ غور ۽ فڪر جي ڪنهن اهڙي عمل کي وڌائي ويجهائي نه سگهي آهي جنهن جي اُميد پئي ڪئي وئي. هيءَ فلم ٻنهي جي پيار ڪهاڻي وڌيڪ آهي جنهن ۾ اسٽيفن هاڪنگ جي جيون جي وسيع تر تصوير پيش نه ڪئي وئي آهي. ان حوالي سان فلم جو نقص شايد اِهو آهي ته هدائتڪار وڌيڪ مناسب اسڪرين پلي جي چونڊ نه ڪئي آهي. هو جيڪڏهن پنهنجي فلم جو بنياد جين جي

ڪتاب تي نہ رکي ها تہ ڪيس سولائي سان اهڙي اسڪرين پلي ملي پئي سگهيو جنهن ۾ اسٽيفن هاڪنگ جي سائنسي ڪاميابين ۽ پنهنجي زال کان آهستي آهستي پرپرو ٿيڻ تي وڏيڪ ڌيان ڏريو ويو هجي ها چاڪاڻ جو هوءَ پنهنجي ماءُ ۽ هڪ جوان ۽ سهڻي پادريءَ جي اثر ۾ اچي تيزيءَ سان مذهب ڏانهن لڙي وئي هئي. اسٽيفن هاڪنگ پنهنجي دور جي بالادست بيانيي کي للڪاريو هو ۽ هُن مذهبي لاڙن خلاف پنهنجي خيالن جي اظهار ۾ ڪڏهن بہ ڪا هٻڪ محسوس نہ ڪئي. پر هدائتڪار وڏيڪ محفوظ رستو اختيار ڪندي مذهب ۽ سائنس وچ ۾ جاري سوچن جي ويڙهہ ۾ وچڙڻ کان پاسو ڪيو آهي.

انجي ابتڙ رومي سلطنت جي پسمنظر ۾ اسڪندريا جي مشهور فلسفي ۽ انگي حساين جي پروفيسر هائپيشا جي زندگيءَ تي ٺهيل فلم اگورا (2009) انهن فلمن ۾ شامل آهي جيڪي اسٽيفن ۽ جين جي جيون تي ٺاهيل فلم کان مختلف آهن. فلم اگورا بہ پنهنجي ڏسندڙن کي ڪجھہ نہ ڪجھہ سوچڻ جي نينهہ ضرور ٿي ڏئي.

اسٽيفن هاڪنگ جي زندگيءَ جا ٽي اهڙا مامرا ضرور آهن جن کي وڏيڪ وسيع انداز ۾ پيش ڪرڻ گهربو هو. هڪ، سندس بيماريءَ جو معاملو، جيڪو وڏيڪ تفصيل سان چٽائڻ گهرجي ها. ٻيو اهم پهلو سندس اُهي نظريا آهن جن سائنسي سوچ ۾ واڌ آندي. فلم ۾ انهيءَ پهلو جو جزوي طور پر احاطو ڪيو ويو آهي. اسٽيفن هاڪنگ جي زندگيءَ ۾ انتهائي اهم ڳالهہ اِها هئي تہ ڪيس هڪ اهڙي بيماري لاحق هئي جيڪا ڪيس لاڳيتو هيٺو ڪندي موت جي منهن ۾ ڌڪي رهي هئي پر ان هوندي بہ هُن مافوق الفطرت طاقتن کي نہ قبوليو ۽ نہ ئي انهن آڏو آڻ مڃيائين نہ تہ ان نوعيت جي ڪنهن بيماريءَ ۾ ڦاٿل ڪو عام ماڻهو تہ آسماني ۽ خيالي سهاري لاءِ ئي هٿوراڙيون هڻندو آهي.

انهن سمورين ڳالهين جي باوجود اِها فلم گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ضرور ڏسڻ گُهرجي.



# PK جي منطق

راجڪمار هيرانيءَ جي فلم ”پي ڪي“ ڏسي انتهائي سرهائي ٿي پر اِهو پروڙيندي پريشاني پڻ ٿي تہ اِها فلم رليز ٿيڻ خلاف زعفراني ٽولي جا چاڙتا بدمعاش جيان غنڊا گرديءَ تي لهي آيا آهن. بهرحال، جيڪڏهن اهڙي ڪا فلم پاڪستان ۾ ٺهي ها تہ انتهاپسندن جو ردعمل شايد انڪان گهڻو وڏيڪ هجي. اِها بہ حقيقت آهي تہ ڪو بہ پاڪستاني هدائتڪار اهڙي ڪا فلم ٺاهڻ جو سوچي ئي نٿو سگهي جنهن ۾ مذهبي عالمن هٿان مذهب جي غلط استعمال تي ڪي سوال اُٿاريا ويا هجن.

اڳ بہ سرحد جي ٻنهي پار هڪ ٻئي شاندار فلم ”او ماءِ گاڊ“ ٺاهي وئي هئي جنهن جو هدائتڪار رميش شڪلا هو. اُن فلم ۾ پڻ ساڳيو ئي خيال پيش ڪيو ويو هو ۽ اهم مذهبن ۽ عقيدن سان تعلق رکندڙ مذهبي اڳواڻن کي هڪ ڪورٽ ۾ جمع ڪيو ويو هو. انهن ٻنهي فلمن جو تقابلي تجزيو ضرور ٿيڻ گهرجي پر انڪان اڳ هاليووڊ جي انهن ٻن فلمن جو ذڪر ضرور ٿيندو جيڪي ويهن صديءَ جي پهرين ۽ پوئين اڌ ۾ ٺاهيون ويون ۽ انهن فلمن پڻ ڏسندڙن کي منطقي انداز ۾ سوچڻ ڏانهن لاڙيو.

ان قسم جي فلمن مان سڀ کان پهرين 1916 ۾ "آسهپ" جي ناليءَ سان هڪ فلم ٺاهي وئي. انجو هدائتڪار ڊي ڊبليو گريفٿ (1875 کان 1948) هو. هيءُ اُهو عظيم هدائتڪار هو جنهن هڪ سال اڳ ئي خاموش فلمن واري دور جي سڀ کان وڏي شاهڪار فلم "هڪ قوم جو جنم" ٺاهي هئي. اِها جيتوڻيڪ هڪ نسل پرستائي فلم هئي پر انجي وسيلي پهريون ڀيرو وڏيڪ جديد ڪئميرا ۽ بيانئي جي حرفتن جي استعمال چڱو موچارو چوٻول مچايو هو. انهيءَ فلم ۾ ڪاري چمڙيءَ وارن امريڪين بابت جيڪو انتهائي تڪراري ۽ منفي تاثر اُڀاريو ويو هو، غلاميءَ کي جهڙي ريت پيش ڪيو ويو هو ۽ ڪوڪلڪس ڪلان بابت جيڪو مثبت نقطي نظر اختيار ڪيو ويو هو تنهن تي تمام گهڻا چوهه چنديا ويا هئا. انهي فلم ۾ جهڙي ريت نسل پرستيءَ کي وڌايو ويجهايو ويو هو ان تي نقادن ۽ سماجي ڏرين طرفان ڏک ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويو هو، فلم جي بائيڪاٽ جي مهم هلائي وئي ۽ ڪيترين ئي سينيمائن جي اوسي پاسي ۽ خود انهن جي اندر ڏقير ۽ ڦڏا پڻ ٿيا هئا.

انتها پسنديءَ خلاف سامهون ايندڙ ردعمل ظاهر ڪيو ته امريڪي عوام فلم ذريعي ڏڪار پکيڙڻ وارو عمل قبولڻ لاءِ راضي ناهي. گريفٿ پنهنجي نقادن کي فلم جي شڪل ۾ ساڻن ٽن ڪلاڪن تي ٻڌل هڪ رزميو ڏنو. انهيءَ فلم جو نالو "آسهپ" هو، جنهن ۾ ڪيئي صديون اڳ سان تعلق رکندڙ چار متوازي ڪهاڻيون گڏوگڏ هلي رهيون هيون، جن ۾ هاڻوڪي دور ۾ جاري ڏوهن ۽ اُڌمن کي بابل واري سلطنت ڪانوني 1572 عيسويءَ ۾ ٿيندڙ سينٽ بار ٿولوميو جي قتلام جي حوالي سان آسهپ تي ٻڌل ڪهاڻين جو گاڏڙ شامل هو. گريفٿ ڪهاڻيءَ جي مختلف ڏيکن کي هڪٻئي سان ڳنڍڻ لاءِ هڪ پينگهو لوڏيندڙ ياچولو استعمال ڪيو هو جيڪو لافاني ماديت جي علامت هو.

هڪ قوم جو جنم جي بيپناهه ڪاميابيءَ جي ابتڙ آسهپ جي شروعاتي واپارڪ ناڪاميءَ گريفٿ کي انتهائي جهوري ڇڏيو پر ان فلم بابت ٿيندڙ مثبت تبصرن جي صورت ۾ هُن اُتساهه وارو انعام ضرور حاصل ڪيو. اڄ به اِها فلم دنيا جي هڪ سئو بهترين فلمن ۾ شامل آهي.

هڪ ٻئي فلم "هوائن جو ورثو" 1960 ۾ سينيمائن ۾ نمائش لاءِ پيش



ڪئي وئي، جنهن ۾ 1925 سان تعلق رکندڙ حقيقي واقعا ڏيکاريا ويا هئا. رياست ٽينسيءَ جي شهر ڊيٽن ۾ ارتقائي علم جي هڪ اُستاد جون اسڪوپس جڏهن ڊارون جو نظريو پڙهائڻ شروع ڪيو ته ڪيس انهن مقامي بنياد پرستن جي ڏمر جو نشانو بڻجڻو پيو جن جو عقيدو هو ته هر جاندار جنهن شڪل ۾ آهي سو شروعات ڪانوني انهيءَ ساڳئي روپ ۾ ئي هلندو اچي. هو ارتقائي نظرئي جا انڪاري هئا ۽ سندن موقف هو ته رياست جو قانون اسڪولن ۾ ارتقائي نظرئي جي تعليم جي جهل ٿو ڪري. اِهو ڪيس ٽينسي بمخالف جون اسڪوپس واري سرڪاري سري هيٺ هو پر مشهور اسڪوپس جي "پولڙي وارو ڪيس" طور ٿيو جيڪو اصل ۾ انجو اشارو هو ته حيوان جهڙوڪ پولڙا ارتقا ڪري انسان بڻيا آهن. انهيءَ نظرئي کي ڪائنات جي تخليق کي الاهي امر ليکيندڙ ۽ سمورن ساهوارن جي جيوت واري عمل کي ارتقا جي پئداوار بدران ڌار ڌار وجود ۾ آيل سمجهندڙ چٽر جوڳو ليکيندا هئا.

ٽيهن ورهين ڪانپوءِ 1955 ۾ ناٽڪ نويس جيروم لارينس ۽ رابرٽ ليءَ هڪ ناٽڪ لکيو جيڪو ڊلي ڊاري طور تي ان ڪيس بابت هو. انهيءَ ناٽڪ ۾ ڏيکاريو ويو ته دنيا انتهائي پيچيدي آهي جتي ماڻهو مختلف عقيدن ۽ نظرياتي وهنوارن ذريعي معناٽون ڦلهورڻ جي ڪوشش ۾ تڪرارن جو شڪار ٿا بڻجن. اِهي وهنوار مذهبي، سائنسي يا سياسي ٿي سگهن ٿا پر انهن وهنوارن منجهه ۽ انهن وچ ۾ پتوڙ موجود هجي ٿي جيڪا ثقافتي تڪرار جي عڪاس هوندي آهي جيڪو حل ڪرڻ شايد ڪڏهن به ممڪن نه ٿئي. انهيءَ فلم ۾ ٽينسيءَ جي ڪورٽ ۾ ٻارنهن ڏينهن تائين هلندڙ ڪيس جي سنسني خيز ڪهاڻي بيان ڪئي وئي آهي ۽ انهن ماڻهن جو بيانيو اڳتي آندو ويو آهي جيڪي تبديليءَ جي قوتن سان ٽڪرائڻ جي ڪوشش ٿا ڪن.

انهيءَ ڪهاڻيءَ تي ٺهيل ناٽڪ کي 1960 ۾ هاليووڊ ڊائريڪٽر اسٽينلي ڪريمر (1913 کان 2001) فلم ۾ تبديل ڪيو. هيءُ اُهو ساڳيو هدائتڪار آهي جنهن اڳتي هلي "نيورمبرگ جو فيصلو" (1961) ۾ نازي ڏوهارين کي ڪورٽ جي ڪٽهري وارن ڏيکن ۾ پيش ڪيو ۽ "پروڙ ته ڪير پوياڙيءَ واري ضيافت تي ٿو اچي" (1967) ۾ ٽن ڏينهن جي مختلف نسلن ۾ شادين جي تڪراري موضوع تي فلم ٺاهڻ کانسواءِ ميڪارٿي ازم جي دور تي

فلم "هوائن جو ورثو" نالي فلم پڻ ناهي. هيءُ اُهو دور هو جنهن ۾ هر انهيءَ امريڪي شهري ۽ هاليووڊ شخصيت کي جبر جو نشانو بڻايو ٿي ويو جنهن تي ڪابي ڌر جو لاڙو رکڻ جو رڳو شڪ ٻه هو. هن فلم ۾ سائنسي ۽ غير سائنسي سوچن وچ ۾ تڪرار ۽ ڪشمڪش ذريعي اها ڳالهه سامهون آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته اِهو ضروري ناهي ته معاشري تي جنهن سوچ يا فڪري لاڙي جي بالادستي هجي سا دُرست ۽ صحيح به هجي.

هندستان جي سماجي فلمن ۾ پڻ معاشري تي حاوي ۽ بالادست سوچن کي للڪارڻ جا لاڙا نظر ٿا اچن. 1936 ۾ "اڇوت ڪنيا" جي سري هيٺ هڪ فلم ٺاهي وئي جنهن ۾ دلت ڇوڪرين جي سماجي حيثيت کي اڏو آندو ويو هو. "پاڪيزه" نالي فلم کي پڻ تمام گهڻي پذيرائي ملي جنهن ۾ هڪ وئشيا جي زندگيءَ کي موضوع بڻايو ويو هو. انهيءَ فلم وئشيا جي پيشي بابت ماڻهن جي سوچ جو انداز بدلائي ڇڏيو. انهيءَ فلم ۾ دکدائڪ ڪردار ڪرڻ ۾ افسانوي شهرت رکندڙ اداڪارا مينا ڪماريءَ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو هو جيڪا ان فلم جي نماءُ جي ڪجهه هفتن اندر گذاري وئي. پاڪيزه فلم مڪمل ڪرڻ ۾ چوڏهن ورهيه لڳا هئا.

1970 ۽ 1980 وارن ڏهاڪن ۾ متوازي سينيما يا "آرٽ فلمن" جي هڪ شاندار دور جي شروعات ٿي پر گذريل ٻن سالن ۾ نهندڙ او ماءِ گاڊ ۽ پي ڪي فلمن معاشري تي حاوي مذهبي سوچن ۽ خيالن کي جنهن همت ڀرئي انداز ۾ للڪاريو آهي تنهن جو مقابلو ڪا ٻئي فلم نٿي ڪري سگهي. او ماءِ گاڊ طنز ۽ مزاح واري هڪ فلم آهي جيڪا هڪ گجراتي ناٽڪ "ڪانجي ويرڊ ڪانجي" تان ڪنئي وئي آهي.



او ماءِ گاڊ جو مرڪزي خيال هڪ آسٽريلوي فلم "هڪ شخص جنهن خدا تي ڪيس داخل ڪيو" تان ڪنيو ويو آهي. ان فلم ۾ اسٽيو ميرز جنهن جو ڪردار بلي ڪونوئيءَ ڪيو هو، گذرسفر لاءِ ماهيگيريءَ جو پيشو ٿو اختيار ڪري پر سندس ٻيڙيءَ تي وڄ ٿي ڪري، نتيجي طور ٻيڙي سڙي سمنڊ ۾ ٻڏي ٿي وڃي. انشورنس ڪمپني سندس دعوا اِهو چئي رد ٿي ڪري ڇڏي ته سندس ٻيڙي خدائي عمل ڪري تباهه ٿي آهي انڪري ڪمپني ان جو معاوضو ڏيڻ لاءِ پابند ناهي، سو هو خدا خلاف هرجاڻي جي دعوا ٿو داخل ڪري ۽ چرچ جي عملدارن کي خدا جي عيوضين طور ڪيس ۾ ڌر ٿو بڻائي.

او ماءِ گاڊ فلم لڳ ڀڳ مڪمل طور تي انهيءَ آسٽريلوي فلم جي ڪهاڻيءَ تي ٺاهي وئي آهي جنهن ۾ اڪشي ڪمار ۽ پاريش راول اهم ڪردار ادا ڪيا آهن جڏهن ته مٿن چڪرورتيءَ جو ڪردار پڻ انتهائي اهم ۽ بنيادي آهي. او ماءِ گاڊ طنز ۽ مزاح جو خوبصورت ڳاڏڙ آهي جنهن نقادن جي پذيرائي ڪانسواءِ ڌماڪيدار ڪاميابي پڻ حاصل ڪئي آهي.

عامر خان ۽ انوشڪا شرما جي فلم پي ڪي 2014 جي آخري هفتن ۾ آئي. انهيءَ فلم خلاف هندو انتها پسند گروهن طرفان شديد رد عمل سامهون آيو جن فلم خلاف احتجاج ڪندي انجي مواد جي ٽڪري جانچ جي گهر ڪئي. فلم ۾ هندو ديوتائن، سندن پوڄارين ۽ ٻين وهم پرستين کي طنز ۽ تنقيد جو نشانو بڻايو ويو آهي جنهن تي بجرنگ دل ۽ ويشوا هندو پريشد جهڙا ساڄيءَ ڌر جا انتها پسند گروهه سخت مچرجي پيا.

پي ڪي جو هدائتڪار راجڪمار هيراڻي آهي، جنهن جو تعلق هڪ اهڙي سنڌي ڪٽنب سان آهي جيڪو ورهاڱي مهل سنڌ مان لڏپلاڻ ڪري هندستان هليو ويو هو. راجڪمار هيراڻيءَ منا ڀائي سيريز جون شاندار مزاحيا فلمون پڻ ناهيون آهن. پي ڪي مذهبي انتهاپسنديءَ خلاف ستوسنئون ٽڪراءُ وارو رستو اختيار ڪيو آهي. انکي هندستاني فلمي تاريخ ۾ سڀ کان وڌيڪ پئسا ڪمائيندڙ فلم جو اعزاز حاصل آهي جنهن هيراڻيءَ جي پنهنجي ئي انتهائي تفريحي فلم "ٿري ايڊيٽس" کي پوئتي ڇڏي ڏنو آهي.

پي ڪي جو مرڪزي ڪردار ڪنهن ٻئي اُپگره تان دنيا ۾ آيل هڪ انسان جهڙو اوپرو آهي جنهن جو خلائي جهاز راجهستان ۾ ٿو لهي پر ڪائنس

انهيءَ جهاز کي اُڏائڻ وارو ريموٽ ڪنٽرول وڄائڻ جي ٿو وڃي. اوپري شخص جو ورتاءُ انتهائي عجيب غريب آهي ۽ هو مدهوشيءَ واري ڪيفيت ۾ ٿو نظر اچي، تنهنڪري ماڻهو ڪيس "پي ڪي" جي نالي سان ٿا سڏين. هو پنهنجي ريموٽ ڪنٽرول جي ڳولا ۾ هيڏانهن هوڏانهن ٿو ڀٽڪي. ماڻهو ڪيس خدا کان مدد وٺڻ جي صلاح ٿا ڏين پر هو هندستان جي مختلف مذهبن جي پيروڪارن جا هشام ۽ روائتون ڏسي پريشان ٿو ٿي پوي. فلم ۾ بي مقصديت تي سوال اُٿاريا ويا آهن ۽ ڏسندڙن کي عقلي طور تي غور ويچار ڪرڻ ڏانهن لاڙيو ويو آهي. انهيءَ فلم جو انتهائي فڪر انگيز ڏيک اُهو آهي جڏهن پي ڪي تازي ڄاول ٻارن جو معائنو ڪري اِهو ٿو پروڙي ته سندن جسمن تي ڪنهن به مذهب جو ڪو نشان ناهي ۽ اُهي سمورا هڪجهڙا ئي آهن، جن مان ثابت ٿو ٿئي ته سندن سچائپ لافاني سچ ناهي پر سماجي حالتون ئي ان جي جوڙجڪ ٺيون ڪن.

جيڪڏهن ڀيٽ ڪبي ته پي ڪي هر لحاظ کان او ماءِ گاڊ کان وڌيڪ بيباڪ ۽ همت ڀري فلم آهي، پر "هوائن جو ورثو" ۾ آسماني صحيفن بابت جيڪي سڌاسنوان سوال اُٿاريا ويا آهن تن کان پي ڪي ۾ پاسو ڪيو ويو آهي. بهرحال اِها ڳالهه مڃڻي پوندي ته وقت لنگهڻ سان هندستاني سينيما ۾ پختگي ايندي پئي وڃي ۽ اُتي هاڻ رومانوي فلمن کانسواءِ ٻين موضوعن تي پڻ فلمون ٺهڻ شروع ٿي ويون آهن. اِهو ويچاريندي اچرج ٿو لڳي ته پاڪستاني فلمون ڪڏهن گجر، پتر ۽ بدمعاش جهڙن موضوعن کان ٻاهر نڪرنديون ۽ هتي به گهٽ مدي خارج موضوعن تي فلمون ٺهڻ شروع ٿينديون.



# هيرو، جيڪو سٺو ورهين جو ٿي ويو

فلمن ۾ هيرو بڻجڻ سولو آهي پر حقيقي زندگيءَ ۾ پوئواري جوڳو نمونو بڻجڻ انتهائي محنت ڀريو ڪم آهي، انڪري ضروري آهي ته انسان ڪا نيڪي ڪرڻ جي همت ساري ۽ بالادست ڪي لللڪاري يا عام ماڻهن جي بهتري ۽ ڀلائيءَ لاءِ ڪو ڀرپور ٻاري. ڪرڪ ڊگلس اِهو سيکجهه ڪري چڪو آهي. 9 ڊسمبر 2016 تي جڏهن سندس ڪٽنب ڀاتين سندس هڪ سئوهون جنم ڏينهن ملهايو ته هو وهيل چيئر تي هئڻ بدران هرڪنهن سان ڪل ڀوڳ ڪندي گهمي ڦري رهيو هو. جيڪڏهن ڪنهن کي هڪ سئو ورهين تائين جيئرو رهڻ جي سڌ آهي ته ڪيس سندس پوئواري ڪرڻي پوندي.

ڪرڪ ڊگلس پنهنجي حقيقي زندگيءَ ۾ هيرو ڪيئن بڻيو؟ اِهو دُرست آهي ته امريڪا ۾ 1950 ۽ 1960 وارا ڏهاڪا ڪميونسٽ مخالف پاڳلپڻي جي عروج وارو دور هئا. جنگ جي مدح سرائي ٿي ڪئي وئي، ذاتي مفاد کي مقدم ٿي ليکيو ويو ۽ فن ۽ ثقافت نفعي جي تابع هئا. اهڙي ماحول ۾ پڻ هاليووڊ ۾ نظرين جي ويڙهاند ٿي نظر اچي، جيتوڻيڪ ان لاءِ به هرڪنهن وٽ هڪجيترا موقعا نه هئا. ڪجهه اهڙا ماڻهو به هئا جيڪي جنگي جنون ۾ قائل نه هئا. هنن انهيءَ تباهيءَ ڀري سرمائيداريءَ کي ان صورت ۾ ئي پيش ڪيو جهڙي اُها هئي. هنن فنڪارن جي مفادن جي حفاظت ڪرڻ ٿي چاهي. انهيءَ

ڪري هنن فنڪارن جي تخليقي جوهر ۽ حساسيت کي انتهائي همدرديءَ سان ٿي آڏو آندو.

پر اڪثريت حساس نہ هئي ۽ ڪرڪ ڊگلس جو تعلق ان قبيل سان نہ هو. سندس بهترين فلمون اُهي آهن جن ۾ ذاتي ملڪيت جي حاڪميت تي منفي انداز ۾ روشني وڌي وئي آهي. ”مارٽاليورس جو عجيب پريم (1946) ۽ چيمپئن (1949) کان وٺي ڀڪي ۾ ڏرڙ (1951) ۽ ڪوجهو ۽ سهڻو (1952)“ تائين سندس ڪردار ڏسندڙ کي سوچڻ تي هرڪائين ٿا تہ ذاتي مفاد جي لوڙ کهڙي ريت معاشري ۾ سنگ سياپن، نيڪ نامين ۽ هڪٻئي جي احترام کي ناس ڪري سگهي ٿي.

چيمپئين هڪ اهڙي فلم آهي جيڪا راندين تي فلمي انداز ۾ ناهيل ڊرامائي فلمن ۾ ليکي ويندي. ان ۾ هڪ اهڙي باڪسر جي پتوڙ کي وائکو ڪيو ويو آهي جيڪو نہ رڳو پنهنجي مخالفن کي زير ٿو ڪري پر پنهنجي دوستن جي پُٺ ۾ ڇُرو کپائڻ کان بہ نٿو ڪيٻائي.

هڪ اهڙي فلم آهي جيڪا سمورن صحافين کي ضرور ڏسڻ گُهرجي. اصل ۾، اِها ڪاروباري ۽ سڌ سماءُ جي ڪلاسن ۾ لازمي طور پڙهائڻ گُهرجي. هڪ ڪل ٽڙيل، ساک کان محروم رپورٽر هڪ وڏي اخبار ۾ پنهنجي ملازمت ٻيهر حاصل ڪرڻ لاءِ هٿوراڙيون ٿو هڻي ۽ ان ۾ هر رڪاوٽ اورانگهي ٿو وڃي. بلي وائلڊر جنهن هڪ سال اڳ ئي پنهنجي شاهڪار فلم ”سن سيٽ بليوارڊ“ جي ڪهاڻي لکي انجي هدائتڪاري ڪئي هئي، هِن فلم ۾ پنهنجو ڪارنامو ورجائيائين جيڪا شروعاتي طور تي تہ تڪرار جو سبب بڻي پر هاڻ سڌسماءُ جي بيحسي ۽ عوام جي مايوسيءَ واري تناظر ۾ هڪ ڪلاسڪ جو درجو رکي ٿي. اِها ڪا اچرج جي ڳالهہ ناهي تہ معاشري کي آئينو ڏيکارڻ جي همت ڪرڻ عيوض اِها فلم ڪمائي جي لحاظ کان ناڪام رهي.

ونسينٽ مينليءَ جي هدائتڪاريءَ هيٺ ٺهندڙ فلم ”ڪوجهو ۽ سهڻو“ ۾ اِهوئي ڪم ڪرڪ ڊگلس ڪيو هو جنهن ۾ هڪ فلم پروڊيوسر شهرت حاصل ڪرڻ جي هٻچ جو شڪار ٿو ٿئي. چيمپئن ۽ سر تيل ڦل وانگر ان ۾ بہ هڪ خود غرض پيشيور شخص پيش ڪيو ويو آهي جنهن آڏو سنگدل ڪاروباري دنيا ۾ حيثيت موجب مقام حاصل ڪرڻ لاءِ ٻين سان جهيڙڻ ۽



ڪين تباهہ ڪرڻ ضروري آهي. ان جي پڄاڻي پنهنجي ذات جي تباهي ۽ اخلاق جي بربادي‍ءَ جي صورت ۾ ٿي ٿئي. سندس ايندڙ ٽي فلمون ”جيون جو چسڪو، عظمت جون راهون ۽ اسپارٽڪس“ انهن فلمن جي بنهہ ابتڙ آهن جهڙي ريت هُن پنهنجي پراڻين فلمن ۾ خاڪي گري ڪئي هئي.

پيغام لِڳ ڀڳ هڪجهڙو آهي پر انجا ڪردار مثبت روپ ٿا اختيار ڪن. اُن وقت هو ليک جي ٻئي پاسي بيٺل آهي. هاڻ هو ڏڪار پريو ولن ناهي پر انجي ابتڙ هڪ وحشي معاشري جو ڏنگيل انسان جيڪو وقار، آزادي ۽ امن جي حوالي سان عوام جي حقن جو ٻي ڊپائتو محافظ آهي. هڪ ڀيرو ٻيهر مينليءَ جي هدائتڪاريءَ ۾ ٺهندڙ فلم جيون جو چسڪو (1956) ونسينٽ وان گاگ (1853 کان 1880) جي جيون ڪٿا آهي. اِها فلم ارونگ اسٽون جي ناول تي ٻڌل آهي جيڪو اڳتي هلي، مائيڪل اينجلو بابت پنهنجي ڪتاب سبب مشهور ٿيو ۽ ان ناول تي بہ ”پيڙا ۽ جنون“ جي سري هيٺ هڪ فلم ناهي وئي.

ڪرڪ ڊگلس پنهنجي شاندار اداڪاريءَ تي آسڪر ايوارڊ حاصل ڪري ٻئي سگهيو جهڙي ريت جيون جو چسڪو لاءِ وينسينٽ حاصل ڪيو هو پر 1956 ۾ ”بادشاهہ ۽ آءٌ“ لاءِ هڪ ٻئي اعليٰ درجي وارو ڪردار ادا ڪندڙ يول برائنر کي بهترين اداڪار جو آسڪر ايوارڊ ڏنو ويو. ڪرڪ کي مهاڀاري لڙائي مخالف فلم عظمت جون راهون (1957) ۾ موهيندڙ ڪردار ادا ڪرڻ تي پڻ ايوارڊ کان محروم رکيو ويو جنهن ۾ هُن انهن فرانسيسي سپاهين جي ڪمانڊنگ آفيسر جو ڪردار ادا ڪيو هو جن پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ جرمنيءَ خلاف آپگهاتي حملا جاري رکڻ کان نابري واري هئي. آفيسر (ڪرڪ) پنهنجي سپاهين جو بچاءُ ڪرڻ واسطي فوجي ڪورٽ آڏو سينو سپر ٿو ٿئي جن تي ڪائرتا جو الزام ڏريو ويو هو.

هو ڪورٽ مارشل جي ڪاروائي روڪرائڻ ۾ ناڪام ٿو رهي پر معقوليت لاءِ سندس وڪالت ۽ سنجيدگيءَ سان ويچارڻ واسطي سندس دليل ڏسندڙن کي جنگ کان ڏڪار ڏانهن لاڙين ٿا. ڪرڪ ڊگلس اسپارٽڪس (1960) ذريعي ڪاميابي ماڻي. غلامن جي بغاوت بابت سورهائپ واري انهيءَ تاريخي داستان جون هدائتون اسٽينلي ڪيوبرڪ ڏنيون هيون. فلمي منظر نامي جو ليکڪ ڊالٽن ٽرمبو کي ڪميونسٽ سياست لاءِ سندس همدردين

ڪري اسٽوڊيو وارن بليڪ لسٽ ڪري ڇڏيو هو. ڪرڪ ڊگلس نہ رڳو انهيءَ پابنديءَ جي ڀڃڪڙي ڪئي پر سندس فلم جي منظر نگاريءَ جو اعتراف بہ ڪيائين جنهن ذريعي "اڻ-امريڪي سرگرمين بابت ايوان جي ڪميٽي" (HUAC) طرفان شروع ڪيل الزام تراشيءَ جي خاتمي ۾ هٿ ونڊائين.

ايندڙ سالن ۾ ڪرڪ ڊگلس انسان دوست بڻجي ويو ۽ واهر لائق آبادين جي چڱڀلائيءَ واسطي ڏهہ ڪروڙ ڊالرن ڪان وڌيڪ عطيو ڪيائين. هُن بي گهر ۽ الزائمر بيماريءَ ۾ ورتل ماڻهن جي واهر ڪئي. ٻارن لاءِ چار سئو ڪان وڌيڪ راندين جا ميدان جديد سهولتن پريا ڪيائين. ڪو حقيقي هيرو انڪان وڌيڪ ڀلا ٻيو ڇا ٿو ڪري سگهي؟



# پولينڊ جي سينيما جو عظيم ستارو

اوهان جيڪڏهن ڊي پيانسٽ ۽ ٽي رنگ فلمون ڏٺيون آهن تہ پولينسڪي ۽ ڪائي زلوفسڪي جي نالن ڪان پڪ سان واقف هوندا. اهي ٻئي پولينڊ جاوا ڊائريڪٽر آهن پر فلمسازيءَ ۾ عالمي شهرت ماڻڻ ڪان گهڻو اڳ، پولينڊ جي سينيما جو عظيم ستارو، اڪيڊمي ايوارڊ حاصل ڪندڙ آندري وائدا موجود هو جنهن پولينڊ جي معاشري جي گهڻ ۾ گهڻ هڪ سئو ورهين کي پنهنجي ڪئميرا ۾ محفوظ ڪيو هو. وائدا 19 آڪٽوبر 2016 تي نوي ورهين جي ڄمار ۾ دنيا ڪان موڪلائي ويو ۽ پنهنجي پويان فن جو هڪ ورثو ڇڏي ويو جنهن ۾ پولينڊ جي نازي ۽ ڪميونسٽ دورن جو ڀرپور احاطو ڪيو ويو آهي.

سندس ڀهرين هدائتڪاريءَ واري فلم "هڪ نسل" (1955) ڪان پنهنجي تجزئي جي شروعات ٿا ڪريون. اِها ٻين مهاڀاري لڙائيءَ تي لکيل ناول تي ٻڌل سندس جنگي فلمن جي ٽن حصن مان ڀهرين هئي. ڪهاڻي ٻن نوجوانن جي چوڌاري ٿي ڦري، جيڪي معمولي چور آهن پر پولينڊ تي جرمن قبضي کي قبول نٿا ڪن. ڳجهي ڪميونسٽ مزاحمت سيل ۾ شامل ٿيڻ ڪان

اڳ هنن جرمن سپلاءِ ريل گاڏيءَ مان ڪوئلو چورائڻ جهڙي بغاوت جون ڪِل جوڳيون وارداتون شروع ڪيون هيون. فلم ۾ انهيءَ ڳالهه جي شروعاتي پٽڪ ڏني وئي آهي تہ بغاوت دوران يهودي وسنديءَ ۾ ڪهڙي ريت امدادي ڪاروايون ڪيون ٿي ويون.

جيئن تہ وائدا پاڻ بہ پولينڊ مزاحمت ۾ شامل رهيو هو تنهنڪري اِها لڳ ڀڳ سچي فلم اکين ڏٺو احوال ئي ليکي سگهجي ٿي. هڪ نسل ڪانپوءِ هُن ڪينال ۽ ڦلهير ۽ موتي ذريعي اِهي ٽئي حصا مڪمل ڪيا. تيزيءَ سان 1975 ڪانپوءِ وارن ويهن سالن جو جائزو وٺبو تہ وائدا "وعدو ڪيل ڌرتي" جي هدائتڪاري ڪندي نظر ايندو جنهن ۾ صديءَ جي پڇاڙيءَ تي پولينڊ جي صنعتي علائقي جي جيوت ڏيکاري وئي آهي. فلم ۾ شروعاتي دور جي صنعتڪارن کي نفعو پرائڻ لاءِ ڇتي ڇٽاپيٽيءَ ۾ رڌل ڏيکاريو ويو آهي پر ڪين خطرناڪ ۽ صفائي کان وانجهيل ڪارخانن ۾ پورهيتن جي ڪم ڪار جي غير محفوظ حالتن بابت ذرو بہ اڻو ناهي جيڪي سندن عياشي ڀري رهائشگاهن جي ڀيٽ ۾ جمالياتي حس ۽ ثقافتي اهڃاڻن کان وانجهيل آهن.

وائدا جي فلم هڪ اهڙي دنيا جي ساروٽي من ۾ تازي ٿي ڪري جنهن ۾ ڊڪنز، زولا ۽ گورڪي جيئرا ٿي سامهون تا اچن. هو هڪ پولستاني، هڪ يهودي ۽ هڪ جرمن جي ڪردارن کي دوستن طور گڏ ٿو ڪري جيڪي هڪ ڪارخانو ناهڻ لاءِ پنهنجون رقمون ٿا گڏ ڪن. پنهنجي غيرمعمولي ذهني صلاحيتن جي آڌار تي ڊائريڪٽر قوميت ۽ مذهب جي سمورن مت ڀيدن کي ڌار ڪري ٿو رکي تہ جيئن خوشحال آئيندي جي بيرحم پُٺ وٺڻ وارو عمل ڏيکاري سگهجي. فلم بي انت سرمائيداريءَ جي ڇتي نقاد آهي ۽ انجا ڪردار آئيندي کي خوشحال بنائڻ واسطي نون امڪانن مان لاڀ پرائڻ لاءِ هر مهل



تيار ٿا هجن. "وعدو ڪيل ڌرتي" جو گهڻي ڀاڱي حصو ڪارخانو قائم ڪرڻ جو شروعاتي سرمايو حاصل ڪرڻ جي پتوڙ بابت آهي.

اڄ ايڪويهين صديءَ جي بزنس اسڪولن ۾ واپار وڻج بابت مضمون پڙهايا ٿا وڃن ۽ شروعاتي سيڙپڪاري ۽ سوڻيءَ جهڙن اصطلاحن وسيلي هرڪنهن کي هيڇايو ٿو وڃي. اسين وعدو ڪيل ڌرتيءَ ذريعي ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ شاگردن کي اِهو سيکاري سگهون ٿا تہ فلم ۾ ڏيکاريل شيئرز جي وڪري مان حاصل ڪيل نفعي ذريعي ڇو سرمائيدار نہ ٻٽجڻ گهرجي. وائدا انهن ماڻهن ۾ انهن ماتحتن لاءِ انساني همدرديءَ جي اٿهوند تي روشني ٿو وجهي جيڪي نرڄا ٿي بهتر آئيندو ٿا ڦلهورين. پڇاڙيءَ ۾ فلم سُٺي مستقبل جي دولاب کي وائکو ڪرڻ واسطي ان کي برقرار رکڻ جي قيمت کان ٿي واقف ڪري يعني لاڳيتو هڻ هٽان ۽ اخلاقي قدرن جي لتاڙ.

وعدو ڪيل ڌرتي ادب ۾ پولينڊ جي پهرين نوبل انعام يافتا ليکڪ وليد سالاريمونٽ جي ناول تي ٻڌل آهي جيڪو پنهنجي انعام يافتا چئن حصن تي ٻڌل ادبي شاهڪار "هادي" جي حوالي سان انتهائي شهرت رکندڙ آهي.

ان ڪانپوءِ سنگ مرمر جو ماڻهو (1977) ۽ فولادي شخص (1981) ۾ تبديليءَ واري عمل مان لنگهندڙ قوم جو سلسليوار تفصيل ڄاڻايو ويو آهي جڏهن ڪميونزم تي طاري جمود ٽٽڻ ٿو لڳي. گڊانسڪ ۾ بندرگاهہ جي هڙتالي پورهيتن کان پڇا ڳاڇا ٿي ڪئي وڃي ۽ 1968 ۽ 1970 وارن احتجاجن جون اصل خبري جهلڪيون سامهون ٿيون اچن جن آزاد انجمنن ۽ ساليڊرٽيءَ کي جنم ڏنو هو. فولادي شخص ۾ وائدا گڊانسڪ بندرگاهہ جي 1980 وارن واقعن کي ورجائي ٿو ۽ حڪمران پارٽيءَ طرفان اختلافي راءِ ڇيپائڻ سبب متاثر ٿيل ماڻهن جي زندگين ۾ جهاتي پائڻ لاءِ صحافيائي جانچ پڙتال استعمال ڪئي وئي آهي.

هڙتالي پورهيتن جي جاسوسيءَ لاءِ ڳجهي ريت اُماڻيل جاسوس مائي پنهنجو پاڻ کي سازباز ڪندڙن ۽ آپيشاهيءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي سڌ رکندڙ ماڻهن وچ ۾ ونديل ٿي پائي. پورهيتن تي آگر ڪٽڻ بدران هوءَ پارٽيءَ جي بچاءَ ڏيندڙ ذهني ڏيوالپڻو ٿي محسوس ڪري. فلم ساليڊرٽي

پورهيت تحريڪ جي بهترين خاڪي نگاري تي ٻڌل آهي جنهن پورهيتن جي آزاداڻي طور تي يونين ٺاهڻ واري حق کي مڃرائي پولينڊ تي ڪميونسٽن جي گرفت هيٺي ڪئي. فلم ۾ وائدا جي پهرين فلم سنگ مرمر جو ماڻهو جي ڪهاڻي اڳتي وڌائڻ لاءِ انجي اصل ڪردار جي پٽ کي ڪميونسٽ مخالف پورهيت تحريڪ ۾ شامل نوجوان پورهيت طور استعمال ڪيو ويو آهي.

نوجوان پورهيت واضح طور تي ليخ ويلسا جهڙو آهي جيڪو مستقبل ۾ پولينڊ جو صدر بڻيو. وائدا ڪميونسٽ حڪومت ۾ اهڙي تنقيدي فلم ڪيئن ٺاهي سگهيو؟ لڳي ٿو ته 1980 جي وچ ڌاري ساليڊرٽيءَ جي ٺهڻ کانپوءِ ۽ ڊسمبر 1981 ۾ انکي چيپاٽڻ واري وچئين عرصي ۾ ڪميونسٽ سنسرشپ ڪجهه عرصي لاءِ جهڪي ٿي هئي. وائدا انهيءَ نرميءَ جو ڀرپور فائدو وٺندي فولادي شخص جون هدائتون ڏنيون جيڪا سندس انهن چئن فلمن مان هڪ هئي جيڪي بهترين پرڏيهي فلم لاءِ آسڪر ايوارڊ لاءِ نامزد ٿيون.

پڇاڙيءَ ۾ وائدا بابت ڪاٻه ڳالهه ٻولهه "ڪيٽين" (2009) جو ذڪر ڪرڻ کانسواءِ اڻپوري رهندي جنهن ۾ ڪيترين ئي نسلن تي اثرانداز ٿيندڙ پولينڊ جي تاريخ جو هاڃو بيان ڪيو ويو آهي.

1939 نازي جرمني ۽ سوويت يونين پولينڊ تي ڪاهه ڪئي ۽ ٻين مهاڀاري لڙائي جي شروعات ۾ وڏي تعداد ۾ پولينڊ جا فوجي هٽلر ۽ اسٽالين جي بربريت جو ڪاچ بڻيا. ڪيٽين ۾ اِها ڪهاڻي عورتن ذريعي بيان ڪئي وئي آهي جن جو 1940 ۾ اسٽالين جي حڪم تي موت جو ڪاٺ بڻايل پولينڊ واسين سان تعلق هو.

ظلم جو شڪار بڻجندڙن مان هڪ جي محفوظ ڪيل ڊائريءَ ۾ دهشت جي مڪمل منظر ڪي وائکو ڪيو ويو آهي ۽ انتهائي من ڦسائيندڙ انداز ۾ واقعا بيان ڪيا ويا آهن. اصل ۾ وائدا جو پيءُ پڻ انهن ماڻهن مان هڪ هو جن کي ڪيٽين واري قتلام ۾ اسٽالين جي چاڙتن قتل ڪيو هو.

پولينڊ جي تاريخ ۽ ان تي نازين ۽ سوويت ڪميونسٽ حاڪمن ذريعي پوندڙ اثرن ۾ دلچسپي رکندڙ تخيل پرستن لاءِ وائدا هڪ اهڙو شاهڪار تخليق ڪيو آهي جنهن کان فلمن جي شوقين کي ڪنهن به صورت محروم نه رهڻ گهرجي.



# عباس ڪيا رُسمتي: تجرباتي فلمون ٺاهيندڙ هدايتڪار

2016 ۾ گذاري ويل ايراني فلمساز عباس ڪيارستمي تجرباتي فلمون ٺاهيندڙ ايراني هدائتڪارن مان هڪ هو، جن ۾ داريوش مهرجوئي، محسن مخمل باف ۽ جعفر پناهي شامل آهن. 1963 ۾ جڏهن فارسيءَ جي عظيم شاعر فروغ فرخ زاد "خانه سياه است" (گهر ڪارو آهي) جي سري هيٺ فلم ٺاهي ۽ 1968 ۾ داريوش مهرجوئيءَ "گاؤ" (ڳئون) نالي فلم جون هدايتون ڏنيون ته ان جي نتيجي ۾ ايران ۾ فلمسازيءَ جي هڪ نئين لهر جي شروعات ٿي جنهن اڳتي هلي محسن مخمل باف ۽ عباس ڪيارستميءَ جهڙن هدائتڪارن کي همٿايو.

ايران کان اڳ يورپ ۾ ان نوعيت جي فلمن ٺاهڻ جي شروعات ٿي چڪي هئي، خاص طور تي اٽليءَ ۽ فرانس ۾ ڪيترين ئي تجرباتي فلمون ٺاهيون ويون جيڪي ٻين مهاڀاري لڙائي کانپوءِ يورپ جي شاندار عڪاسي ٿيون ڪن. بهرڪيف، "ڳئون" نالي فلم ۾ شهنشاهه ايران جي دور جي اهڙي عڪاسي ڪئي وئي آهي جنهن ۾ معاشرو پنهنجي ماضيءَ جي ساروڻين سان ڇهٽيل ٿو نظر اچي. شاهه جي دور

ڪانپوءِ خميني راڄ ۾ پڻ اظهار جي آزاديءَ تي پابنديون برقرار رهيون، نتيجي طور 1980 واري ڏهاڪي ڪان فلمسازن اهڙن موضوعن تي ڪم ڪيو جن تي علامتي انداز ۾ فلمون ٺاهڻ ممڪن هو. انهيءَ دور ۾ عباس ڪيارستميءَ "ڪلوزاپ" جي سري هيٺ هڪ فلم ٺاهي جيڪا 1990 ۾ رليز ٿي. انهيءَ فلم عباس کي ڏيهان ڏيهه مشهور ڪري ڇڏيو. اِها هڪ نيم دستاويزي فلم هئي، جنهن ۾ بيانيي کي حقيقي روپ ۾ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ڪلوزاپ ۾ هُن انهن ئي ماڻهن کي ڪنيو آهي جيڪي انهيءَ ڪهاڻيءَ جا اصل ڪردار آهن.

انهي فلم جو پسمنظر اهو آهي تہ 1989 ۾ ڪيارستميءَ هڪ خبر پڙهي تہ هڪ ٺڳيندڙ بهروپيئي شخص مشهور ايراني هدائتڪار محسن مخمل باف جو روپ ڌاري هڪ ڪٽنب کي بيوقوف بڻائيندي کين آسرو ڏنو تہ هو هدائتڪار طور سڄي ڪٽنب کي پنهنجي فلم ۾ مختلف ڪردار ڏيندو. شروعات ۾ تہ اهو ڪٽنب سندس دولاب ۾ اچي ويو پر اڳتي هلي شڪ پوڻ تي پوليس کي اطلاع ڪيائون جنهن بهروپيئي کي سوگهو ڪري ورتو. اِها خبر پڙهڻ ڪانپوءِ ڪيارستميءَ ڪورٽ کي درخواست ڪئي تہ ڪيس انهيءَ واقعي تي فلم ٺاهڻ جي اجازت ڏني وڃي. اڳتي هلي اِهو ڪٽنب پڻ ان تي راضي ٿي ويو سو ڪيارستميءَ بهروپيئي سوڌو حقيقي واقعن ۽ ان جي ڪيس تي هڪ فلم ٺاهي جيڪا انتهائي گهڻي ڪامياب ٿي. جيتوڻيڪ حقيقي واقعن تي اڳي بہ فلمون ٺهنديون رهيون هيون پر شايد اِهو پهريون پيرو هو جو پيشور اداڪارن بدران فلم ۾ اصل ڪردارن کي ڪنيو ويو ۽ ان ريت اِها پنهنجي نوعيت جي پهرين فلم ثابت ٿي. اِها ڪا عام دستاويزيءَ فلم نہ هئي جنهن ۾ حالتن ۽ واقعن کي پيش ڪيو ويو هجي پر ان فلم ۾ ڪيارستميءَ شاندار هدائتڪاريءَ جو مظاهرو ڪندي سچ ۽ ڪوڙ کي اهڙي ريت پيش ڪيو آهي جو ڏسندڙ روپ ۽ بهروپ ۾ دنگ رهجيو وڃي. اِها فلم فلش بيڪ (ماضي ڏانهن موٽ) ۾ تيار ڪئي وئي آهي ۽ ساڳ اهڙي ريت جو حقيقت ۽ اداڪاريءَ ۾ فرق ڪرڻ ڏکيو ٿيو پوي. اِهو ئي سبب هو جو ان فلم استنبول ۽ مانٽريال جي ڪيترن ئي فلمي ميلن ۾ ڪيترائي انعام حاصل ڪيا.

ڪيارستميءَ جي ايندڙ تجرباتي فلم "مطعم گِلاس" (چيريءَ جو ذائقو) هئي جيڪا 1997 ۾ ٺاهي وئي. انهيءَ فلم ۾ اڌڙوٽ ڄمار واري شخص



جو ڪردار همايون ارشاديءَ ڪيو آهي جيڪو تهران جي پسگردائيءَ ۾ موٽرڪار هلائيندي ڪنهن اهڙي شخص جي ڳولا ۾ آهي جيڪو سندس پنهنجي هٿن سان کوٽيل قبر ۾ کيس دفنائڻ تي راضپو ڏيکاري. هو پنهنجي موٽرڪار ۾ مختلف ماڻهن کي لفٽ ٿو ڏئي جن مان ڪو ڪرد آهي تہ ڪو افغان تہ ڪو وري آذربائيجاني پناهگير جيڪي پنهنجي پنهنجي ڪهاڻي ٿا ٻڌائين. افغانستان ۽ ڪردستان ۾ جنگ جا قصا ٿا ڄاڻائين. ڪرد ۽ افغان تہ ڊرائيور کي سندس قبر ۾ دفنائڻ کان نابري ٿا وارين پر آذربائيجاني ان لاءِ تيار ٿو ٿي وڃي. انهيءَ فلم جي تياريءَ لاءِ موٽرڪار جي ڊيش بورڊ تي ڪئميرا هنيل آهي. اِها فلم ايراني معاشري جي بهترين عڪاسي ٿي ڪري جتي اِهو فيصلو نہ پيو ٿي سگهي تہ ڪنهن کي دفنائڻو آهي ۽ ڪنهن کي نہ. جيتوڻيڪ ڪيارستميءَ فلم ۾ اِهو قطعي طور تي نہ ڄاڻايو آهي تہ اصل ۾ آپگهات تي سندرو ٻڌل اِهو شخص ايراني رياست جي علامت آهي جيڪو افغانستان ۽ آذربائيجان جي پيڙائن جو مظهر آهي.

ڪيارستميءَ جي ايندڙ تجرباتي فلم 1999 ۾ ٺاهيل "واچوڙو اسان کي اڏاري ڇڏيندو" هئي، جنهن جو مرڪز ڪردستان جو هڪ جابلو ڳوٺ هو جنهن جا رهواسي هڪ سئو ورهين واري هڪ پوڙهي مائي جي موت جا منتظر ۽ ماتم لاءِ تيار هئا. انهيءَ پوڙهيءَ جي مرڻ ۽ انڪانپوءِ وارن واقعن جي فلمبندي ڪرڻ واسطي فلم جو عملو بہ اُتي پهچي ٿو وڃي پر پوڙهي سخت جان ثابت ٿيندي مرڻ جو نالو ئي نٿي وٺي. سمورا ڳوٺ واسي ۽ فلم جو عملو انتهائي بيچين ٿا ٿين ۽ ان دوران هر هر اطلاع ايندا ٿا رهن تہ پوڙهيءَ جي حالت نازڪ آهي. فلم جي عملي جو سربراهه پنهنجي موبائل فون ذريعي شهر وارن سان رابطي ۾ آهي پر سگنل ڪمزور هئڻ سبب هر هر رابطو ٽٽي ٿو پوي. اِها فلم بہ فلسفياڻي نوعيت جي آهي جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ مدي خارج روائتون ۽ معاشرو پساهه ڏيڻ لاءِ تيار ناهن جڏهن تہ نئين سپيتا جا سگنل پڻ پهچي نہ پيا سگهن. گهران اطلاع آڻيندڙ ٻار نئين نسل جي نمائندگي ٿو ڪري جيڪو ٻاهرين دنيا کان ايندڙ عملي سان رابطي ۾ آهي. انهيءَ فلم کي جيڪڏهن ايران جي هاڻوڪين حالتن سان ڳنڍي ڏسجي تہ اِهو سمجهه ۾ ايندو تہ ڪهڙي ريت ايران ۽ اولهہ واريون طاقتون هڪٻئي سان رابطي ۾ آهن بہ تہ نہ بہ آهن. انهيءَ فلم کي پڻ عالمي پذيرائي حاصل ٿي.

ڪيارستميءَ جي ٻين ذڪر جوڳين فلمن ۾ شامل 2001 واري فلم "اي بي سي افريڪا" يوگينڊا جي يتيمن بابت آهي. 2002 ۾ ٺاهيل فلم "ڏهه" پڻ هڪ تجرباتي فلم آهي. اِها سڄي فلم هڪ موٽرڪار ۾ ٺاهي وئي آهي، جنهن ۾ هڪ ڊرائيور مائي ڏهن مختلف ڪردارن سان سفر دوران ڳالهه ٻولهه ڪندي ٿي رهي ۽ هر مسافر پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائڻ ۾ گُم ٿيو وڃي. انهيءَ فلم ۾ ڏهه عورتون پنهنجا پنهنجا مسئلا ٿيون ڄاڻائين جن مان هڪ نئين ڪنوار آهي جنهن کي سندس گهوٽ ڇڏي ڏنو آهي. هڪ وئشيا آهي ۽ ٻن عورتن جي هڪ اهڙي جوڙي آهي جيڪا ڪنهن عبادت لاءِ نڪتل آهي.

ان ڪانسواءِ 2008 ۾ ٺهندڙ فلم "شيرين" ۾ ايران ۽ پرڏيهه جي هڪ سئو ملڪن جي اداڪارائن حصو ورتو جيڪو هڪ ٿيٽر ۾ ٻارهين صديءَ جو مشهور داستان "خسرو ۽ شيرين" ڏسي رهيون آهن. اِهي سموريون اداڪارائون ٻڙڪ بہ نٿيون ٻولين رڳو پنهنجي چهري جي تاثرن ذريعي داستان جي جملن تي رد عمل ٿيون ظاهر ڪن. سڄي فلم ۾ داستان جا مڪالما ٻڌڻ ۾ تہ اچن جڏهن تہ ڪئميري تي رڳو ڏسندڙ عورتن جا چهرا ئي نظر اچن. ٿي سگهي ٿو تہ ڪو ڪيارستميءَ کي فلسفي يا تجرباتي فلمساز ليکي پر اصل ۾ هو انتهائي وڏو هدائتڪار آهي جنهن نون خيالن ۽ تصورن کي حقيقت جو روپ ڏنو، انوکا تجربا ڪيا ۽ ڏاڍ ڏمر واري ماحول ۾ ڏسندڙن کي ڪجهہ سوچڻ تي هرڪيائين.



# فطرت ۽ سينيما

ڪنبڻي پئدا ڪندڙ واچوڙا، برفاني ڇپون، خطرناڪ لاهيون، مٽي ۾ ڦيري وجهندڙ اوچايون ۽ ساهہ نپوڙيندڙ فطرت، اُهي جزا آهن جيڪي ويهين صديءَ ۾ فلمن جا ڪجهہ شاهڪار تخليق ڪرڻ واسطي فلمن جي شوقينن لاءِ استعمال ٿيا آهن. پاڪستاني سينيمائن ۾ "عقابن جو نشيمن" (1968) طور آيل فلم ۾ برف سان سٽيل جبلن جي ٻئي پر ڪيبل ڪارن سان لٽڪندڙ ايسٽ ووڊ ۽ رچرڊ برٽن اسان کي اچرج ۾ وجهيو ڇڏين. جڏهن ٽيليمارڪ جا سورما (1965) ۾ ناروي جي هڏيون ٽوڪائيندڙ ٿڌ جو مقابلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي ڪرڪ ڊگلس ۽ رچرڊ هيرس کي ڏسندي ساهہ مُٺ ۾ اچيو وڃي. اِهي جنگي فلمون هيون جن ۾ فطري عنصرن سان گڏ انساني تال ميل جي عڪاسيءَ بدران اتحادي فوجن جي ساراهہ تي زور ڏنو ويو.

سڊني هيئرس اِهو ڪم 1966 واري پنهنجي فلم "ڪوڙڪي" ۾ شاندار ريت ڪيو آهي. جڏهن اِها فلم 1970 واري ڍاڪي جي وچ ڏاري پاڪستان ۾ ڏيکاري وئي تہ وڏي پئماني تي ماڻهن جو ڌيان ڇڪرايائين ۽ ڏسندڙن سخت مهاندن واري شڪاري اوليور ريڊ ۽ هيسيل ننڍڙي ريٽا

شنگهم کي انتهائي پسند ڪيو، جنهن کي هو ڊيوڊلين جي فلم ڊاڪٽر زواگو ۾ عمر شريف جي ننڍڙي ڌيءَ جي ڪردار ۾ ڏسي چڪا هئا.

ڪوڙڪي مهم جوئيءَ تي ٻڌل فلم هئي جنهن جي فلمبندي برطانوي ڪولمبيا جي ڪينيڊين صوبي جي گهاٽي جهنگ ۾ ٿي. ڪهاڻي هڪ ڪوجهي شڪاري ۽ هڪ گونگي يتيم ڇوڪريءَ جي چوڌاري ٿي ڦري. ڪوڙڪي هڪ اصطلاح آهي جيڪو اهڙي شخص لاءِ استعمال ڪيو ٿو وڃي جيڪو جهنگلي جانور ڦاسائڻ لاءِ ڄار ٿو وڇائي. انهيءَ طريقي سان جانورن کي سندن کُل لاءِ پڪڙيو ويندو آهي. اهڙي شڪار کي کُل جهٽڻ ۽ شڪاريءَ کي کُل جو شڪاري سڏيو ويندو آهي. فلم ڪوڙڪي اوڻهويهين صديءَ جي ڪينيڊا بابت آهي جتي لابيٽ نالي کُل جو هڪ شڪاري هڪ گونگي ڇوڪري ايو کي پنهنجي زال بنائڻ لاءِ خريد ٿو ڪري ۽ کيس سندس مرضيءَ جي ابتڙ برطانوي ڪولمبيا جي جهنگ ڏانهن وٺي ٿو وڃي. ايو جي بداعتمادي، ڊپ ۽ شڪاريءَ کي پسند نه ڪرڻ سبب هو هڪ پيچيدي سنگ سياپي جي شروعات ٿا ڪن. ڪهرو ۽ اڪيلائپ جو ستايل شڪاري پنهنجو پاڻ کي ايو تي مڙهي ٿو ۽ کيس ٻڌا جو هنر ٿو سيکاري پر راتيون پنهنجي بستري تي اڪيلو ٿو گهاري. فلم اوڏي مهل هڪ دلچسپ موڙ ٿي اختيار ڪري جڏهن شڪاري جابلو شينهن جي حملي جو نشانو ٿو بڻجي ۽ پنهنجي ئي اُن ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسيو پوي جيڪا هُن رڇ پڪڙڻ لاءِ وڇائي هئي. هو زخمي حالت ۾ پنهنجي جهونپڙيءَ ڏانهن گسڪندو اچڻ ٿو چاهي پر بڪايل بگهڙن جي ور ٿو چڙهي. بگهڙن سان سندس مقابلو ۽ پنهنجي بقا لاءِ سندس پتوڙ ڏسندڙن جو ساهه مُٺ ۾ ڪريو ڇڏي.

هو ۽ بگهڙ جهونپڙيءَ جي پرسان ٿا پهچن ته بندوق هلائڻ سکيل ايو جي مهارت بگهڙن کي ڊوڙايو ڪڍي. ان ڪانپوءِ ايو ويجهڙائي واري ريڊ انڊين ڳوٺ مان دوا دارو ڪندڙ شخص کي آڻڻ لاءِ ٻن ڏينهن واري مسافريءَ تي ٿي رواني ٿئي. ڪينيڊا جي سياري واري مُند ۽ برفاني ڇوڙين وارو اِهو ڏکيو پنڌ بي ثمر ٿو ثابت ٿئي ڇاڪاڻ جو اُهو ڳوٺ اُجڙي چڪو هو. هتين خالي واپس موٽڻ تي ايو پروڙيو ته شڪاريءَ جو گهاءُ زهريلو ٿي چڪو آهي ۽ ڪهاڙيءَ سان پنهنجي مڙس جي زهر وڪوڙيل ٽنگ ڪپڻ وارو ڏيک سچ پچ ته رت



ڄمايو وجهي. پر فلم "موت کان موٽندڙ" جي ڪجهه ڏيکن جي اُبتڙ هيءُ ڏيک مڪمل طور تي حقيقي ٿو لڳي. جنهن تي اڳتي ڳالهه ٻولهه ڪبي.

ٻڙيءَ کان هيٺ گرمي پد ۾ شڪاريءَ جي بقا بابت هڪ ذڪر جوڳي فلم "جرميا جانسن" (1972) آهي. ياد نٿو پويم ته ڪو اِها فلم پاڪستان ۾ آئي به هئي يا نه پر واشنگٽن ۾ انجي ڊي وي ڊي خريد ڪرڻ جو وجهه مليو ويو ۽ فلم ڏسي دنگ رهجي ويس. فلم جي ڪهاڻي گهٽي پاڳي پترائين جبلن تي ٻڌل آهي جتي نوجوان اڳوڻو پر ڀڳوڙو فوجي جرميا جانسن ڳتيل آباديءَ وارن علائقن کان پاڄ ٿو ڪاڍي. هو هڪ اڪيلائپ پسند جابلو شخص بڻجيو وڃي ۽ هڪ مددگار ريڊ انڊين همراهه کان بقا جون حرفتون ٿو سکي. هو جانورن کي پالڻ جي ڪوشش ٿو ڪري پر جابلو علائقي ۾ گهڻو ڏورانهون وڃڻ واري سندس غير حاضريءَ ۾ اِهي جانور مريو پون.

هو برفاني ڇپن تي پيرين پنڌ سفر جاري ٿو رکي ۽ هڪ تباهه ٿيل وسندي ٿو پهچي جنهن ۾ چوڌاري مئل ماڻهن جا لاش پکڙيل آهن، اُتي هڪ ماءُ ۽ سندس ٻار سان ٿو گڏجي جيڪي ڪنهن واهر جا منتظر آهن. هو کين پنهنجو ساٿي ٿو بڻائي ۽ ٽئي پنهنجو سفر اڳتي ٿا وڌائين. هڪ جهڳيءَ ۾ تاڪ ٿا ڪن پر مٿن حملو ٿو ٿئي جنهن ۾ عورت ۽ سندس ٻار مارجيو وڃن پر جرميا وڌيڪ پيڙا سهڻ لاءِ جيئرو ٿو بچي وڃي.

هيءُ فلم هڪ فوجي ڀڳوڙي جي سچي داستان تي ٻڌل آهي جيڪو جنگين ۾ وڙهڻ کان بيزار ٿي جبلن ڏانهن ڀڄي نڪتو هو، جتي ڪيترائي ڏهاڪا گذارڻ ڪانپوءِ گذاري ويو. جرميا جانسن کي ڏکين جابلو علائقن جي لوڪ گيتن ۾ اڄ ڏينهن تائين هڪ ڏند ڪٿائي حيثيت حاصل آهي. سڊني پوليڪ ان فلم جون ماهراڻي انداز ۾ هدائتون ڏنيون هيون. هُن ايندڙ وقت ۾ ٽوٽسيا (1982) ۽ "افريڪا بدري" (1985) جهڙيون يادگار فلمون پڻ ڏنيون. انهن ٻنهي فلمن آسڪر ايوارڊ حاصل ڪيا. ست آسڪر ايوارڊ حاصل ڪندڙ سندس فلم افريڪا بدريءَ ۾ رابرٽ ريڊ فورڊ ۽ ميرل اسٽريپ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا.

هاڻ ان سلسلي جي بهترين فلم "ڊيرسو اوزالا" جو ڪجهه ذڪر ڪجي. سوويت، جاپاني گڏيل پيشڪش ۽ جاپاني هدائتڪار آڪيراڪروساوا

ڪي روس جي ڏورانهين اوڀر جي بيابان ۾ ان فلم جي شوٽنگ ۾ ٽي سال لڳا. 1972 کان 1975 تائين تيار ٿيندڙ اها فلم روسي محقق ولاديمير آرسنيف (1872 کان 1930) جي يادگيرين تي ٻڌل آهي جيڪي ويهين صديءَ جي شروعات ۾ ڪيترين ئي تحقيقي مهمن جي حوالي سان ڪيل تحقيق بابت آهن. لڳ ڀڳ سڄي فلم جي عڪسبندي آئوٽ ڊور ڪئي وئي جيڪا جهنگ جي هڪ رهواسيءَ جي تمثيل تي تحقيق جو اظهار آهي جيڪو پنهنجي ماحول ۾ مڪمل طور تي گم ٿيل آهي ۽ جنهن جي دنيا آباديءَ ۾ واڌ سبب اڪثر طور تي تباهه ٿي ويندي.

درسو جي سرواڻيءَ ۾ پارو ٻٽيل ٽنڊرا ۾ زندگي بچائڻ واري مهم تي هلي ۽ هڪ اهڙي ڪٽنب سان ٿي ملي جيڪو کين خوراڪ ۽ ٻارڻ ٿو فراهم ڪري، مهم جي پڄاڻيءَ تي مهم جو سربراهه درسو کي شهر هلي اُتان جون آسائشون ماڻڻ جي نينڊ ٿو ڏئي پر درسو هڪ آزاد روح طور شهري ضابطن کان پاسو ٿو ڪري. اِها فلم سوويت سينيما جو سرتاج آهي ۽ ڪروساوا جي هدائتڪاري جڻ تہ ڪو معجزو. ان فلم جي بهترين خصوصيت فطرت سان بي لوث پيار ۽ پنهنجي اوسي پاسي واري ماحول سان پرجوش لاڳاپي جي ڪري هو پنهنجي هر ممڪن ڪوشش ٿو ڪري تہ ڪنهن جانور کي نہ مارجي يا فطري سونهن کي ڇيهو نہ رسائجي. سندس دنيا فطرت ۽ انجي قوتن سان من موهيندڙ ناتي سان ٽمٽار آهي. انهيءَ فلم 1976 ۾ بهترين پرڏيهي فلم جو آسڪر ايوارڊ پڻ حاصل ڪيو هو.

انجي پيٽ ۾ تازو ئي رليز ٿيل فلم موت جي منهن کان واپسي ڏسندڙ کي ٿڪايو ۽ ويڳاڻو ڪريو ڇڏي. اناريتو جي هدائتڪاريءَ ذريعي ڪجهہ غير معمولي ڏيکن ۽ ڊي ڪيپريو جي پرڪشش اداڪاريءَ جي باوجود فلم انتهائي سست رفتاريءَ سان ٿي اڳتي وڌي جيڪا ڏسندڙ چاهيندو تہ جيترو جلد ختم ٿئي چڱو ٿيندو.

فلمي منظرنامي ۾ ڪجهہ اهڙا حصا بہ آهن جيڪي ڪنهن بہ ريت حقيقي يا اعتبار ڪرڻ جوڳا نٿا ٿي سگهن مثال جي طور تي اِهو ڄاڻندي بہ تہ ريڊ انڊين پوئتي پيل آهن. ٻيڙي ڇڏي ڀاڄ ڪائڻ. زخمي ٽيم ميمبر کي هڪ اهڙي شخص جي نگرانيءَ ۾ ڇڏڻ جي ڪپتان جي خواهش جيڪو سائس



انتهائي غير دوستاڻو سياءُ ٿو رکي، سوين فٽ اونهي ڇپن ۽ لاهين کان ڊي ڪيپريو جو اعتبار نہ ڪرڻ جوڳي انداز ۾ ڪرڻ ۽ پيپ پيل گهاوَن سان برفاڻي پاڻيءَ ۾ جيئرو بچي وڃڻ. فلم اهڙي مهم جوئين سان ڀريل آهي جيڪي مٿي ذڪر ڪيل فلمن جي ڀيٽ ۾ انتهائي هلڪڙيون ۽ ڪمزور ٿيون نظر اچن، خاص طور تي جيڪڏهن ڪو درسوازالا ۾ جيئرو بچي وڃڻ جا انتهائي وسهڻ نہ جوڳا داستان ڏسي چڪو هجي.

# پهرين مهاڀاري لڙائي سينيما جي پڙدي تي

2015ع ۾ پهرين مهاڀاري لڙائيءَ جي سئو سالن وارو يادگاري ڪاڄ ٿيو. اِها هڪ اهڙي لڙائي هئي جنهن ٽي ايس ايلٽ کي ويهين صديءَ جي عظيم ترين نظمن مان هڪ ”دي ويسٽ ليند“ لکڻ تي هرکايو ۽ عبدالله حسين کي سندس ادبي شهپاري ”اداس نسلين“ لاءِ هڪ سگهارو پسمنظر فراهم ڪيو. ادبي فن پارن ڪانسواءِ مهاڀاري لڙائين تي انيڪ فلمون پڻ ٺاهيون ويون آهن.

مونکي تہ اُهي ڏينهن ٿا ياد اچن جڏهن اسين اداڪار وليم هولڊن ۽ اليڪ گينس جي فلم ”ڪوائي دريا تي پل“ (1957)، گريگوري پيڪ ۽ ڊيوڊ نيوين جي فلم ”دي گنز آف نيوران“ ۽ اسٽيومڪ ڪوئين ۽ چرڊاٽين برو جي مرڪزي ڪردار واري فلم ”حيرت انگيز ياڄ“ جهڙا شاهڪار ڏسڻ لاءِ پنهنجي ڪلاس مان گوهي هڻندا هئاسين. ڪو زمانو هو جڏهن پاڪستان ٽيليويزن جو اڪيلو چينل سپنن سان پريل شخص اسلم اظهر جي سربراهيءَ ۾ ويڪ اينڊ سينيما ۽ مڊ ويڪ اسپيشل



نشر ڪندو هو. انهن پيشڪشن سڄاڻ ڏسندڙن جي ذهني اُڄ اُجهائي. ٽيليويزن ذريعي تبليغ ڪندڙن اڃان اسانجي گهرن ۾ دخل اندازي نہ ڪئي هئي.

1960ع ۽ 1970 وارن ڏهاڪن ۾ پاڪستاني سينيمائن ۾ ڏيکاريون ويندڙ اڪثر جنگي فلمن جو بنيادي خيال جنگجوئن جا ڪارناما سامهون آڻڻ هوندو هو، جنهن ۾ انتهائي سورهيہ جنگي سورمن يا فوجي آفيسرن کي پيش ڪيو ويندو هو جيڪي فوجي سپاهين جي موتمار جنگجو بڻجڻ جي هرڪ جو سبب بڻبا هئا. 1970ع ۽ 1980 وارن ڏهاڪن ۾ وڏڻ ويجهڻ واري پاڪستاني نسل کي جهڙي ريت اِهو سمجهڻ ۾ ڪجهہ وقت لڳو تہ راڄر مور جي پيٽ ۾ وڏيڪ بهتر جيمز بانڊ شين ڪونريءَ جي صورت ۾ موجود آهي، ساڳي ريت ڪين اهڙيون فلمون ڳولهي ڏسڻ جي پڻ ضرورت آهي جن ۾ جنگ جي مدح سرائي ڪرڻ بدران انجي حقيقي مفهوم تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪيل هجي.

مونکي ياد نٿو پوي تہ ڪو پاڪستاني سينيمائن ۾ ڪڏهن پهرين مهاڀاري لڙائي تي ڪا چڱي فلم نمائش لاءِ پيش ٿي هجي. مهاڀاري لڙائيءَ جي حوالي سان جڏهن فلمن جو ذڪر ٿيندو آهي تہ صحافي ۽ تاريخدان ٽن فلمن کي غير معمولي ليکيندا آهن. انهن ۾ ”اولهندي محاذ تي سڀ خير“ (1930)، ”لاگريندباليوزن“ (1937) ۽ ”شان شوڪت جون راهون“ (1957) شامل آهن. انهن فلمن مان بہ جنگ جي بي ثمر هئڻ بابت ڪنهن پلي ڪتاب جي اپياس جهڙو ئي سبق ملي ٿو. انهن ٽنهي فلمن مان اِهو چئجي تہ ”شان شوڪت جون راهون“ سڀ کان بهتر آهي پر ان تي بحث کان اڳ پهرين ذڪر ڪيل ٻنهي فلمن جو حال احوال ڪجي.

”اولهندي محاذ تي سڀ خير“ جون هدائتون مالڊوواجي هڪ يهودي هدائتڪار ليوس مائل اسٽون ڏنيون هيون، اُن وقت سندس ڄمار ڏري گهٽ پنجٽيهہ ورهيہ هئي. انڪانپوءِ هُن اسانکي ”ڪرٿا ۽ مائٿهو“ (1939)، ”سمنڊ“ (1960) ۽ ”سخاوت تي بغاوت“ (1962) جهڙيون شاهڪار فلمون ڏنيون.

اِها فلم هڪ جرمن ليکڪ ايرڪ ماريا ريمارڪ (1898 کان 1970) جي لکيل هڪ ناول تي ٺاهي وئي جنهن مهاڀاري لڙائيءَ ۾ حصو ورتو هو ۽ ان

ناول ۾ بيان ڪيل گهٽي ڀاڳي واقعن جو هو اکيون ڏٺل شاهد هو. "اولهندي محاذ تي سڀ خير" ۾ شاگردن جي هڪ ٽولي ڏيکاري وئي آهي جيڪا پنهنجي اسڪول جي هڪ شائونسٽ اُستاد کان متاثر ٿي سندس ساٿاري ٿي بڻجي. اِهو جنون کين ڀيانڪ جنگ جي جهنم ۾ ٿو ڌڪي ۽ اِهي ڇوڪرا هڪ ٻئي پويان مارجي ٿا وڃن يا معذور ٿا ٿين.

اُن وقت تائين شايد ڪنهن ٻئي فلم ۾ دولاب ۾ ورتل نوجوانن جي سموري نسل جي نراسائي ۽ تباهيءَ جي عڪاسي نہ ڪئي وئي هئي. اِهو ماٽڪ جو "لڙهندڙ نسل" هو جنهن کي ٽي ايس ايليٽ جي ويسٽ لينڊ ورثي ۾ ملي هئي. "اولهندي محاذ تي سڀ خير" جرمن نقطي نظر سان ڏسجندڙ هڪ امريڪي فلم هئي جيڪا جنگ مخالف فلمن ۾ خاص طور تي شروعاتي سائونڊ سسٽم، ڪرين ذريعي عڪسبندي، سنگيت ۽ فوٽوگرافيءَ جي ماهراڻي استعمال لاءِ هڪ سنگ ميل واري حيثيت رکي ٿي.

لاگرينڊاليوزن جون هدائتون جين رينوا (1894 کان 1979) ڏنيون جيڪو ٻن سالن کانپوءِ فرانسيسي سينيما جو هڪ ٻيو شاهڪار "کيل جا ضابطا" (1939) ڏيڻ وارو هو. هتي انهيءَ ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪرڻ مناسب ٿيندو تہ سندس پيءُ پيئر اگست رينوا (1841 کان 1919) مشهور تاثر پسند چترڪارن مان هڪ هو. لاگرينڊاليوزن مختلف سماجي طبقن جي ٽن فوجين بابت آهي. پنهنجي دور جي نامور اداڪار ژان گابان پورهيت طبقي سان تعلق رکندڙ فوجيءَ جو ڪردار ادا ڪيو آهي. هو جرمنيءَ جي مختلف جنگي قيدين وارين ڪئمپن مان ڀڄي نڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ۽ پنهنجو پاڻ کي وچولي طبقي جي هڪ يهودي ۽ اشرافيائي طبقي سان تعلق رکندڙ هڪ آفيسر جي سٿ ۾ ٿو ڏسي، اڳتي هلي، اشرافيائي طبقي وارو همراهہ گذاري ٿو وڃي ۽ جرمن جنگ جي هڪ بيوهہ باقي ٻنهي ڄڻن کي سام تي ڏئي.

اِها فلم پڻ هڪ سچي ڪهاڻيءَ تي ٻڌل آهي جنهن ۾ ويڙهہ جو ڪو ڏيک ڏيکارڻ کانسواءِ طبقاتي وفادارين کي آڏو آڻيندي هڪ اثرائتو جنگ مخالف بيانيو جوڙيو ويو آهي جيڪو انکي فلمي دنيا جي تاريخ جو هڪ مستقل شاهڪار ٿو بڻائي.

پر جيئن اڳيئي لکيو ويو آهي تہ جنگي ذهنيت تي تباهہ ڪُن وار



"شان شوڪت جو راهون" جي صورت ۾ سامهون آيو. 1957 ۾ اسٽينلي ڪيوبرڪ (1928 کان 1999) انهيءَ فلم لاءِ هدائتون ڏنيون. يهودي ماءُ پيءُ جي گهر پئدا ٿيندڙ ڪيوبرڪ جي ڄمار ٽيهہ ورهيہ ئي مس هئي جو انهيءَ شاهڪار فلم جون هدائتون ڏنائين. سندس سماجي شعور جو ان مان ڪاٿو لڳائي سگهجي ٿو تہ سندس سموريون فلمون سماجي انصاف جو هڪ سگهارو سنيهو ڏين ٿيون ۽ جنگ لاءِ ڌڪار ٿيون پئدا ڪن جهڙي ريت "اسپارٽڪس" (1960)، "ڊاڪٽر اسٽرينج لو" يا "ڪهڙي ريت فڪرمند ٿيڻ ڇڏيم ۽ بم جي اُڪير ۾ وٺجي ويس" (1964) ۽ "مڪمل ڌاتوئي صدري" (1987) مان صاف ظاهر آهي.

شان شوڪت جون راهون پهرين مهاڀاري لڙائيءَ دوران 1916 جي هڪ سچي واقعي تي ٻڌل آهي. اِهو واقعو جنهن ۾ انساني حياتي ۽ وقار جو ڪو لحاظ نہ رکيو ويو هو، ڪنهن بيوقوفيءَ جو نتيجو نہ هو، انکري فرانسيسي فوجي عملدارن لڄ ۽ پڇاڙي کان بچڻ واسطي انکي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ واقعي جي رٿابندي ڪندڙ ٻہ جنرل هئا جن چاهيو ٿي تہ سندن ڪرنل جنهن جو ڪردار ڪرڪ ڊگلس ادا ڪيو آهي (وري هڪ يهودي، اِها ڳالهہ واقعي اچرج جوڳي آهي تہ عالمي سينيما، فن ۽ سائنس جي ڪيترن ۾ يهودين ڪيترين نہ وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن) خندقن مان نڪري پنهنجي فوجين جي سرواڻي ڪندي آنٽ هل نالي هڪ ويجهي جرمن چوڪيءَ تي حملو ڪري ان تي قبضو ڪري. انهيءَ مهم جا نتيجا انتهائي خطرناڪ نڪري سگهيا ٿي سو ڪرنل پنهنجي بالادست جرنيلن کي اهڙي ابهرائي نہ ڪرڻ لاءِ زور ڀريندو رهيو پر بيوقوف جرنيل پنهنجي ڦوند ڀرئي سپنن ۾ ايترو تہ مست هئا جو جڏهن ڪجهہ سپاهين جبل جي چوٽيءَ تي وڃي يقيني موت جو ڪاڄ بڻجڻ کان نابري واري تہ جرنيلن پنهنجي ئي فوجين کي گولين سان اُڏائڻ جو حڪم جاري ڪيو.

حڪم مڃڻ کان نابري وارڻ جي الزام تحت ٽن سپاهين کي قيد ڪيو ويو تہ جيئن جعلي ڪورٽ مارشل کانپوءِ ڪائنرتا ڏيکارڻ جي الزام هيٺ کين موت جي سزا ڏئي سگهجي. ڪرنل پنهنجي سپاهين جو بچاءُ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر سندس دليل ٺڏيا ويا. فلم ۾ بوٽن ۽ وردين پويان فوجي

سوچ جي ڪوڪلي پڻي جي ايترو تہ واضح انداز ۾ عڪاسي ڪئي وئي آهي جو فرانس سميت ڪيترن ئي يورپي ملڪن ۽ امريڪا جي فوجي سينيمائن ۾ ڪيترائي سال انهيءَ فلم جي نمائش تي پابندي رهي.

هيءُ اُهو دور هو جڏهن امريڪا ميڪارٿي ازم جي بار هيٺان دٻيل هو ۽ ڪوريائي جنگ جا نتيجا پڻ محسوس ڪيا پئي ويا. خندقن واري لڙائيءَ جا غير متوقع نتيجا ۽ واضح طور تي پيش ڪيل نقشو انهن آفيسرن جي انهيءَ ظالمائي سوچ جو انداز ظاهر ٿا ڪن جيڪي امڪاني مرتين جي شدت کان غفلت جو مظاهرو ڪري رهيا هئا.

جيڪي ماڻهو سازشي نظرين تي نوس سوال اُٿارين ٿا، تن کي انهيءَ حقيقت مان ڪجهہ مزو ايندو تہ انهيءَ غير معمولي جنگ مخالف فلم کي ڪوبہ اهم ايوارڊ نہ مليو. جيڪڏهن "ڪوائي دريا تي پُل" جي اهميت تي سوال اُٿاريو جنهن کي اُن سال بهترين فلم، بهترين اداڪار ۽ بهترين هدائتڪار سميت اٺ آسڪر ايوارڊ مليا تہ انکي "سازشي ٿيوري" ليکيو ويندو.

اِهو چئي سگهجي ٿو تہ "شان شوڪت جون راهون" کي شايد انڪري نامزد نہ ڪيو ويو جو ان ۾ اهڙا جنگجو سورما نہ هئا جيڪي توپن جو کاڄ بڻجڻ لاءِ تيار هجن.

هيءُ فلم فوجي ذهنيت تي هڪ ڪروڌ ڀريو ۽ خطرناڪ حملو آهي. اها اسان کي "ڪائرتا ۽ نامرديءَ" جهڙن تصورن تي سوال اُٿارڻ لاءِ همٿائي ٿي ۽ اهڙين جنگين کي نندڻ لاءِ هرڪائي ٿي جن ۾ سوچڻ سمجهڻ کانسواءِ اهڙين رتوڇاڻ وارين جنگي مهمن لاءِ "قرباني جا ٻڪر" چونڊيا وڃن ٿا جن جي ناڪامي اٽل آهي.

انهيءَ فلمن جو بنيادي نڪتو آفيسرن ۽ سپاهين وچ ۾ اورانگهي نہ سگهجندڙ طبقاتي وٿي آهي، جنهن ۾ آفيسر ڳجهہ ڳوهہ ۾ ترقيءَ لاءِ سازش ۾ رڌل ٿا رهن جڏهن تہ فوج جي عام سپاهين کي خندقن ۾ موت جو کاڄ بڻجڻ لاءِ بي واهرو ڇڏيو ٿو وڃي.

فوج جا اعليٰ عملدار پنهنجو پاڻ کي تحفظ ڏيڻ لاءِ جيڪو بيرحم ۽ ظالمائو ورتاءُ اختيار ڪندا آهن سو پاڪستان جهڙن ملڪن لاءِ ڪا اچرج جوڳي ڳالهہ ناهي.